ڪُتا

ناول

رسول ميمڻ

ڇاپو ٻيو

سڦلتا پبليڪيشن

سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان "سورهه" ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

ڪُتا

ناول

(پيو چاپو)

Soorih Mirani

ڪُتا

(ٻيو ڇاپو)

ناول

رسول ميمڻ

سڦلتا
پبليڪيشن، حيدرآباد

Soorih Mirani

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب نمبر: 19

ڪتاب جو نالو : ڪُتا
موضوع : ناول
ليکڪ : رسول ميمڻ
ڪمپوزنگ : خادم حسين جروار
ٽائيٽل ڊزائين : عباس ڪوريجو
پهريون ڇاپو : نومبر 2021ع
ٻيو ڇاپو : مئي 2022ع
ڇپائيندڙ : سڦلتا پبليڪيشن، حيدرآباد
E-11 ايس آر ٽي سي ڪالوني سامهون انبس هوٽل ٽنڊي
سڙڪ حيدرآباد
Cell:03333788478
Email: safalta.mag@gmail.com

قيمت 300

Kuta
(Novel)
Rasool Memon
First Edition: November 2021
Second Edition: May 2022
Published by: Saphalta Publication Hyderabad

پهرئين ڇاپي جي

ارپنا

سڌي ليک جي نالي

Soorih Mirani

ٻي ڇاپي جي

ارپنا

پنهنجي نياڻي لبنيٰ سومرو
۽ ان جي جيون ساٿي عبدالنبي سومري جي نالي

Soorih Mirani

ڪتا ناول- جذبن ۽ احساسن جو Volcano

رسول ميمڻ علامتي انداز ۾ گهڻو لکيو آهي. هن جي هر سٽ ۾ علامت آهي. علامتن ۾ لکندي هو هاڻي سنڌي ناول ۽ ڪهاڻي جي علامت بڻجي ويو آهي. هن وٽ سماجي حقيقت نگاري به چٽي آهي. رسول ميمڻ سنڌي افسانوي ادب ۾ حقيقت نگاري جو هڪ وڏو نالو آهي. رسول ميمڻ جا ناول ۽ ڪهاڻيون وڏي تحقيق طلب تخليقون آهن.

"ڪتا" ناول ۾ زندگي جيئن آهي ان کي اوئين پيش ڪيو ويو آهي جيڪڏهن مان ائين چوان ته اجا به واضح ۽ چٽو ڪري آندو ويو آهي ته ڪا خامي نه ٿيندي. زندگيءَ جي ڪڙاڻ ۽ تلخي. انهن جي حقيقتن جي سچائي ليکڪ پڙهندڙن کي ڏيکاري ٿو پوءِ پلي اهي ان کي پسند ڪن يا نه..!

سماج ۾ موجود وارتائن، حقيقتن کي ادب ۾ پيش ڪرڻ کي حقيقت نگاري چيو ويندو آهي ۽ رسول ميمڻ وٽ حقيقت نگاري جو وڏو ڏانءُ آهي. هو هڪ ڏاهي جيان انهن جي اپٽار ڪري ٿو.

"ڪتا" ناول جي ارپنا ڪان شروع ڪريان ٿو...

"سڌي ليڪ جي نالي..." مون ان کي پڙهي هڪ نظر وجهي، ناول پڙهڻ شروع ڪيو پڙهندي پڙهندي اچي هن سٽ تي اٽڪي بيهي رهيس...

"مانيٽر ۾ هلندي هڪ سڌي ليڪ ظاهر ٿي هو گذاري ويو." ص 58

منهنجي اندر ۾ وڍ پئجي ويا. ناول رکي سوچن ۾ پئجي ويس. اها سڌي ليڪ هن جي اولاد هئي. ان ليڪ کي اهي سمجهندا جيڪي ان جي ورن وڪڙن تي هليا هوندا. ان سڌي ليڪ هن کي ايڏو سور ڏنو جو هو اهي سهي نه سگهيو ۽ هن ناول ۾ سموهي سمهي پيو.

توڙي جو رسول سائين پيش لفظن ۾ هن ناول کي فڪشن چيو آهي، پر اڻ سڌي طرح ليکڪن جون تحريرون ان جي هنن جي حياتيءَ جو اولڙو هونديون آهن.

رسول ميمڻ جي هر لفظ ۾ گهرائي آهي، شعور ۽ ڏاهپ جو سنگم آهي. ناول جي پهرين باب جي پهرئين صفحي تي لکي ٿو:

"گهر خالي آهي ۽ دل ۾ ڪا جاءِ خالي نه آهي جنهن ۾ ياد وڌيڪ سوڙهه ڪري سگهي." ص_7

هي ناول پيڙائن سان ٻر آهي. جنهن ۾ هر صفحي تي سورن جي سڳنڌ ٿهليل آهي. جيڪا غمخوار ئي سنگهي سگهن ٿا. "ڪتا" ناول الميي جي ور چڙهيل انسان جو اهڙو داستان آهي جيڪو مختصر هوندي عاليشان آهي. رسول ميمڻ وٽ فلسفيانه لفظن ۽ محاورن جا ولر آهن جيڪي هو ايڏي سهڻي نموني سان هڪلي ٿو جو سڀ جو سڀ سجاڻپ ۾ اچي وڏو اثر ڪن ٿا.

رسول ميمڻ چوي ٿو: "دنيا ۾ اڪثريت ڏک جي سرمائيدارن جي آهي، هر ڪنهن وٽ ڏک جون تجوڙيون ڀريل آهن." هن ناول پڙهڻ

ڪان پوءِ مون کي هو مون کي سورن جو سرمائيدار لڳي ٿو. جيڪا صنعت هاڻي سنڌس جيون ساٿياڻي سنڀاليندي

ڪتا لفظ جو ذڪر مون اڳ ۾ اخلاق انصاريءَ جي ناول "اڌوهي" ۾ پڙهيو هو. جنهن ۾ هن ان کي خوفائتو ڪري پيش ڪيو آهي. رسول ميمڻ هن جي ننڍڙي ناول ۾ 29 هزار ۽ ڪجهه لفظ استعمال ڪيا ويا آهن ۽ انهن سيني لفظن ۾ ڪتا لفظ کي مختلف روشن، انساني نفسيات، سوچن ۽ موسمن ۽ انيڪ سارن خيالن علامتي طور چٽيو ويو آهي. هر سٽ ۾ هر شيءِ سان ڪتي جي لاڳاپيل ڳالهه ڪرڻ ناول نگار جي فن جو ڪمال آهي.

ڊاڪٽر رسول ميمڻ جڏهن ڊاڪٽر موهن بسنتاڻي سان انساني معاملن انهن جي حل ۽ خوشيءَ جي ڳولا تي بحث ڪري ٿو ته نجومي جو جهڙو لاجواب ناول تخليق ڪري وجهي ٿو. پر لاڪ ڊائون ۽ ڪرونا ويا ۾ جڏهن پوري دنيا تي هيبت ناڪي ڪيفيت طاري هئي انساني احساسن، جذبن ۽ زندگي جي جڏهن ڪا قدر قيمت نه رهي سماجيات جا جوهر ختم ٿيندا پئي ويا ته ان جي وهڪري ۾ ڊاڪٽر رسول ميمڻ اچي ويو ۽ ان ولوڙ ۾ هن ڪتا جهڙو ڪلاسيڪل ناول لکي ورتو.

هو لکي ٿو: "انسان ڪار آمد آهي جيستائين ان ۾ ٻار پيدا ڪرڻ جي توت آهي. هو ٻار پيدا ڪندو ۽ ڪمائيندو."ص_ 9

اها حقيقت آهي ته نسل نه وڌائڻ واري سماجي جانور کي هي چا پورو انساني سماج حقارت جي نگاهن سان ڏسي ٿو. ليڪ اها ڳالهه پوري ڪائناتي سچ/حقيقت جي پسمنظر ۾ لکي آهي. زندگيءَ جو ٻه اهوئي اصول آهي.

ان ئي احساس ۾ ليڪ هڪ ٻئي ڳالهه ٻه لکي آهي:

"اسين گوشت جا پرزا آهيون ۽ پنهنجو گوشت کائي پنهنجي مرمت ڪيون ٿا. ڪائڻ جي قابل نہ ٿا رهون تہ ناڪارا ٿي وڃون ٿا." ص_ 9

هن جملي ۾ ليڪڪ ڊاڪٽري واري لهجي ۾ حيات جي بي معنويت سمجهي بہ جڻ نہ سمجهائي سگهيو آهي.

هي پورو ناول Symbolism علامت نگاري، Satiriccalness طنز سان پريو پيو آهي. جنهن ۾ حياتي جي سمورن روپن جي تنقيد ۽ هجو گوئي آهي. جيئن هُو لکي ٿو:

"ڪتا فقير جي عزت ڪندا هئا پر سپاهين تي ڀونڪندا هئا." ص_ 10

هڪڙي مختصر جملي ۾ ڪيڏي نہ وڏي طنز آهي. هتي فقير جي معنيٰ پينو فقير واري ناهي. پر اها Paradoxical آهي. اهي سپاهي جيڪي سامراجي آهن. اهي نہ جيڪي وطن جي حفاظت ڪن ٿا. فقير جدوجهد ڪندڙ آهي ۽ ڪتا عوام.

ٻئي هنڌ لکي ٿو: "ڪتا اڪثريت ۾ هجن تہ ڀونڪڻ کي ڏاهپ سمجهيو ويندو آهي." ص_14

هتي بہ ليڪڪ Paradoxes الٽي معنيٰ ۾ ڳالهائي ٿو. جنهن کي هر پڙهندڙ پنهنجي سمجهہ آهر ٻي ڪو: ڪري سگهي ٿو. ڪتا هتي ڪتا نہ آهن پر بي قوف چئي سگهون ٿا. جاهل چئي سگهون ٿا يا وري سياستدان.

لکي ٿو: "ڪتن جا مقابلا ماڻهن جي ويڙهہ کان ان ڪري بهتر هوندا آهن جو ڪتن جي مقابلي ۾ مون ڪڏهن ڪتو مرندي نہ ڏٺو ۽ ماڻهن جي مقابلي ۾ ماڻهو ائين مرندا آهن جيئن ڪتو مري وڃي." ص_ 15

ڪتي جي خصلتن سان فلسفي جالينوس بہ گهڻو پيار ڪندو هو. ٻتي ڪٽي شهر جي گهٽين ۾ ڏينهن ڏٺي انسان ڳولهيندو رهندو هو.

هن جو وڏو سوال اهو هو تہ "اهو فلسفي ئي ڪهڙو جيڪو انساني جذبات زخمي نہ ڪري!" هي انساني ويڙهہ واري نفسيات ۽ جنگ جدل تي ڇتي تنقيد آهي. ماڻهو کي ڪتو يعني معمولي جانور ڇيو ويو آهي. رسول ميمڻ جي لفظن جي گهرائي تيز ۽ تکي آهي.

سائين رسول ميمڻ جي نثر ۾ غضب جي گهرائي ۽ فلسفو آهي. هن ناول ۾ جتي ڪتن واري علامت کي استعمال ڪيو ويو آهي اتي ناول نگار ماڻ تي ڳالهايو آهي ۽ ان کي هڪ ڪردار طور کڻي آيو آهي. آئون سمجهان ٿو هن ناول ۾ سمايل سور ليکڪ جو داخلي سور آهي. جنهن کي هن معروضي دنيا سان ڳنڍيو آهي.

لکي ٿو: "انسان جي زندگي جو خوبصورت حصو اهو آهي جيڪو ماءُ وٽ گذاري ٿو عورت جو سڀ کان سٺو روپ ماءُ جو روپ آهي. ڇو جو مون کي ياد آهي جڏهن ماءُ جي زخم تي مرچ ڀڏو ويو تہ مون محسوس ڪيو امان جي دل سڙي پئي آهي." ص_19

ليکڪ عورت جي ماءُ جي روپ کي ووٽ ڪيو آهي. جيڪو هن جو پنهنجو خيال آهي. عورت جا انيڪ سارا روپ آهن. جيڪي بہ انوکا آهن. هي ناول مونو لاگ ۾ لکيل آهي. جنهن جي سٽ سٽ ۾ ڪمال جو سرور آهي.

هن ناول جا ڪردار ڪهاڻي ٻڌائيندڙ جا ڀائر هن جي ماءُ، هن جي زال ۽ پٽ، ڏنار هائو مولوي ۽ ڪتا راڪو ڪتي سوسن، موهن هن جو دوست، ڀائو عيسائي، پڊي ڪتو، ٻوڊو نسلي ڪتي جو ڪردار آهن.

هو لکي ٿو:"انسان مذهب کي پاڻ تي سوار ڪري ٿو ۽ پوءِ مذهب جهڙو نظر اچي ٿو." ص_21

ليڪڪ ننڍين ننڍين فقرن ۾ پورا پسمنظر ڏنا آهن جيڪي سوچن جي ڪائنات خلقن ٿا. رسول ميمڻ جي مڪالمن جي معنيٰ ڳوڙهي هوندي به سليس آهي. اها ئي هن جي تخليقن جي وڏي خوبي آهي.

هڪ بيو پيش منظر ۾ پس منظر گڏ ٻن سٽن ۾ سمايل آهن:

"ڪتي جي حِس ماڻهوءَ ۾ به سمايل آهي، مون کي پنهنجي هندو دوستن مان ڀينڊين جي بوءِ ايندي آهي." ص_ 22

هتي به Paradox ابتي ڳالهه ٿيل آهي. ڀينڊين جي بوءِ کي ڏڄڻي هجڻ ۾ صفائي نه هئڻ جي تصور ۾ ڏنو ويو آهي. ڪتي جي حس ماڻهو ۾ آهي اها به گهڻ معنوي خيال ۾ آهي.

جديد انسان جي الميي کي ليڪڪ هيئن به ڏسي ٿو:

"جيڪڏهن ڪنڊرن جي حفاظت نه ڪئي ويجي ته ڪنڊرن جي جاءِ تي نيون عمارتون اڀجي وڃن ٿيون ۽ انهن کي ڪنڊر بڻجڻ لاءِ ڪيترائي سال انتظار ڪرڻو پوي ٿو." ص_ 22

هي ڪراچيءَ جي تاريخي جاين جي لاءِ لکيو ويو آهي. جتي تاريخي ماڳ مڪان محفوظ ناهن. والار جو وارو جاري آهي. ترقي جي ڪوڙي نعري ۾.

رسول ميمڻ جديد دؤر جي تقاضائن کي سمجهي ورتو هو ان ڪري هن وٽ مختصر لکڻ جو اعليٰ ڏانهن هو. جيئن هو هڪڙي جملي ۾ ورهاڱي کي بيان ڪري وڃي ٿو ۽ اهڙا ڪوڙ واقعا هو هڪ جملي ۾ چئي انهن تي طنز تنقيد ڪري اڳتي نڪري ٿو وڃي.

"مون کي بابي جي ڳالهين مان لڳندو هيو جيئن سنڌي ميمڻ هندوستان کان آيل ماڻهن جي رحم و ڪرم تي هجن." ص_ 24

"سنگتراش پٿر پري ڪري مجسمو ظاهر ڪندو آهي ۽ ڪتا ماس پري ڪري هڏا ظاهر ڪندا آهن." ص_25

زندگي جي Nothingness هو هيئن ڏسي ٿو:

"مون ڪي محسوس ڪيو زندگيءَ جو تجربو ڇهه پٽل مان سون ناهڻ آهي جيڪو سدائين ناڪام ويو." ص_32

ليڪڪ زندگي جي هر پهلو کي ڇهيو آهي. هڪ ڪتي پدي جي موت تي ڏڪائتو پيش ڪيو جنهن کي پڙهي اداس جي ڪوهيڙي ۾ ماٿهو گم ٿيو وڃي. ماءُ بابت ۽ ان سان ڪيل گفتگو گهڻي اثرائتي، احساساتي ۽ ڏاهپ سان سلهاڙيل آهي.

ماءُ بابت احساس جيڪي ليڪڪ جو الميو لڳن ٿا:

"امڙ ڪڏهن ڏک ۾ روئيندي هئي ته مان ڪيو اڳري نه سگهندو هيس." ص_36

"انسان جو مقدر اڪيلائي آهي ۽ امڙ جي اڪيلائي محسوس ڪري لڳندو هو مان به ائين اڪيلو ٿي ويندس." ص_37

"هوءَ مرڪي ۽ هن جي مرڪ پنجاسي سال پراڻي هئي، مرڪ شراب جيان پراڻي ٿي وڌيڪ اثرانگيز ٿئي ٿي." ص_37

هن ناول ۾ گهڻو ڏک پٽ جي ڪينسر واري باب ۾ پوريو ويو آهي. هڪ هڪ لفظ ۽ احساس هڪ وڏي حادثي جيان پاٺڪ جي من برپا ٿين ٿا ۽ سور جون سڻون ايرن لهن ٿيون. اهو ڏک رسول ميمڻ جو هو جيڪو هاڻي اسان جو ڏک ٿي پيو آهي. هي ناول سائين رسول جو ڪيٿارسس هو پر پوءِ به هو اوچتو جڳ پلي ويو.

هو ارمان مان لکي ٿو:

"منهنجا پٽ توکي اجا دنيا ۾ گهڻا ڪم ڪرڻا هئا. تون نه پيار ڪيو نه عشق ڪيو. تنهنجا ٻار ٿين ها. مان انهن کي سيني سان لائي پيار ڪيان ها.

تون پل منهنجو سهارو نہ ٿئين ها پر تنهنجي هڪ دنيا هجي ها جنهن ۾ تون خوش گذارين ها.“ ص_63

هڪ پٽ دنيا ڇڏي وڃي ٿو تہ ٻيو پٽ گهر ڇڏي وڃي ٿو. اهي سور سهڻ ڪان مٿي هجن ٿا ۽ انسان جهڙي پوي ٿو. پوءِ هو سوچي ٿو:

”اها چوڏهين جنوريءَ جي گرم رات هئي. جڏهن منهنجي نرڙ جا پگهر نہ پئي سڪا ۽ منهنجو پٽ ماءُ ڪان موڪلائي ٻار وٺي ڪينيڊا روانو ٿي ويو.“ ص_84

اداسي جي ويا ڇا تہ لفظن جي ڪاريگري ۽ گهرائي آهي.

”پٽ جي وڃڻ ڪان پوءِ اداسي ويا جي صورت ۾ ورانڊن ۽ ڪمرن جي اونداهہ ۾ لڪي ويهي رهي“ ص_85

رسول ميمڻ سنڌي فڪشن جو رسول آهي. هو فقرن ۾ ڳالهائيندو هو. هن جي شخصيت پراسرار آهي. جنهن ۾ معصوميت آهي طلسماتي طرز جي مرڪ سان هُو پنهنجو ڪندو هو. سنڌي ادب ۾ هن جا ناول گهڻا منفرد ۽ اعليٰ آهن. سراج ميمڻ ڪان پوءِ رسول ميمڻ جا ناول سنڌي ادب ۾ فني ۽ فڪري نهج جي اوچاين کي ڇهن ٿا.

رسول ميمڻ جي ناولن ۾ جديديت جي مڙني لاڙن جا اولڙا آهن تہ سنڌي سماج ۽ تاريخ جا تذڪرا بہ آهن. داخليت سان هو دنيائون جوڙي ۽ ٽوڙي ٿو. جنهن ۾ هن جا پڙهندڙ ۽ ڪردار هڪ عجب ڪشمش ۽ هيجان ۾ هلن ٿا. ”ڪتا“ ناول بہ رسول ميمڻ جي تخيل جي اها اڏام آهي جنهن ۾ انساني انسيت ۽ استعاري جو وڏو الاپ آهي. ڪتا هڪ علامت آهي، جيڪا سولي بہ آهي تہ ڏکي بہ آهي جيڪو سمجهي ويو اهو سمجهي ويندو تہ رسول ايڏي وڏي ڳالهہ ڪتا لفظ ۾ لڪائي ڪٿين ڪري ڏور هليو ويو آهي. پر اها ڳالهہ ڳائبي رهبي.

هي ناول جذبن ۽ احساسن جو Volcano آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ههڙو ڪلاسيڪل ناول اڃ ۾ نہ لکيو ويو آهي. رسول ميمڻ جي لکڻ جو ڍانچو فلسفيانہ ۽ پاتار مان پنا ڪيڻ برابر آهي. اندر جون اوتون سائين رسول جي ٻين ناولن ۾ بہ آهن پر هي ماسٽر پيس آهي. جنهن جي سٽ سٽ ۾ جماليات جي هزارين رنگ آهن. جن تي وري وري ۾ لکڻ لاءِ گُوڙهي اپياس هجڻ لازمي آهي. منهنجي خوش نصيبي آهي تہ سائين رسول ميمڻ هي ناول مون کي ڇپڻ لاءِ ڏنو اهو هڪ اعزاز بہ آهي. بدنصيبي اها آهي تہ سائين وڇوڙي کان بہ ڏينهن اڳ ناول جي باري ۾ پڇيو هو تہ ڪٿي پهتو. ساري عمر اهو افسوس رهندو تہ سائين پنهنجو هي ناول ڏسي نہ سگهيو.

هن ناول جي ڇپائي ۾ سائين سعيد سومري جون صلاحون وساري نہ ٿيون سگهجن. پرين پياري يار عباس ڪوريجي جا وڏا ورڻ جنهن ناول جا ڏاڍا ڀلا سرورق ٺاهيا آهن. سهڻي دوست اصغر شر بہ هن ناول جي ٻي ايڊيشن وقت پروفن ۾ ڏسڻ ۾ مدد ڪئي. سپرين نور جوڻيجي سان بہ هن ناول جي ڇپائي ۽ ان جي روبرو سائين رسول کي عرض ڪرڻ تائين ڪوڙ سارين ڳالهين بحث ڪندا رهياسين جڏهن هي ناول ڇپجي آيو.

هوش محمد ڀٽي

پيش لفظ

جڏهن ماضيءَ ۾ جهاتي پائي يادگيرين جي دنيا ۾ وڃان ٿو ته انسانن سان نفرت ۽ ڪتن سان پيار ٿي وڃي ٿو. مون پوڀان سوين ڪتا پڇ لوڏيندا اچن ٿا. وقت جهنگلي جانور آهي. ماضي ڪتو حال گهوڙو ۽ مستقبل شينهن آهي.

پوئتي ڪنڌ ورائي نهاريان ٿو ته لتاڙيل راهن تي ڪتن کان سواءِ ڪجهه نظر نه ٿو اچي. منهنجي حياتيءَ جا ڪردار ڪتن ۾ تبديل ٿي وفاداريءَ حلف کڻن ٿا. انسانن مان اميد رکي سگهجي ٿي ته اهي توهان کي اڪيلو ڇڏي ويندا. ڪتن مان اهو آسرو رکي سگهجي ٿو ته اهي توهان جي اڪيلائين جو ساٿ ڏيندا.

ننڍي هوندي کان ڪتن پالڻ جو شوق رهيو آهي. لاتعداد ڪتا منهنجي ذهن ۾ آهن. هتي ڪجهه ڪتن جو ذڪر ڪيو اٿم. جڏهن ڪتن کي ياد ڪيو ته انهن پوڀان ڪيترائي چهرا ياد آيا. جيئن ڪتن کي ياد ڪندو ويس, چهرن جو ذڪر پنهنجو پاڻ ٿيندو ويو. مون ڪتن تي لکڻ پئي چاهيو پر انسانن جو ذڪر ٿي ويو.

الميا ۽ حادثا زخمي ڪتا آهن. زخمي ڪتا پنهنجا زخم چٽيندا آهن. ڪتن جا زخم تازا هوندا آهن ۽ ساوڻ زخمن تي منهنجي دل رت جا ڳوڙها ڳاڙي ٿي. زندگيءَ ۾ ڏڪ لڳندا آهن. زخم چٽي ويندا آهن. ڪن

ڏکن جا نشان متجي ويندا آهن. ڪن ڏکن جا نشان رهجي ويندا آهن جن کي توهان کان سواءِ ڪو بہ ڏسي نہ سگهندو آهي. ماضيءَ کي ياد ڪرڻ زخم کوٽڻ آهي. ڪڏهن سوچيندو آهيان, اهي زخم ئي آهن جن جي عذاب کان ماڻهو جيئرو آهي. انسان اڪيلائين جو دعويدار ٿي اڪيلو نہ آهي. هو پاڻ سان گڏ آهي. يادون هن چوڌاري پاليل ڪتن جيان گهمن ٿيون ۽ هڪ ڪتو ڪيترن ئي انسانن برابر آهي. ڪيترائي چهرا هڪ ڪتي جي روپ ۾ توهان چوڌاري موجود رهن ٿا. اڪيلائي عياشي آهي, جيڪا توهان کي ڪڏهن نصيب نہ ٿي ٿئي. ڇو جو يادن جا ڪتا توهان جي اڪيلائيءَ کي متاثر ڪن ٿا.

لاشعور رولو ڪتو آهي, جنهن جو ڇڪ ماڻهوءَ کي ڇريو ڪري ٿو. انسان اڪيلائيءَ سان ڳالهيون ڪري ٿو. اهو وڦلي ٿو. ان کي پنهنجو چهرو ٻين جو چهرو محسوس ٿئي ٿو ۽ ٻين جو چهرو پنهنجو چهرو محسوس ٿئي ٿو. اهو تصور ۾ جيئي ٿو ۽ حقيقت ۾ مري ٿو.

لکڻ کان اڳ مون ڪتن جي ٻولي سکڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪتن جي ٻولي لفظ نہ علامتون آهن. ان ڪري توهان کي ناول ۾ هر هنڌ علامتون نظر اينديون. جڏهن ڪائنات نهي هئي, لفظ نہ هيا تہ ڪتن جي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. ڌرتيءَ تي پهريون صحيفو ڪتن جي ٻوليءَ ۾ هيو پوءِ ماڻهن جيئن لفظ ٺاهيا تہ اهي ان صحيفي کان پري ٿيندا ويا. ڪتا اڄ بہ ان صحيفي تي عمل ڪن ٿا. انهن جو مذهب انسان دوستي ۽ مالڪ جي حفاظت آهي.

هيءَ ناول فڪشن آهي. آتم ڪٿا نہ آهي. فڪشن جي حد اتان شروع ٿئي ٿي, جتي حقيقت جي حد ختم ٿئي ٿي. هن ناول جا ڪتا ناياب آهن. ليڪڪ تصور جي ڪائنات خلقي ٿو ان ڪري اهي ڪتا منهنجا خلقيل آهن. مون ڪتن کي ڳالهائيندي ۽ ڳائيندي ٻڌو آهي. انهن کي روئيندي ۽ کلندي ڏٺو آهي. اهي سڀ منهنجا شخصي ڪتا آهن.

ماڻهن جو مشاهدو ڪتن جي تعريف تي مجبور ڪري ٿو ۽ ڪٿي مون ڪتن جي صدقي ماڻهن جي تعريف ڪئي آهي. انسان کي محنت جي سلي ۾ ڪا ميٽا نہ ٿي ملي. هو سڄي زندگي ڀوڳي ٿو. ڀوڳنائن جو ڪو قدر نہ آهي نفرتون ان جو نصيب آهن. ان ڪري محبت لاءِ نفرت کان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ نہ آهي.

هن ناول جو پروتا گونست "مان" آهيان ۽ سڀ ڪردار "مان" چوڌاري ڦرن ٿا. اهو "مان" مان نہ آهيان پر "مان" جهڙا اڪيلا انسان آهن. اهي پنهنجين اڪيلائين کي دور ڪرڻ لاءِ ڪتن کي ياد ڪن ٿا ۽ ڪتا انهن جي تصور ۾ ڀونڪي خاموشيءَ کي ٽوڙي وجهن ٿا. ڪتا علامت آهن. اهي ڪٿي نيڪي جي علامت آهن تہ ڪٿي بديءَ جي. اهي نفرت ۽ پيار جي علامت آهن. خوشيون ڪائنات جي کهڙي ڪنڊ ۾ ورهائجن ٿيون. مون کي خبر نہ آهي. دنيا ۾ اڪثريت ڏک جي سرمائيدارن جي آهي، هر ڪنهن وٽ ڏک جون ٽجوڙيون ڀريل آهن. ڏک بہ علم جيان آهي، جيئن علم ورهائڻ سان وڌندو آهي، ائين ڏک ورهائڻ سان ڪٽهن نہ ڪٽندو آهي. خوشين جو ذڪر ڪرڻ، جنن جو ذڪر ڪرڻ آهي ۽ جن نہ آهن.

مون لکڻ کان سدائين توبهہ ڪئي آهي پر نشي جي عادت کان ڪير بچيو آهي. هر دفعي لکي توبهہ تائب ٿيندو. آهيان تہ وري نہ لکندس پر وري لکندو آهيان. حقيقت اها آهي، نہ لکندس تہ مرندس. ويا جي ڏينهن ۾ لاڪ ڊائون ۾ گهر اندر ايڏو تہ بيزار ٿيس جو بيزاريءَ جو سبب معلوم نہ ٿيو پوءِ سوچيم اهو سڀ نہ لکڻ ڪري آهي. لکڻ شروع ڪيم تہ سڪون محسوس ٿيو.

ناول لکڻ لاءِ "مان" جو ٿورائتو آهيان، جيڪو مون وٽ آيو ۽ مون کان ناول لکرايو.

رسول ميمڻ
ڪراچي

(۱)

"راڪو" جيڪو هڪ ڪتو آهي، اهو در ٻاهران ويٺل آهي. ڪمري ۾ مان ان جا سڏڪا محسوس ڪري رهيو آهيان. مون ڪلهه ان کي گهر مان ڪڍي ڇڏيو. مان جيڏو ڪتن جي ويجهو رهيو آهيان، ايڏو انهن مان بيزار رهيو آهيان. ڪتن جي پونڇ مٿي سان ٽڪرائبي آهي ۽ لڪندي قلم ائين ڇڏائجي ويندو آهي جيئن ويٺيءَ وٽان هٿ ڪٽجي ويو هجي.

ڪتي کي ٻاهر ڪيڻ جو سبب منهنجي وحشت آهي. جڏهن ننڍو هوندو هئس ته خوشيءَ جو احساس وڌيڪ هوندو هيو. جوان ٿيس ته مايوسي طاري ٿي ۽ هاڻي وحشت طاري آهي. وحشت انڪري ته دنيا ۾ هر شيءِ بي وفا آهي، پيا ته آهن پر انسان پاڻ سان به وفادار نه آهي. هو زندگيءَ جي هر گذرندڙ پل ۾ پاڻ سان بي وفائي ڪندو اچي ٿو. جيڪي اڄ آهي اهو ڪلهه نه هيو ۽ جيڪي ڪلهه هيو اهو سڀاڻي نه هوندو.

ڪتو ڪڏهن به بي وفا نه هوندو آهي پر بي وفائيءَ جي احساس مون کي يقين ڏياريو آهي ته هر شيءِ بي وفا آهي ۽ ڪتو ضرور بي وفا هوندو.

در ٻاهران ڪتو ٻڪ ٿي آهي ۽ مان گهر اندر ڏڪندڙ هٿن سان ڇپيو ڪائي رهيو آهيان. گهر ۾ اڪيلو آهيان. گهر خالي آهي ۽ دل ۾ ڪا جاءِ خالي نه آهي جنهن ۾ ياد وڌيڪ سوڙهه ڪري سگهي.

ڪڏهن گهر خالي نه هيو اهو ڀريل هيو. گهر ۾ ٽهڪن ۽ روئڻ جا آواز ايرن ته اهو خالي نه هوندو آهي. هن گهر ۾ به ڪڏهن ٽهڪن ۽ روئڻ جا آواز گونجيا. هاڻي خاموشي آهي. ڪيترا چهرا مون ڇوڏاري ڦري رهيا آهن ۽

ڪيترا ڪتا بود مستيءَ مان ٻڪي رهيا آهن. مون کي پنهنجا عزيز ۽ ڪتا ياد آهن.

مون کي ڪتن سان پيار جي پيدائشي بيماري آهي. شايد ڪتن سان پيار جي اهڙي موروثي بيماري منهنجي ٻارن ۾ منتقل ٿي.

ننڍي هوندي مون کي روڊ سان هڪ لاوارث ڪتو نظر آيو ان وقت منهنجي عمر پنج سال هئي. اهو اڇي رنگ جو گلر هيو. جيڪو لاوارث هوندي خبر نه آهي ڪيئن تندرست ۽ توانو هيو. ٿي سگهي ٿو ڪجهه وقت پهريان ماءُ جي ٿڻن کان الڳ ٿيو هجي ۽ لاوارث گهٽين ۾ ٺاٻا کائيندو هجي. مون ان کي هٿن ۾ کنيو ته ان جڻ رضامندي ڏيکاري. جيپ وات مان ڪڍي مرڪڻ لڳو. ڏاڍو ڀورو گلر هيو. ان کي ڪٽي ٽورو هليس ته سهڪڻ لڳس. ٿڪجي پيس. گلر کي هڪ دڪي تي رکيو ۽ ساهه پٽڻ لڳس. وري کنيو ۽ هليس ته وري ٿڪجي پيس. ائين ساهيءَ کان پوءِ ساهي پٽيندو گهر پهتس. امڙ منهنجي اهڙي حالت ڏسي ڪاوڙجي پئي ۽ ڇڙٻون ڏنائين.

"ڏس ڪتي جي وارن ۾ جيت ٽا گهمن." ان چيو.

مون ڇڻ پهريون دفعو ڪتي کي ڏٺو. ڪتي کي هيٺ لاٿو ۽ اهو گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ ويهي رهيو. امڙ منهنجا هٿ ڌوتا ۽ وهنجاري صاف ڪپڙا پارايا.

"ان کي ٻاهر اڇلي اچ." امڙ چيو.

"نه" مون جواب ڏنو. "ان کي پاليندس."

امڙ گهڻو ئي سمجهايو پر نه مڙيس ۽ ڪتي کي ڇيو ڪارائي ڏسندو رهيس.

گلر سهڪي، جيپ ڪڍي مون ڏي ائين ڏسي رهيو هو جيئن چوندو هجي. "جنت ملي وئي."

مون ڪتي جي صفائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ان جا وار صاف ئي نه پئي ٿيا. ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، ان کي حوض ۾ وٺي ويس ۽ وهنجاريو پوءِ گهر جي وچين ڪمري ۾ پڳل ڪٽ هيٺان رکي آيس. اهو ڪمرو گهر جي اسٽور طور استعمال ٿيندو هيو. اونده هوندي هئي ۽ ان جون ٻوريون هڪ

پئي مٿان سٽيل هونديون هيون. جڪتو پڳل ڪٽ هيٺان ويهي رهيو ۽ مون اونده ۾ ان جون اکيون ڏٺيون جيڪي ٽانڊن جيان چمڪي مون ڏانهن ٻي وسيءَ مان نهاري رهيون هيون.

رات گذري، مان صبح جو اٿي وچين ڪمري ۾ ويس. ڪتي کي ٻچڪر ڏئي سڏ ڪيم ته نه آيو. ڏٺم جڻ سهيل هجي. هٿ وڌائي سوريم ته اهو مئل هو.

منهنجي لاءِ حيرت جي ڳالهه هئي، رنم ۽ امڙ آئي. ان جڏهن ڏٺو ته ڪيس افسوس ٿ . يقين نه پئي آيو.

"ڇو مري ويو؟" ان جڻ منهنجو سوال مون کان پڇيو. سوال جو جواب نه مون وٽ هيو نه امڙ وٽ. گلر کي گند تي اڇلايو ويو. ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا ڪارآمد آهي، سڀ شيون ناڪارا آهن. شيون ڪارآمد ايستائين آهن جيستائين ناڪارا نه ٿي وڃن. انسان ڪارآمد آهي جيستائين ان ۾ ٻار پيدا ڪرڻ جي قوت آهي. هو ٻار پيدا ڪندو ۽ ڪمائيندو. محنت مزدوري ڪندو، پوءِ ٻار وڏا ٿي محنت مزدوري ڪندا ۽ هو اپاهج ٿي ويندو. ڪتي جيان در تي پيو هوندو. ٻين جو محتاج هوندو. ڪنگهندو ۽ پونڪندو.

اسين گوشت جا پرزا آهيون ۽ پنهنجو گوشت کائي پنهنجي مرمت ڪيون ٿا. کائڻ جي قابل نه ٿا رهون ته ناڪارا ٿي وڃون ٿا.

اڄ ڪلهه مون وٽ ڪتن لاءِ احترام نه رهيو آهي. گهر جي ٻاهران راڪو ڪنهن ٻار جيان روئي رهيو آهي. ڪنهن به ڪتي کي داخل ٿيڻ جي اجازت نه آهي. پر منهنجي يادن ۾ سوين ڪتا ڊوڙن ٿا.

(2)

ڪڏهن ڪتن سان شهر جون گهٽيون ڀريل هونديون هيون. امڙ جي اولاد مان سڀ کان وڏو مان هيس. امڙ ٻڌائيندي هئي جڏهن ٻن سالن جو هيس ۽ پير پيرَ ٻڌي هلڻ شروع ڪيو ته گهر ۾ هڪ ڪتي هوندي هئي. اها ڀٽڪيل ڪتي گهٽين ۾ ٿاٻا کائيندي اسان جي گهر آئي. ڪيس ٻکايل سمجهي ڇڏيو ڪارايوسين ته هن گهر جي ٿي وئي. سڄو ڏينهن اڱڻ ۾ ان ڪونر وٽ ليٽيل هوندي هئي. جنهن ڪونر وٽ ڪڏهن مينهن ٻڌل هوندي هئي.

تن ڏينهن امن هوندو هيو گهرن جا در کليل هوندا هيا ۽ ڪتا آزاد هيا. اهي ٻاهر گهمي گهر اچي وڃي سگهندا هيا. خدا هر شيءِ کان بچائي پر ڪتا چورن کان بچائيندا آهن. انهن ڏينهن چور گهٽ هيا. سپاهين کي خاڪي چڊيون ٻاتل هونديون هيون ۽ لٺ ساڻ هوندي هئي. ڪتا فقيرن جي عزت ڪندا هيا پر سپاهين تي ڀونڪندا هيا.

امڙ ٻڌايو ته هڪ دفعي تيز مينهن وسيو هيو گپ هئي. مان وکون کڻندو اڱڻ ۾ آيس ته پير ترڪي پيو ۽ ڪِري پيس. ڪتي پريان ڊوڙندي آئي ۽ مون کي پويان قميص ۾ چڪ وجهي اٿاريو. مان روئي رهيو هيس. ڪتي پڇ لوڏي اهڙا آواز ڪڍي رهي هئي جيئن مون کي پرچائڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

امڙ مون کي ننڍپڻ جو قصو ٻڌايو ته ڪتن سان منهنجيون همدرديون وڌي ويون. امڙ چوندي هئي عرش تي ڪتو انسان کان اڳ موجود هيو. جڏهن خدا آدم کي مٽيءَ مان ٺاهيو ۽ اجان آلو هيو ته ڪو ڪتو آيو ۽ آدم کي پيٽ وٽان سنگهي ويو خدا کي اها ڳالهه نه وڻي. ان پيٽ وٽان آدم جي مٽي ڪيري اڇلائي ته ڏن ٺهيو.

"امڙ ان ڏينهن ڏي جي اڇلايل مٽي ڪاڏي وئي؟" مون پڇيو هيو.

"ان ڏن جي مٽيءَ مان انسان جو نفس ٺهيو." امڙ جواب ڏنو.

مون امڙ کان پڇڻ چاهيو پر پڇي نہ سگهيس تہ "جڏهن ڪتو موجود هيو تہ انسان جو ڪهڙو ضرور هيو؟"

هاڻي مان سوچيندو آهيان، اهو عرش جو ازلي ڪتو ڪاڏي ويو جنهن جو ذڪر امڙ کان سواءِ ڪنهن نہ ڪيو؟

انسان خدا جو روپ آهي ان ڪري ڪتا پالي ٿو جمڻ سان هر انسان ڪافر هوندو آهي پوءِ هو ماءُ جو مذهب اختيار ڪندو آهي ۽ ان جي ٻولي ڳالهائيندو آهي. پينگهي ۾ سهيل ٻار جي ڪنن ۾ ماءُ جي لوليءَ سان گڏ ٻولي بہ داخل ٿيندي آهي پوءِ ٻار سڄي زندگي اها لولي ڳائيندو آهي.

امڙ ٻڌائيندي هئي، ڪتيءَ جم ڪيو تہ اڳڻ گلرن سان ڀرجي ويو. ڇٽ ڪمرا گلر ڇپ ڪيڏي گهمندا هيا. ٿورا وڏا ٿيا تہ گهر کان ٻاهر ويا ۽ روڊن تي ڦيٿن هيٺان چيپاٽجي مئا.

مون سوچيو اسان وٽ ڪتن جي حفاظت نہ ٿيڻ باوجود ڪتا آهن ۽ اهي ڪتا انسانن مان خوش آهن. ڪتي ۾ نفس نہ هوندو آهي پر ڪتو نفس جيان انسان ۾ موجود هوندو آهي.

امڙ وڏيڪ ٻڌايو "پوءِ اها ڪتي گهر کان ٻاهر ڪڍڻي پئي."

"ڇو؟"

"ان ڪتيءَ مان سڀ بيزار ٿي ويا. هر هر جم ڪندي هئي ۽ ان جا گلر هر هر مرندا هئا."

مون اهو سوچي ٿهڪ ڏنا تہ ڪتن جا لنگها نہ هوندا آهن. ڪتا گهور نہ گهوريندا آهن. جنهن زندگيءَ جي ابتدا خوشيءَ سان نہ ٿئي، ان زندگيءَ ۾ الميہ کان سواءِ ڪجهہ نہ هوندو آهي. دنيا جي ابتدا ائين ٿي آهي جيئن ڪتيءَ جم ڪيو هجي ۽ ڪنهن لنگهي دهل نہ وڄايو هجي.

امڙ جي اها ٻڌايل ڳالهہ مان وساري نہ ٿو سگهان. هن ٻڌايو تہ تنهنجي ڏاڏي هڪ ڏينهن بيزار ٿي، ڳوٺ کان ماٺهو گهرايو ۽ ٽڪو ڏئي ڪتيءَ کي رسو ٻڌي ان جي حوالي ڪيو تہ تمام پري وڃي ڇوڙي ڇڏيہ انڪري تہ گهڻا پيرا شهر کان ٻاهر ڇڏي آيا هئاسين پر اها گهر ڳولي موٽي ايندي هئي. ڏاڏو

جنهن کي پريو مڙس سڏيندا هيا. ان ڳوناٽي کي رسو ڏئي روانو ڪيو ته رستي ۾ ڪيس هڪ شخص مليو جنهن سمجهيو شايد وڏي نسل جي ڪتي آهي. اهو ڳوناٽي وٽ ويو ۽ پڇيائينس،

"ڪتي وڪڻندين؟"

ڳوناٽي حيرت مان "ها" ڪئي.

"گهڻي؟" راهگير سوال ڪيو.

"ٽي پئسا" ڳوناٽي جواب ڏنو.

راهگير کي سودو وڻيو ۽ ڳوناٽي کي ٽي پئسا ڏئي، ڪتي وٺي راهي ٿي ويو.

اهو ڳوناٽو جڏهن به ڏاڏي وٽ ايندو هيو ته اهو قصو ٻڌائيندو هو ۽ ڏاڏو چوندو هيو "ٽن پئسن جي ڪتي، ٽڪو گهلاٽي"

ان ڏينهن کان پوءِ ڪتيءَ جو ڪجهه مُلهه وڌيو نه ته هر ڪو چوندو هيو "ٽڪي جي ڪتي، ٽي پئسا گهلاٽي"

ڏاڏي جا تهڪ مون ۾ گونجن ٿا. ماٺهو چوندا هيا، تون واحد ڇوڪر آهين جيڪو صفا پنهنجي ڏاڏي تي آهين ۽ مون کي محسوس ٿيندو آهي مان صفا ڏاڏي وانگر آهيان. مون کي به ڪتن جي پونڪ نه ٿي وڻي ڇو جو جڏهن ڏاڏو مرڻ ويجهو هيو ته ڪيس ڪتي جي پونڪ نه وڻندي هئي.

امڙ وٽ ڪتن جا وڏا قصا هيا. هوءَ ٻڌائيندي هئي، مان ننڍ مان ڪتي جي پونڪ تي جاڳي پوندو هيس. هن هڪ ڏکوئيندڙ قصو ٻڌايو جيڪو سندس مامي سان پيش آيو. هن جو مامو جنهن جو نالو عبدالله هو ڳوٺ جو سهڻو ڇوڪر هيو. ان کي هڪ ڪتي چڪ پاتو. اهو وڏيري جي اوطاق جو ڪُتو هيو. ٿلهو متارو ۽ صحتمند. امڙ جو مامو جيڪو ڏهڙو هوندو هو اهو اتان لنگهيو ته ڪتي حملو ڪيو.

ماٺهو ڪتي اڳيان شينهن ٿي لنگهي. ڪتي کي ڏهڙي شخص ۽ سيهڙ ۾ ڪو فرق محسوس نه ٿيندو آهي. امڙ جو مامو هيٺ وڃي ڪريو ۽ ڪتي ان کي چڪ وڌا. هوءَ ٻڌائيندي هئي، جڏهن ڪيس گهر ڪڍي آيا ته هو ائين هيو جيئن ٽماٽا پچي راس ٿيا هجن. هن جو جسم سنهي ڏانديءَ جهڙو هيو جنهن تي موت جا نشان ساون پنن جيان پئي لڙڪيا. مامون پاٽيءَ

ڏيڍڙي جي بيماريءَ کان نہ مئو پر گھرن زخمن جي ڪري ان جو موت واقع ٿيو. موت کان اڳ وڏيري هڪ ڪوٺو صاف ڪرائي. کير سان پرايو ۽ پوءِ مامي کي ان ۾ وجهرائي ڇڏيو. حڪيم جو چوڻ هيو تہ کير تاثير ۾ ٿڌو آهي اهو زخمن کي فائدو ڏيندو. ٽن ڏينهن کان پوءِ کير هيڊو ٿي ويو جيئن امڙ جي مامي جو روح چوسي ويو هجي.

روح کان وٺي نفس، من ۽ مرادن تائين هر شيءِ کي رنگ آهي ۽ اهو رنگ وقت تي ظاهر ٿيندو آهي. انهن رنگن کي ڪڏهن ڏسي نہ سگھبو آهي. پر محسوس ڪبو آهي. ڪي امڙا رنگ هوندا آهن جن کي بيان ڪري نہ سگھبو آهي. اڄ جو رنگ پاڻيءَ جهڙو هوندو آهي. چون ٿا پاڻيءَ کي رنگ نہ آهي پر ڏنو وڃي تہ پاڻي پاڻ رنگ آهي. ٻڪ جو رنگ ايڏو تہ گھاٽو هوندو آهي جو ٻڪايل ان رنگ ۾ لڪيل هوندو آهي. خوشي، ڏک، وفا ۽ بي وفائيءَ جا رنگ ٿهڪن ۽ ڳوڙهن ۾ ظاهر ٿيندا آهن.

امڙ جو مامو ڪوٺو ۾ پيل کير ۾ فوت ٿي ويو. منهنجي ناني ڪتي کي مارڻ لاءِ وڏيري کان اجازت گھري. وڏيري ڪيس اهو سوچي اجازت ڏني تہ پوڙهي جو خير نہ آهي. اهو بہ ڪتي هٿان ماريو ويندو. نانو هڪ بهادر شخص هوندو هيو. انگريزن جي راڄ ۾ ان وٽ هڪ جرمنيءَ جو پستول هوندو هيو. وڏيري کيس چيو تہ "ڪتي کي گولي نہ هڻجان. باقي جيئن وڻئي تيئن مارجان."

ناني وڏيري جو شرط منظور ڪيو ۽ ڪٽ جي واڻ ۾ هٿ وجهي ان کي ڍال جيان مٿي ڪنيو ڪهاڙيءَ جي ڳن ۾ هٿ وجهي ڪتي سامهون آيو. ڪتي الر ڪئي ناني ڪٽ اڳيان ڏني، ٻئي هٿ ۾ جهليل ڪهاڙيءَ سان ڪتي جو مٿو ڦاري وڌو. ڪتي ائين رڙ ڪئي جيئن هڏو ان جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو هجي. وڏيرو ڳوٺ ۾ هڪ شخص کان لنوائيندو هيو ۽ اهو نانو هيو.

امڙ وٽ ڳالهين جا انبار هوندا هيا پر ڪتي جي ڳالهہ ٻڌڻ کان پوءِ بادشاهن، شهزادن، چورن ۽ شهزورن جا قصا ڪتن جا قصا محسوس ٿيندا هئا.

(3)

گهٽيءَ ۾ ڪتن جي لوڌ هوندي هئي. اتي هڪ ڏنار ڇوڪر جنهن جو نالو "هائو" هو. ان جو گهر گهٽيءَ جي آخري ڇيڙي وٽ هوندو هو. صبح سان ماڻهن جون مينهون چارڻ ويندو هو ته چار پنج ڪتا ساڻس گڏ هوندا هيا. ڪتا پاڙي جي ٻارن کي سڃاڻيندا هئا. جيڪڏهن ڪو ڏاريو اچي ويندو هو ته ڀونڪي آسمان مٿي کڻندا هئا. "هائو" انهن کي هٿ ۾ جهليل رسي سان جيڪو مينهن هڪلڻ لاءِ هوندو هيو اهو اولاري هش هش ڪندو هيو ڪتا نه مڙندا هئا ته ٻه چار رسا وهائي ڪڍندو هو.

امڙ مون کي روڪيندي هئي، "ڪتن کان پري رهندو ڪر."

مان ان جي ڳالهه لنوائي ويندو هيس.

"امڙ ڪتن کان ڪيئن پري رهان؟ ڪتا ايڏو ويجهو آهن جو پري ٿي، ڪتن کي وڌيڪ ويجهو ٿي ويندس."

"تون ايڏيون ڇريائپ جون ڳالهيون نه ڪندو ڪر." هوءَ چوندي هئي. مان هاڻي سوچيان ٿو ڪتا اڪثريت ۾ هجن ته ڀونڪڻ کي ڏاهپ سمجهيو ويندو آهي.

هائوءَ جا ڪتا بئريج ڪالونيءَ تائين مشهور هيا. هڪ سيلن جو ڇوڪر هيو جيڪو سدائين گنجو هوندو هيو. ان کي "ٽنڊ شاهه" ڪوٺيندا هيا. اُهو هائوءَ کي اِهو اچي ٻڌائيندو هو ته "ڦلاڻي هنڌ تنهنجي ڪتن جي جوڙ جو ڪتو روڊ تي لاوارث بيٺو ماڻهن تي ڀونڪي رهيو آهي."

اهو ٻڌي هائو وات ڇپو ڪري هڪ قداور ڪتي کي ٽي دفعا "هائو...هائو...هائو" ڪري سڏيندو هيو ته اهو ڊڪندو ايندو هو. پوءِ ٽنڊ شاهه اڳتي ڊڪندو هيو ان پويان هائوءَ ڪتو پويان اسان پاڙي جا ٻار ڊڪندا اتي پهچندا هياسين. جتي اهو لاوارث ڪتو بيٺل هوندو هيو ڪتا ته جام هوندا

هيا پر مقابلو جوڙ جي ڪتن سان ٿيندو هيو. هائوءَ جو ڪتو ٽپو ڏئي ان ڪي چنبڙندو هيو پوءِ ٻئي ڪتا ليٽ پيٽ پيا هوندا هيا. روڊ تي وڏو گوڙمچي ويندو هيو راهگير رڪجي ويندا هيا ۽ اسان ٿهڪن ۾ اوندا پيا هوندا هياسين. هائو هر هر وات مان آواز ڪڍندو هيو "هائو...اڏاش" ڪتو طيش ۾ اچي ايو ٽي حملا ڪندو هو. نيٺ لاوارث ڪتو پويان پڇ ڏئي ڀڄندو هيو هر طرف فتح جا نعرا لڳندا هيا. هائوءَ جي تعريف ٿيندي هئي ۽ ڪتي جي منهن تي هٿ ڦيرائيندا هياسين. ڪتن جا مقابلا ماڻهن جي ويڙهه کان انڪري بهتر هوندا آهن جو ڪتن جي مقابلي ۾ مون ڪڏهن ڪتو مرندي نه ڏٺو ۽ ماڻهن جي مقابلي ۾ ماڻهو ائين مرندا آهن جيئن ڪتو مري ويو.

هائوءَ وٽ هڪ ٻيو ناسي رنگ جو ڪتو هيو جنهن کي "ڪالو" چوندا هيا. هڪ دفعي موتي مسجد جي مولويءَ ان تي اعتراض ڪيو ته "ڪالو" وڏي ذات جو نالو آهي. ان ڪي ڪالو ڪوٺي ڪفر نه ڪيو پر مولويءَ جي ڳالهه ڪنهن نه مڃي. تن ڏينهن مولويءَ جي ڳالهه مسيت تائين سمجهي ويندي هئي. ڪالو "ق" سان نه هيو ان ڪري ڪفر نه هو.

ڪالوءَ ڪڏهن پاڙي ۾ ڪنهن کي چڪ نه پاتو سواءِ ان سرائيڪي چاڪوباز جي جيڪو چڪلو بند ٿي وڃڻ کان پوءِ هڪ ڪيريءَ سان ڪرايي جي جاءِ وٺي پاڙي ۾ اچي رهيو. اهو ڪيريءَ کي پنهنجي زال چاڻائيندو هو. روز رات جو ڪيترو پي گهٽين مان ٽيڙ ڪائيندو لنگهندو هو. ان ڪي ور ۾ چاڪو پيل هوندو هيو. پنهنجي دهشت ڏيکارڻ لاءِ ته متا ڪو پاڙي جو معزز هن جي رهڻ تي اعتراض ڪري، هو چاڪو ڪڍي وچ گهٽيءَ ۾ بيهي ٽيڙ ڪائيندو هيو. اهو سرائيڪي هڪ خوبصورت نوجوان هيو جنهن جي چمڙي اچي ۽ ڪنن ۾ سونيون واليون پاتل هونديون هيون. هر ڪو ان کان ڊڄندو هو. جاءِ جي مالڪ کي هڪ ٻن ماڻهن دانهن ڏني ته اهو ان کي اٿاري پر سرائيڪي هن کي پنجاهه روپيا ڪرايو ڏيندو هيو ۽ پنجاهه روپيا ايڏا وڏا هوندا هيا جو قائداعظم لاءِ دل ۾ عزت پيدا ٿيندي هئي.

هڪ دفعي اهو ڪيترو پي وچ گهٽيءَ ۾ چاڪو کولي ٽيڙ ڪائي رهيو هو ته ان پرسان "ڪالو" لنگهيو. سرائيڪيءَ ڪالوءَ کي لت هنئين. ڪتي ڦري چنگهه ۾ اهڙو چڪ پاتو جو نشان ٿي ويس. چاڪو سڌو ڪري ڪتي

ڪي اولاريائين. ڪتو ڇا ڇاٽي تہ ڇاڪو ڇا ٿيندو آهي. ڪتو بندوق، توپن، بمن ۽ ميزائلن کي نہ سڃاڻيندو آهي. هو بس مالڪ کي سڃاڻيندو آهي ۽ هن جو مالڪ "هائو" هو جنهن کي گنجي ۽ گوڏ پاتل هوندي هئي. پيرين اگهاڙو هوندو هو. گدلو ان ڪري نہ هوندو هيو جو روز مينهن سان سنڌوءَ ۾ وهنجندو هيو ان ڏينهن کان پوءِ اهو سرائيڪي ڪتي کان سواءِ ڪنهن کان نہ ڊڄندو هو.

ڪتا فقيرن جا دوست بہ هوندا آهن تہ دشمن بہ. گهٽيءَ جي پريان خالي ميدان هوندو هيو جنهن ۾ شهر جو گند اڇلائيندا هيا. ان ميدان کي باغ چوندا هيا. وڏو ميدان هوندو هو جنهن ۾ گند کي لڳل باهہ جي ڪري دونهون پيو دکندو هو. پريان بہ ڪجيءَ جا وڻ هئا. انهن ۾ ڪاري رنگ جون ڪارڪون ٿينديون هيون. ڪجين جي هيٺان فقيرن جون جهوپڙيون هيون ۽ هر فقير کي الڳ ڪتو هيو فقيرن جي آدمشماريءَ جي خبر انهن جي ڪتن مان پوندي هئي. جيئن ڪتو ڪتي کي نہ سهندو آهي ائين فقير، فقير کي نہ سهندو آهي. فقير جيڏو اپاهج هوندو ايڏو سکيو ستابو هوندو. انڌو فقير ويڙهي جو شاهوڪار هوندو آهي، منڊو فقير انڌي فقير تي سڙندو آهي ۽ ٽنڊي فقير جي حسرت هوندي آهي انڌو نہ هجي جيڪر گهٽ ۾ گهٽ منڊو ضروري هجي ها ڇو جو منڊي فقير جو رتبو ٽنڊي فقير کان وڌيڪ آهي.

فقيرن جي ان ويڙهي ۾ قسمين قسمين ڪتا هوندا هيا ۽ پري کان ڏسي لڳندو هيو اهي فقيرن جا ڪتا آهن. انهن جا وار فقيرن جي ڪپڙن جيان ميرا ۽ بي ترتيب هوندا هيا ۽ فقيرن جيان ڪتا ڪڏهن بہ جوتا نہ پائيندا آهن.

جڏهن بہ ڪو فقير لٽ ساڻ ڪري ڪتي سان ڪنهن گهٽيءَ ۾ نڪرندو هيو تہ پاڙي جا ڪتا پونڪڻ لڳندا هئا. جيئن ملڪن جون سرحدون آهن ائين ڪتن جون بہ سرحدون آهن. ڪتي جي پونڪڻ تي گهرن ۾ ويٺل ماڻهو سمجهي ويندا هيا تہ ٻاهر ڪو فقير آيو آهي.

ڏينهن جو ڪتا فقيرن تي پونڪندا هيا ۽ رات جو چورن تي. ڪتن کي فقيرن ۽ چورن جي بوءِ ايندي آهي. چوريون گهٽ ٿينديون هيون. وڏ ۾ وڏ چوري مسجد مان جوتن جي هوندي هئي. جيڪا ملان ڪرائيندا هئا. جيئن

جوتن جو ڪاروبار تيز هلي. شهر ۾ چنيوٽن جي جوتن جا دڪان هيا. اهي مسجد جي ملان کي نذرانو ڏيندا هئا ۽ ڪاروبار لاءِ دعا گهرائيندا هئا. ملان پنهنجي دعائن کي سچ ثابت ڪرائڻ لاءِ طالبن کان جوتا چوري ڪرائيندا هئا ۽ ائين پيرين اگهاڙا نمازي چنيوٽن جي دڪان تي وڃي نڪرندا هيا. شهر ۾ فوٽ پاٿين تي ويٺل موچين وٽ پراڻا جوتا سستي اگهه تي دستياب هوندا هئا. اهي وٺي پائي غريب ڪنڌ مٿي ڪري گهمندا هيا. ڇو ته تن ڏينهن پٽڪي پائڻ کان جوتي پائڻ کي عزت هئي. پٽڪو اهڙي شيءِ آهي جيڪو هر ڪو لاهي سگهي ٿو ۽ جڏهن جوتو لهندو آهي ته پوءِ ڪو به پٽڪي ۾ هٿ وجهڻ جي همت نه ڪندو آهي.

امڙ سدائين مون کي ڪتن کان ڊيڄاريندي هئي، چوندي هئي، "ڪتن کي ويجهو نه ويندو ڪر. جانور آهن. ڪهڙي خبر ڪڏهن چڪ پائي وجهن."

"امڙ ڪتا مون کي سڃاڻيندا آهن." مان چوندو هيس، "ڇو جو مان ڪتن کي سڃاڻيندو آهيان."

"تون نه سڌرندين." هوءَ چوندي هئي، "ڪتا ڪڏهن نه سڌريا."

ڪتا مون کي پري کان سڃاڻيندا هئا. جڏهن ستين درجي ۾ پڙهندو هيس ته گهر کان ٻاهر نڪري نه سگهندو هيس. ماڻهو مون ڏي ڏسندا هئا.

سينيمائن جو عروج هيو جڏهن فلم ڏسڻ ويندو هيس ته اونده ۾ منهنجي پٺ ۾ ويٺل ماڻهو هر هر سُري ڪلهي هٽڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. هڪ بزرگ جنهن کي اڇي ڏاڙهي هئي، ان منهنجي نازڪ عضوي ۾ هٿ وڌو. مان ماڻهن کان ڊڄندو هيس. ڪي ماڻهو اهڙا به هوندا هئا جيڪي منهنجي ڇهري کي ڏسي خدا جي تعريف ڪندا هئا.

اسڪول ويندو هيس ته امڙ وارن ۾ تيل وجهي، ڦڻي ڏيندي هئي. منهنجن وارن ۾ قدرتي ڳل آهي. وار مٿي ڪرڻ سان ڳل وانگر ٽڙي پيهندا آهن. مون کي اها ڳالهه نه وڻندي هئي ته سهڻو نظر اچان. امڙ مون کي سنواري ناهي در کان ٻاهر اسڪول موڪليندي هئي ته مان در جي دڪيءَ تي ويهي، پنهي هٿن سان ڏنل ڦڻي ڊاهي ڇڏيندو هيس.

سينيما جي اوندهہ ۾ جڏهن محسوس ڪندو هيس تہ ۾ وارو شخص هر هر مون ڏي ڏسي رهيو آهي تہ وات ڇپو ڪندو هيس جيئن بدصورت نظر اچان.

ڪتن جي لوڌ ڪي ياد ڪيان ٿو تہ هزارين ڪتا تصور ۾ پونڪن ٿا. ڪتي جي پونڪ تي ماضي جاڳي پوي ٿو. امڙ انهن ڏينهن گهڻي فڪرمند هوندي هئي، جڏهن پاڙي ۾ جميل نالي ٻار کي هڪ پراڻي ڪٽ لڳل ڪار هيٺان ويٺل ڪتيءَ چڪ پاتو. اها ڪار هڪ ٿلهي وڏين مڇن واري پٺاڻ جي هئي جيڪو پراڻين گاڏين کي گهٽيءَ ۾ بيهاري ڇڏيندو هيو ۽ نئين گاڏي وٺندو هيو. پراڻين گاڏين کي اتي ئي ڪٽ چڙهي ويندي هئي ۽ انهن جا ٽائر چيرجي ويندا هئا. ان پٺاڻ هندن جي وڃڻ وقت انهن کان مستيون جايون خريد ڪيون هيون ۽ هڪ هوٽل ٺهرايو جنهن ۾ ڪوئيٽا کان آيل مسافر رهندا هئا.

ڪتيءَ جڏهن جميل کي چڪ پاتو تہ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ان گهٽيءَ مان وهندڙ گندي ناليءَ مان وضو ڪيو ۽ اتي ئي نماز پڙهڻ شروع ڪئي. هو رات جو لڪي ويهندو هيو ۽ جڏهن ڪو ٻار لنگهندو هو تہ اوچتو نڪري ان کي پڪڙيندو هو اها حيرت جي ڳالهہ هئي تہ ڪتيءَ جي چڪ کان پوءِ هن جي جسم ۾ طاقت اچي وئي، هو ڪنهن کي پڪڙيندو هو تہ ڇڏائي نہ سگهندو هو. ٻارن کي پڪڙي چوندو هيو. ”قميص جا ڪالر ڪتي ڏي تہ پڇائي ڪاوان.“

نيٺ هڪ ڏينهن ان جي جسم ۾ جهٽڪا لڳا ۽ هو پاڻيءَ کان ڊڄي مري ويو.

ڪتي ڪاڌل جو پاڻيءَ کان ڊڄڻ جو سبب اهو ڪتو هوندو آهي جيڪو ان اندر هليو ويندو آهي. عام رواجي زندگيءَ ۾ ڪتو پاڻيءَ کان ڊڄندو آهي ۽ ڪتي ڪاڌل ان پاڻيءَ کان جيڪو اندر ويٺل ڪتي کي نظر ايندو آهي.

اهڙي واقعي کان پوءِ امڙ ڊنل هوندي هئي، تنهن وقت اسان تي پائر هياسين، حڪيم هادن ماٺهن کي ٻڌايو تہ جيڪڏهن جميل جي زخمن تي سائو مرچ ٻڌو وڃي ها تہ ڪتي جي چڪ جو اثر ختم ٿي وڃي ها. ڇو جو

زهر کي زهر ماريندو آهي. سائو مرچ ڳاڙهي زخم کي اچو ڪري وجهي ها ۽ جميل ڪڏهن نيرو نہ ٿئي ها.

انسان جي زندگي جو خوبصورت حصو اهو آهي جيڪو ماءُ وٽ گذاري ٿو عورت جو سڀ کان سٺو روپ ماءُ جو روپ آهي. ڇو جو مون کي ياد آهي جڏهن ننڍي پاءُ جي زخم تي مرچ ٻڏو ويو تہ مون محسوس ڪيو امان جي دل سڙي پئي آهي.

مرچ ٻڏڻ جو سبب ڪتي جو چڪ هيو. ننڍو پاءُ ڦيٿو ڦيرائيندو هو ۽ وچون پاءُ چڊن راند ڪيڏندو هو. مان گهر جي چانئٺ تي ويهي انهن کي ڏسندو هيس. هڪ ڏينهن ننڍو پاءُ ڦيٿو ڦيرائيندو پرسان واري ويران گهٽيءَ ۾ ويو جتي گهوڙن جو طنبيلو هيو ۽ هڪ گاڏي هاتو هو تنهن وقت ڏاند گاڏيون هونديون هيون ۽ گاڏي هاتا انهن جي پارڪنگ هوندا هيا. گهوڙن جا طنبيلا هر گهٽيءَ ۾ هيا. ماڻهو بگين ۾ سفر ڪندا هئا. هر پاڙي ۾ گهوڙا هوندا هئا ۽ انهن کي کرڪٽا هٽي صاف ڪيو ويندو هيو. ان ويران گهٽيءَ ۾ هڪ طنبيلو هيو ان جو مالڪ چرس جو ڪاروبار ڪندو هيو. طنبيلي پرسان ساڻي خانو هيو جنهن ۾ موالين جا ڊيرا هوندا هيا. چرس جو دونهون ساڻي خاني کان نڪري وڏي موج ۾ بٺريج روڊ سان ٽيڙ ڪائيندو شيدي بادشاھ جي درگاھ تي ويٺل موالين جي سلفين مان نڪرندڙ دونهي سان ملي هڪ ٿي ويندو هيو.

ننڍو پاءُ جڏهن ڦيٿو ڦيرائيندو طنبيلي وٽان لنگهيو تہ ڪتي ڪيس جنگهہ ۾ چڪ پاتو.

تن ڏينهن ائين بہ هوندو هو جو ڪتي جي چڪ پائڻ کي عام حادثو سمجهيو ويندو هو. ڪتي جو چڪ پائڻ وڏي ڳالهہ نہ هئي. ڏڪ لڳڻ، وڙهڻ، ٽاٽي تي موچڙا کائڻ، سينيما تي ٽڪيٽ وٺڻ لاءِ قطار ۾ بيهي لٺيون کائڻ، چڪلي ۾ ڪيريءَ هٿان پڳ لهرائڻ. گا بون ڏيڻ ۽ ٽڪ بوجو ڪرڻ ائين هوندو هيو جيئن پاڻي پيئڻ ۽ ماني کائڻ.

امڙ مون کي چيو "پاءُ کي وٺي وڃ ۽ حڪيم هادن کي ڏيکاري اچ."

مان هن کي وٺي حڪيم هادن وٽ ويس. حڪيم هادن جو دواخانو بٺريج روڊ تي هوندو هو هن جي دواخاني ۾ جڙي ٻوٽين جي بوءِ ائين ڦهليل

هوندي هئي، جيئن دواخاني ۽ بورچي خاني ۾ صرف نالن جو فرق هجي. حڪيم هادن ڦودني جون گوريون ڏنيون ۽ ساون مرچن پٽڻ لاءِ چيو. مان ننڍي کي گهر وٺي آيس. اهڙ ساوا مرچ گهرائي زخمن تي رکي اگهڙيءَ سان ويڙهيا تہ ان جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو پر ننڍي کي سور ان ڪري محسوس نہ ٿيو جو ڦودني جون گوريون شوق سان کائيندو هو.

ننڍو پاڻ بچي ويو. ڪتو صحتمند هجي تہ حڪيم جي دوا اثر ڪندي آهي. تن ڏينهن چوڏهن سئين جي خبر ڪنهن کي بہ ڪين هئي، چوڏهينءَ جو نظارو سڀن کي وڻندو هيو ان ڪري تہ ڪا تفريح نہ هئي، بجلي نہ هئي، بلب نہ هيو. هٽ بتيون هيون ۽ پاڃا هيا. چوڏهين رات سڀ لاءِ وڏي تفريح هئي. "چانڊوڪي رات جو سير" اهڙو مضمون هو. جيڪو هر ڪنهن کي بر زبان ياد هو ۽ ٻارن کان امتحان ۾ اهو هڪڙو ئي سوال هو جيڪو هر سال پڇيو ويندو هو.

اهي ساڳيا ڏينهن هئا. جڏهن بابو ڪهاڙي سان ڪاٺيون چيري رهيو هو تہ ڪهاڙو ان کي پير تي لڳو. مان ڪمري ۾ ويس تہ بابو کٽ تي ليٽيل هيو ۽ ان جي پير ۾ گهرو زخم هيو. پهريون مون سمجهيو بابي کي پڪ سان ڪنهن ڪتي چڪ پاتو آهي. پوءِ سوچيم هر زخم ڪتي جو لڳايل نہ هوندو آهي، ڇو جو قسمت ۾ ڪتو ٻئي چڪ پائيندا آهن. ڪتي کي ڏند آهن ۽ اهو پونڪي چڪ پائيندو آهي. قسمت کي بہ ڏند آهن ۽ اها ڏند ڏيکاري چڪ پائيندي آهي. ڪتو صحتمند هجي تہ ماڻهو بچي سگهي ٿو. قسمت ڪڏهن بہ صحتمند نہ هوندي آهي.

اسان جي ڪتب ڪتن جون خوشيون ۽ انهن جا ڏک ڏنا. ڪتن جي دنيا انسانن جي دنيا آهي. انسان ڪتي کان سواءِ رهي سگهي ٿو. ڪتو انسان کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهي. ڪتن جي ضرورت ماڻهوءَ کي ان وقت پوي ٿي جڏهن ماڻهو ماڻهو نہ ٿو رهي، ڇو جو ماڻهو ماڻهوءَ سان رهي ماڻهو ٿئي ٿو. اڪيلو رهي ماڻهو نہ ٿو رهي سگهجي. ان ڪري ڪيس ڪتي جي ضرورت پوي ٿي.

(4)

ماضيءَ کي ياد ڪندي مان ڪتن کي ڪيئن وساري سگهان ٿو. مون کي ساڌ ٻيلي جو اهو اداس ٻائو ياد آهي جيڪو ڪتي سان رهندو هيو ميلو لڳل نہ هجي تہ ساڌ ٻيلو ائين لڳندو آهي جيئن واقعي ٻيلو هجي. ٻيلي ۾ ماڻهن جو ميلو نہ لڳندو هجي تہ ٻيلو وڻن جو ميلو هوندو آهي. هاءِ اسڪول جي زماني ۾ مان پنهنجي دوست موهن سان اسڪول مان ڀڄي ساڌ ٻيلي ويو هيس. موهن جي ڪري ساڌ ٻيلي ۾ داخل ٿيڻ وقت مون ڪان ڪڏهن مذهب نہ پڇيو ويو. مذهب انسانن جون شڪليون ڦيري ڇڏي ٿو. مذهب پڇڻ کان سواءِ پريان ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اهو ڪهڙي مذهب سان تعلق رکي ٿو انسان مذهب کي پاڻ تي سوار ڪري ٿو ۽ پوءِ مذهب جهڙو نظر اچي ٿو.

منهنجو دوست موهن هندو هو. ان ڪري مان هندن جهڙو هيس. ٻيڙيءَ تي جڏهن ساڌ ٻيلي پهچندا هياسين تہ واءَ تي رڳا پپل ۽ ٻڙ جا سڪل پن پيا اڏامندا هئا. هڪ ٻائو ڪتي سان ڳڏ سنگ مرمر جي مندر ٻاهران ٿلهي تي ويٺل هوندو هو. مون اهڙو شانت ۽ خاموش ڪتو ڪتي نہ ڏٺو جيڪڏهن ڪتن کي نہ ڇيڙيو وڃي تہ ڪتن جا ايندڙ نسل گونگا پيدا ٿين. ڪتي کي ڪيترين ئي نہ وڻندڙ شيون ڇيڙينديون آهن ۽ هو ڀونڪڻ

لڳندو آهي. بک تي ڪتو ايترو تہ چتو ٿي پوندو آهي جو اهو پونڪي پنهنجي ٽنگ ۾ چڪ وجهندو آهي. بابو ڪتي کي ڏؤ تي ماني ڏيندو هو ۽ شهر جا هندو سيٺ بابي کي ڏئو تي ماني ڏيندا هئا. ڏئو ۽ سانت. ڪتي ۽ ماڻهوءَ کي امن پسند بڻائين ٿا.

مون ڏٺو بابي جي ان ڪتي کي لونجهہ نہ هئي. پڇ لوڏي اهميت حاصل ڪرڻ جي خواهش نہ هئي. اهو بابي جي پڪ ۾ ويٺو هوندو هيو ۽ بابو ان جي ٻولي سمجهندو هو. ڪتن جو ڪو مذهب نہ هوندو آهي. لباس ۽ ثقافت نہ آهي. ڪتو بس ڪتو آهي. اهو ڪتن کان وڌيڪ انسانن سان پيار ڪندو آهي ۽ انهن سان پيار ڪندو آهي جن سان انسان پيار ڪري ٿو بابو مورتين سان پيار ڪندو هو. ڪتو ڪڏهن زبان سان مورتيءَ جو منهن چٽيندو هو تہ بابو ان کي ائين ڪرڻ کان روڪيندو هو. ڇو جو آخر اهو ڪتو هو.

موهن ۽ مان بابي کان مورتين بابت سوال ڪندا هياسين ۽ بابو هر مورتيءَ جو قصو ٻڌائيندو هيو. منهنجن سوالن تي ٿورو شڪ سان ڏسندو هو ۽ پوءِ چوندو هو "ڇورا مسلمان تہ ناهين؟"

مان کلي ڳالهہ لنوائي ويندو هيس ۽ ڪتو سنگهي سمجهي ويندو هو تہ منهنجو مذهب ڪهڙو آهي. هر مذهب کي پنهنجي بوءِ آهي. ڪتي جي حِس ماڻهوءَ ۾ بہ سمايل آهي. مون کي پنهنجن هندو دوستن مان پيئڊين جي بوءِ ايندي آهي.

هڪ عيسائي بہ ڪلاس ۾ هوندو هو جيئن تہ عيسائي ڀنگي هوندا آهن. ان ڪري سندس جسم مان سڙيل ڦلن جهڙي بوءِ ايندي هئي. انسان وهنجي وهنجي ٿڪجي پوي ٿو ان جي جسم جي بوءِ ختم نہ ٿي ٿئي. ڪڏهن لڳندو آهي ماڻهو ڪچري مان ٺهيل آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪچرو ساڙيو وڃي ٿو يا دفن ڪيو وڃي ٿو.

مان سوچيندو هيس تہ جيڪڏهن شهر ۾ ڪنهن کي ڪتو چڪ پائي تہ ساوڻ مرچن کان وڌيڪ علاج اهو آهي تہ ان شخص کي ساڏ ٻيلي

وٽي پائي جي ڪتي کان چڪ پارائجي، ڪتي جي اثر کي ڪتو ئي ختم ڪري سگهجي ٿو.

ساڌ ٻيلي جا مور ۽ بکر جا چور مشهور آهن. ساڌ ٻيلي جي سامهون بکر جو قلعو ايڏو ڏٺل نه هيو تن ڏينهن ان اندر کنڊر محفوظ هيا. عمارتن کان وڌيڪ عمارتن جا کنڊر وڌيڪ محفوظ هوندا آهن. ڇو جو کنڊرن جي حفاظت ڪئي ويجي ٿي، جيڪڏهن کنڊرن جي حفاظت نه ڪئي ويجي ته کنڊرن جي جاءِ تي نيون عمارتون اڏجي وڃن ٿيون ۽ انهن کي کنڊر بڻجڻ لاءِ ڪيترائي سال انتظار ڪرڻو پوي ٿو.

بکر جي قلعي ۾ ڪاٿي چور نه آهن ڇو جو مون کي ڪڏهن اتي ڪو ڪتو نظر نه آيو. چور ڪتن جو رزق هوندا آهن. جيڪڏهن چور چوري ڪرڻ ڇڏي ڏين ته ڪتا بي روزگار ٿي وڃن.

ساڌ ٻيلي ۽ بکر جي وچ تي وشال سنڌو ڏسي اهي ڳلر ياد ڪندو آهيان جن کي اسان پاڙي جا ٻار پاڻ سان گڏ وٺي ڌوٻي گهاٽ تي ايندا هياسين، سڀ ترندا هئا. مان ڪڏهن ترڻ نه سکيس. ڳلرن کي ٻار پاڻ سان گڏ کڻي ٿورو پريان وڃي پاڻيءَ ۾ ڇڏيندا هيا ته پير هڻندا ڪناري تي پهچندا هئا. سوچيندو هيس، انهن ڳلرن کي ترڻ ڪنهن سيکاريو؟ دراصل ترڻ اسان ۾ هڪ ڪردار جيئن پهريون ئي موجود هوندو آهي. جڏهن ترڻ شروع ڪندا آهيون ته اهو ڪردار حرڪت ۾ اچي ويندو آهي. پر منهنجو اندر اهڙي ڪردار کان خالي هو جنهن ڪري ڪڏهن تري نه سگهيس. منهنجي اهڙي ويچار تي هڪ دوست ٻڌايو هو ته ڪتا پاڻيءَ کان ڊڄندا آهن ان ڪري ڪتي جي اندر جو خوف انهن کي ترڻ سيکاريندو آهي، مون وٽ پاڻيءَ جو خوف نه هو. سنڌوءَ جو پاڻي وڻندو هو شايد ان ڪري ڪڏهن تري نه سگهيس پر سنڌو خوف جو سبب به هيو. مون هڪ ڏنار کي ٻڌندي ڏٺو هو جيڪو مينهن جي ڳهيڙ وٽ هڪ مينهن کي وچ سير مان بچائيندي پاڻ لڙهي ويو هيو. پاڻي، پاڻي آهي. اهو ڪيئن به هجي پاڻ جبرو آهي. ڪو به مادو پاڻيءَ جهڙو ٿي نه ٿو سگهي. پاڻي پاڻ هر شيءِ جهڙو ٿي ويندو آهي.

مان امڙ جي پڪ ۾ ائين ويٺل هوندو هيس جيئن ان مون ۾ ڪجهه پري سبي ڳاهيو هجي. ننڍيا پائر چاٻيءَ جي ڳنڍن جيان اڱڻ ۾ پيا وڪون ڪڍندا هيا. گهٽيءَ ۾ لاتعداد ٻار هوندا هيا جيڪي مٽي ۾ ڦوڪڻا اڏاريندا هئا. تن ڏينهن خانداني منصوبابنديءَ جي ڦوڪڻن جو وڪرو تمام گهٽو هوندو هو. بس ماڻهن کي اهائي خبر هئي ته انهن ۾ هوا ڀري گڏس پري اڏاريو ويندو آهي. سڄي گهٽيءَ جا ٻار اڇن ڦوڪڻن سان کيڏندا هئا ۽ اهو ٻارن جو ڦوڪڻن کان انتقام هوندو هيو ڇو جو اهي ڦوڪڻا ٻارن کي روڪڻ لاءِ ٺاهيا ويندا هيا ۽ ٻار پيدا ٿي انهن ڦوڪڻن کان انتقام وٺندا هئا.

شاهي بازار ۾ بابي جي ڪپڙي جو دوڪان هو. مان اسڪول کان اچي ماني کائي، بابي ڏي مانيءَ جو ٽفن کڻي ويندو هيس. گهر کان نڪري ٻئريج روڊ تي ايندو هيس ته هڪ ڪتو ڪڍ لڳندو هو ان ڪتي کي خبر هوندي هئي ته ٽفن ۾ ماني آهي. مان ان ڪتي کي هڪلون پيو ڏيندو هيس، پر ڪتو صفا نه مڙندو هو اهو بازار تائين ڪڍ ايندو هو جڏهن دوڪان تي پهچي ٽفن بابي کي ڏيندو هيس ۽ اهو کولي ماني کائيندو هو ته ڀِيو پيچي ڪتي ڏي اڇلائيندو هيو ڪتو اهو ڀِيو کائي واپس موٽي ويندو هو.

"پاڻ کي محفوظ رکڻ لاءِ ڀِيو اڇلائڻو پوي ٿو." بابو چوندو هيو.

بازار ۾ سنڌي ميمڻن جا پنج دوڪان هئا. پورو مارڪيٽ هندوستان کان آيلن حوالي هو مون کي بابي جي ڳالهين مان لڳندو هو جيئن سنڌي ميمڻ هندوستان کان آيل ماڻهن جي رحم ۽ ڪرم تي هجن. پئسي جي سيڙپ سنڌين وٽ صفا نه هئي، انهن جا دوڪان خالي هوندا هئا. سواءِ انگوڇن، سوسين ۽ پٽڪن جي. جڏهن ته هندوستان کان آيلن وٽ پئسي جي سيڙپ هئي ۽ مفت جا دوڪان هئا. انهن جا دوڪان ڇتين تائين ڪپڙن جي تاڪين سان سٿيل هوندا هئا. هڪڙيون ڳنڍڙيون پريون هيون ته ٻيون ڳنڍڙيون کلنديون هيون، بابو ڪتي اڳيان گرهه ائين اڇلائيندو هو جيئن قسمت کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هجي.

اهي ساڳيا ڏينهن هيا جڏهن امڙ غوڙل جي تازي چاول ٻار جي ڳالهه پڌائي هئي، سياري جي رات جو اسان سڀ ان ڪمري ۾ سمهندا هياسين

جيڪو ڪمرن جي سڄي هٽ تي هيو. هڪ ڪمري ۾ چانور ۽ ڪڪڙ جون پوريون رکيل هونديون هيون ۽ ٻئي ڪمري ۾ هڪ کٽ پيل هوندي هئي جيڪا مهمانن لاءِ هئي. اونده ٿيڻ سان هرڪو سمهي پوندو هو ۽ صبح جو ڪڪڙن جي ٻانگ تي سجاڳ ٿيندو هيو. امڙ سمهڻ کان اڳ ڪهاڻي ٻڌائيندي هئي، ان رات هن غوثل جي پٽ جي ڪهاڻي ٻڌائي.

ڏاڏي ٻه شاديون ڪيون هيون، بابو ان جي پهرين زال مان هو. جڏهن بابو ڄايو ته ڄمر دوران ئي ڏاڏيءَ جو موت واقع ٿيو. ڏاڏي ٻئي شادي ڪئي جيڪا بيواهه هئي، ان عورت کي پهرين مڙس مان غوثل نالي پٽ هو.

مون کي ياد آهي غوثل سنهي جسم ۽ ڊگهي قد وارو خوبصورت جوان هو. جنهن کي سوئيون واليون پاٽل هونديون هيون ۽ ان جون پوريون مڇون وات جي پاسن کان هيٺ لڙڪنديون هيون. غوثل شادي ڪئي، ڪيس ٻار ڄايو ۽ زال ڄمر ۾ گذاري وئي. هو ننڍي ٻار جي حفاظت نه ڪري سگهيو. غريب ۽ بيروزگار هو. پنهنجي ڪچيءَ جاءِ ۾ سمهيو پيو هيو ته رات جو ڪتا ان جي گهر ۾ گهڙي آيا ۽ ٻار کي چڪ وجهي گهلي ڪٺي ويا. صبح سان غوثل جي اک کلي ته ٻار نه ڏسي گهر کان ٻاهر نڪتو ۽ ٿورو اڳتي هليو ته جهاڙين وٽ ٻار جي رت ۾ ٻڏل چيڙي پيل هئي. هڪ هڏو به نه هو جنهن کي دفنائي سگهجي.

جيئن سياحن کي پٿر جا مجسما وڻندا آهن ائين ڪتن کي هڏا وڻندا آهن. پٿر جا مجسما پٿر ۾ اندر پيل هوندا آهن هڏا ماس ۾ اندر پيل هوندا آهن. سنگتراش پٿر پري ڪري مجسمو ظاهر ڪندو آهي ۽ ڪتا ماس پري ڪري هڏا ظاهر ڪندا آهن. تاريخ ۾ مجسما سازن پٿر ڪاڏا آهن ۽ ڪتا ماس ڪائيندا آهن. سنگتراش مجسمو نه ڪائيندا آهن پر ڪتا ماس پري ئي ان ڪري ڪندا آهن ته جيئن هڏا ڪائي سگهن.

غوثل جو ٻار گم ٿي ويو چيڙي ان جو ثبوت هئي ته ڪوئي هو جيڪو اها پائيندو هو.

ڪتا انسان کي خدا سمجهندا آهن. ان ڪري ته انسان ئي آهي جيڪو انهن کي ڏيڻ واري ذات آهي پوءِ ڪائڻ لاءِ رکي ماني هجي، گوشت،

هڏا يا ان جي لاوارث اولاد. هر جاندار کي پيٽ عزيز آهي. ڪتن کي ڪهڙي خبر ته انسان جو اولاد ڇا هوندو آهي. اهي سمجهندا آهن ته هر اها شيءِ جيڪا انسان پرسان پيل آهي، کائڻ لائق آهي.

مون ڪتن کي ماڻهن اڳيان سجدو ڪندي ڏٺو آهي ۽ ماڻهو جي ڳُش تي ماڻهوءَ کي ڏاڙهيندي ڏٺو آهي.

ڪڏهن مون کي محسوس ٿيندو آهي، ڪتو انسان جو همزاد آهي. ان سان گڏ گهمي ڦري کائي پي ۽ سمهي ٿو. ڪتو سٺي نسل جو هجي ته انسان دنيا ۾ چڱا ڪم ڪري ٿو ڪتو خراب نسل جو هجي ته انسان دنيا ۾ ڏوهه ۽ ظلم ڪري ٿو.

ماڻهو گڏهه تي سواري ڪري ٿو ڪتي تي سواري نه ڪندو آهي ڪتو ماڻهوءَ تي سواري ڪندو آهي ۽ ماڻهو جيڪو کائيندو آهي اهو ڪتي جي پيٽ ۾ ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انسان بکايل هوندو آهي ۽ هر هر ماني کائيندو آهي. ڪڏهن انسان ڪوشش ڪندو آهي ته ڪتي کي کلهن تان لاهي ڦٽي ڪري پر ائين ڪرڻ سان انسان، نه خوشي محسوس ڪندو آهي. نه غم ۽ نه بک. هو نامڪمل ٿي ويندو آهي. ڪتو انسان سان هريل نه آهي پر انسان ڪتي سان هريل آهي. ضروري نه آهي ته ڪتو نظر اچي پر ڪتي کي انسان پري کان نظر ايندو آهي. ڪتي ڇهون حواس انسان کي اوڌر تي ڏنو آهي.

مون امڙ کي ايڏو اداس ۽ غمگين ڪڏهن نه ڏٺو ان ڪري ته جڏهن جوان ٿياسين ته سڀ ان کي ڇڏي وياسين. پڙهياسين، وڏا ٿياسين، شاديون ٿيون، نوڪريون مليون ۽ هليا وياسين. ڏاڏو ڪيترا سال اڳي گذاري ويو بابو ويجهڙائيءَ ۾ گذاري ويو. انسان جو جڏهن دنيا ۾ گذارو نه ٿيندو آهي ته پوءِ گذاري ويندو آهي. گذارو ڪرڻ لاءِ وقت سان گڏ گذرڻو پوي ٿو. وقت جهڙو ڪمينو مون نه ڏٺو پاڻ سان گڏ گذاري، دنيا مان گذاري ڇڏي ٿو.

(5)

مون کي هڪ ٻئي شهر ۾ نوڪري ملي، منهنجو وڏو پٽ جيڪو ڪڏهن ننڍو هيو ان وري هڪ صفا ننڍو ڪتو پاليو. اهو "پدي" نسل جو هيو. جنهن جو ٻچو مون کي هڪ مريض تحفي ۾ ڏنو ڇو جو مون ان جو ٻچو ٺيڪ ڪيو هيو. ان شخص جي ٻچي کي مليريا هئي، جنهن جو علاج ٽائيفائيڊ جو ڪيو پئي ويو ان جو ٻچو خوش ٿيو ته ان ڪتي جو ٻچو ڏيندي چيو "هيءُ اهڙي نسل جو ڪتو آهي جيڪو وڏو ٿي به ٻچو نظر ايندو ۽ توکي ياد ڏياريندو ته ڪڏهن تو منهنجي ٻچي جو علاج ڪيو."

اهو پدي نسل جو ڪتو منهنجي ننڍڙي پٽ سان ائين هري ويو. جيئن پهريون ملي چڪا هجن، اهو ڪتو پٽڙ ۾ ڊڪون پري پيو دل وندرائيندو هو اهڙي ڏي ويندو هيس ته اها اداسْ ۽ اڪيلي ويئل هوندي هئي. مون کي ڏسي ڪيس سڪون ملندو هيو. ڳالهائيندي هئي ۽ ان جي ڳالهه جو موضوع ماضي هوندو هيو. اهي ڏينهن هوندا هيا، جڏهن گهر ٻارن سان ڀريل هوندو هو ۽ ٽهڪ گهر ۾ گونجندا هئا. حال ڪيترو به غليظ ڇو نه هجي، پر ماضيءَ ۾ وڃي پاڪ ۽ پوتر ٿي ويندو آهي.

"سڀ ختم ٿي ويو." هوءَ چوندي هئي "ڪتن جي پونڇ لئي سڪي مئي آهيان."

مان شرمسار ٿيندو هيس.

"امڙ توکي هاڻي هڪ ڪتو پالڻ گهرجي. جيڪو تنهنجي اڪيلائين کي دور ڪري سگهي."

مون محسوس ڪيو امڙ جي منهن پر ڏک ۽ پيڙا پرجي آئي.

"دنيا ۾ سٺي نسل جا ڪتا ناياب ٿي چڪا آهن." هن جواب ڏنو.

"نه امڙ توکي غلط فهمي آهي" مون چيو "عمر سان دنيا جي هر شيءِ ميري نظر ايندي آهي. جڏهن ته اها ائين نه هوندي آهي جيئن ننڍپڻ ۽ جوانيءَ ۾ نظر ايندي آهي."

ان ڏينهن کان پوءِ مون کي امڙ جي مريض جو انتظار هيو جيڪو ٺيڪ ٿي وڃي ته هڪ ناياب نسل جو ڪتو سوکڙي ڏئي. جيڪو امڙ وٽ ڇڏي اچان.

جڏهن کان اهو ننڍي قد وارو پدي ڪتو مليو هو ته گهر ۾ رونق ٿي وئي هئي. اهو رانديڪي جهڙو ڪتو جنهن کي گهاٽا اڇا وار هئا. پري کان ڊڪندو ٽپو ڏئي منهنجي پٽ جي هنج ۾ ويهندو هو. گهر جي چانئٺ تي ويٺل هوندو هو ۽ سنگهي سڃاڻيندو هو ته ماڻهو بيمار آهي يا تندرست. اهو منهنجي ڪلينڪ، جيڪا گهر جي ٻاهرين ڪمري ۾ هئي. ان ۾ ايندو هو ۽ چپ لڙڪائي مريضن ڏي ڏسندو هو. مريض ٿورا ڊنل هوندا هئا پر پوءِ منهنجي دلجاءِ تي سندن خوف لهي ويندو هو. شري ويجهو وڃي مريضن کي سنگهندو هو ان جي چهري جي تاثرات مان سمجهي ويندو هيس ته مرض جي شدت ڇا آهي. منهنجي وڏيڪ چڪاس پديءَ جي شڪ کي پڪ ۾ تبديل ڪندي هئي.

مان علائقي ۾ "ڪتي وارو" ڊاڪٽر جي نالي سان مشهور ٿي ويس. ان ۾ تعجب جي ڳالهه ناهي. ڇو جو مستقبل ۾ ڪاروبار جانور سنڀاليندا. اسين جيڪي نتيجا تجربن ۽ اوزارن سان حاصل ڪيون ٿا جانور اهي سنگهي سڃاڻيندا. ان ڪري اڳتي جانور بنا هٿيار هر شيءَ فتح ڪري وٺندا.

وڏندڙ عمر سان گڏ مون کي ڪتا تڏهن وڻيا جڏهن انهن جو ڪو سنڀالڻ وارو نہ هيو مزي جي ڳالهہ تہ مون کان سواءِ گهر ۾ ڪتي جو خيال رکڻ وارو ڪو بہ نہ هوندو هيو ۽ ڪتي سان ڪيڏي سمهي پوندا هئا ۽ ڪتو ڳيپي لاءِ مون ڏانهن واجهائيندو هيو شيءِ جي اهميت گهٽجي وڃي تہ اها دل تي بوجهہ ٿي پوندي آهي. ڪتا ٻارن کي ۽ ٻار ماءُ کي وڻندا آهن. ان ڪري ڪتن جي منهن تي هٿ ڦيرڻو پوندو آهي.

جڏهن منهنجو پٽ پنجن سالن جو ٿيو تہ ڪيس دل جي تڪليف ٿي، ڪراچيءَ ويٺو پيو جتي ان جي دل ۾ وال وڏا ويا. گهر ويهہ ڏينهن بند رهيو. پدي صفا رلي ويو. جڏهن موٽياسين تہ ان پريان ايندي ڏٺوءِ اسان ڏي ايڏو تہ تيزيءَ مان ڊوڙيو جو سندس پيرن هيٺان مٽي پٽي اڏامي. اهو تيز ڊوڙندو ٽپو ڏئي منهنجي پٽ کي چنبڙيو ان کان اڳ جو منهنجي پٽ جو منهن چٽي، مون ان کي پري ڪيو. پدي ميرو ٿي چڪو هيو. ان جو جسم ڪمزور هڏائون هيو اهو اسان جي چوڏاري ڦري پير نوسڻ لڳو ۽ پڇ لوڏي سهڪڻ لڳو.

ان ڏينهن کان پوءِ پدي ساڳيو نہ رهيو. اهو بيمار نظر ايندو هو ٽڪل ۽ ڪنڌ ۾ ويٺل هوندو هيو. منهنجو پٽ صحتياب ٿيو ۽ پدي بيمار ٿي پيو. پديءَ جو اڪثر وقت ڪوٺي تي اڪيلائيءَ ۾ گذرندو هو. هڪ ڏينهن منهنجو پٽ مون وٽ آيو هو اداس ۽ روئڻهارڪو هو.

"پديءَ جي حالت خراب ٿي چڪي آهي." ان چيو.

مان ان سان گڏ مٿي ويس. مون ڏٺو پدي گهمڻ جي ڪري رهيو هو. پر ان جون ٽنگون ڏڪي رهيون هيون. مون پٽ کي پري ڪيو ۽ چيو "هن جي ويجهو نہ وڃجانءِ."

مون افسوس مان هن ڏانهن ڏٺو.

"ان بيماريءَ جو علاج اڃا ايجاد نہ ٿيو آهي." مون چيو.

پديءَ کي پاڻيءَ ڊيڄڙي بيماري ٿي چڪي هئي. مون پٽ کي سمجهايو. "هن کي اهڙي بيماري آهي جو سنهي نهنڊ مارڻ لاءِ ڪافي آهي."

منهنجو پٽ ڳالهہ سمجهي ويو ۽ ڪتي کي ڪوٺي تي اڪيلو ڇڏي ڏنو رات جو ان جا آواز اٿين ايندا هيا جيئن ڪو سائيڪل جي ٽائر ۾ پمپ

سان هوا پرينڊو هجي، پڌي هر ٿوري دير کان پوءِ سنهي چيٽ ڪندو هيو ۽ اها چيٽ ڪنهن سنهي جيت جي لات جهڙي هوندي هئي. نيٺ ان جا آواز بند ٿي ويا. مان مٽي وچي ڏٺو پڌي مري چڪو هو.

ڪتي جي موت تي فرشتن کان سواءِ ڪير نہ روئندو آهي. جڏهن ڪتو جيئرو هوندو آهي تہ فرشتا جڻ مٿل هوندا آهن. اهي ان گهر ۾ داخل نہ ٿيندا آهن جنهن گهر ۾ ڪتو هجي. ان ڪري فرشتا ان گهر لاءِ مٿل هوندا آهن پر ڪتي جي موت تي اهي ماتم بہ ڪندا آهن. ان ڪري جو سندن ڪم وڌي ويندو آهي ۽ اچڻ وڃڻ جي تڪليف ڪرڻي پوندي آهي.

مون هٿن تي ڪپڙو ويڙهي پڌي جي لاش کي ٻوريءَ ۾ وڌو. منهنجو پٽ پري کان اهو ڏسي رهيو هيو هو ڊنل هيو ۽ محسوس ٿي رهيو هو تہ سندس دل ڏک سان پريل آهي. مون ڪتي کي ٻوريءَ ۾ وجهي ڪنيو ۽ ٿورو پري ڪڍ ڪوٺي ان ۾ دفنائي ڇڏيو. ان ڏينهن کان پوءِ مون ڪيترا ڏينهن اڃي ڪپهہ گهر جي پڌر ۾ اڏرندي ڏٺي.

سرڪاري نوڪريءَ ۾ ڪجهہ ڪوتاهين ڪري منهنجي بدلي اهڙي هنڌ ڪئي وئي جتي ڪڏهن ڪو ڊاڪٽر نہ ويو هو. سفارش نہ هجڻ ڪري اهو حڪم نامو واپس نہ وٺرائي سگهيس ۽ مون کي اوڏانهن وڃڻو پيو. ٽي ڪلاڪ بس جو سفر ڪري هڪ نديءَ ڪناري پهتس ۽ اتان ٻيڙيءَ ۾ چڙهي هڪ بيابان ۾ پهتس. بيابان ۾ هڪ اٺ تي سوار ٿيندي نخلستان ۾ پهتس. اسپتال جي در تي پهتس تہ ڊسپينسر سمجهي ويو ڊاڪٽر آيو آهي. جيڪو ان جي سلطنت تي قبضو ڪندو.

سالن کان اتي ڊاڪٽر نہ اچڻ ڪري، ڊسپينسر اتان جو وڏو ڊاڪٽر هيو. اهو ڊسپينسر جيڪو رنگ جو ڪارو هو ۽ سندس منهن تي ماتا جا نشان هئا. ديوان هو. مون زندگيءَ ۾ ديوان سدائين سهڻا ڏٺا آهن پر اهو ڪوجهو ديوان هيو. ماڻهوءَ جو منهن ڏسي اندازو لڳائڻ ائين آهي جيئن در ڏسي گهر جو اندازو لڳائڻ. گهڻا محتاط ماڻهو در کي ان ڪري بہ رنگ ڪرائيندا آهن جيئن خبر پوي تہ گهر ۾ ڪهڙا رنگ آهن.

ان ديوان جو نالو مکي مل هو. منهنجو ڪليءَ دل سان آڏرڀاءُ ڪيو ۽ اسپتال جو دورو ڪرايو. اسپتال جو دورو دل جي دوري کان گهٽ نه هيو. مون اکيون بند ڪري پنهنجي زندگي بچائي. اها پڪ سلامت نه هئي جيڪا پڳل نه هجي. مکي مل مون کي ڪوارٽر ڏيکاريو جنهن جو هڪ ڪمرو رهڻ لائق هيو. ان جي صفائي ڪرائي وئي ۽ مون جڏهن پنهنجو بريف ڪيس کوليو ته اهو بريف ڪيس ڪيڏ جيڏو پئي نظر آيو. ويران فرش تي ڪول هاٿيءَ جيڏي نظر ايندي آهي.

ان ڳوٺ جا ڪتا مشهور هئا. جيڪي ڏينهن رات پيا رڙيون ڪندا هئا. پهريون مون سمجهيو ڪي لائوڊ لڳل آهن ۽ انهن مان اعلان پيا ٿين پر پوءِ سمجهيو ته اهي ڪتا آهن جن جا آواز پاڻ ۾ ملي هڪ نئين آواز ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. جڏهن هڪ ئي وقت گهڻا ماڻهو ڳالهائن ته سمجهه ۾ نه ايندڙ هڪ نئين بولي ٺهي پوندي آهي.

انهن ڏينهن اغوا عام هئي. ماڻهن کي چونڊي ائين کڻي ويندا هئا. جيئن مارڪيٽ ۾ ڪو هندائو چونڊي کڻي وڃي. ڳوٺ کان ٿورو پري اغوا ٿيل ماڻهو جي منڊي لڳندي هئي ۽ ان ۾ واڪ هلندا هئا. ائين اغوا ٿيل ماڻهو منافعي تي خريد ڪري، هڪ منڊيءَ کان ٻي منڊيءَ تائين ايڏو مهانگو ٿي ويندو هو جو غريب ڌاڙيل اهو خريد ڪري نه سگهندا هئا ۽ مطالبو ڪندا هيا ته مهانگائي گهٽ ڪئي وڃي.

جڏهن اغوا ڪيل آزاد ٿي گهر پهچندو هيو ته ان جو گهر نه هوندو هيو. ٻار ٻچا دربدر هوندا هئا. مجبور ٿي ان کي ٿاڻي تي گذارڻو پوندو هو ۽ پوليس وارا پريس ڪانفرنس ۾ ٻڌائيندا هئا ته "اسان هن کي مقابلي کان پوءِ ڌاڙيلن جي چنبي مان ڇڏايو آهي."

جڏهن ڪو انهن کان پڇندو هو ته "ڌاڙيلن هن کي ڇڏڻ لاءِ توهان کي ڪيترا پيسا ڏنا آهن." ته پوليس فخر سان چوندي هئي. "پيسا اهي وٺندا آهن جيڪي اغوا ڪن. اسان وري ڌاڙيلن کي ڪهڙو اغوا ڪندا آهيون؟"

شام جو مکي مل سان ڪچهري ٿيندي هئي. هو منهنجو گهڻو خيال رکندو هيو. هنڌ بسترا، ڪپڙا لٽا، ماني ٽڪي ۽ ڪوارٽر جي صفائي ان

حوالي هئي. هڪ ڏينهن ان مون کي شراب جي دعوت ڏني، مون کيس چيو "شراب ان ڪري نہ پيئندو آهيان جو مون کي نشو نہ ڪندو آهي."

منهنجي ڳالهہ تي هو کليو ۽ چيائين "سائين توهان کي اهڙو پياريندس جو هوش ۾ اچڻ خواب هوندو."

هن جي ڳالهہ تي وري مان کليس ۽ چيو "ڳالهيون اهڙيون ٿو ڪرين جو نشو ٿو چڙهي."

منهنجي طبيعت تي شراب اثر نہ ڪندو آهي. زندگيءَ ۾ مون چار پنج دفعا شراب پيتو آهي. مان جيئن شراب پيئندو آهيان تہ هوش ۾ ايندو ويندو آهيان. اهو ڏسي حيرت ٿيندي هئي تہ منهنجا دوست ٿورو شراب پيئڻ کان پوءِ وٺلڻ چو لڳندا هئا. انهن جي واڇ ڇپي تي ويندي هئي ۽ ڦهڪو ڪري بستر تي ڪري پوندا هيا.

مکي مل نيٺ مون کي راضي ڪري ورتو "اڄ رات شراب جو مقابلو آهي ۽ جيڪو پي نہ ٿاهڙيو ان مقابلو کٽيو ۽ کيس انعام ۾ ٻہ بوتلون ڏنيون وينديون."

منهنجي لاءِ شرم جي ڳالهہ هئي تہ هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ ڪنهن شراب جي مقابلي ۾ شريڪ ٿيان پر ڳوٺ ۾ اڪثريت ديوانن جي هئي ۽ ديوانن جي وچ ۾ ويهي شراب پيئڻ کان ڪهڙو حجاب؟

ان رات مکي مل ۽ مون وچ ۾ مقابلو شروع ٿيو. ڳوٺ جا ديوان آيا. مکي مل مون لاءِ ٻہ بوتلون الڳ ڪيون. هڪ ديوان کي امين مقرر ڪيو ويو تہ اهو فيصلو ڪندو شراب پيئڻ کان پوءِ ڪير ٿاهڙيو ۽ ڪنهن شراب کي برداشت ڪيو.

مکي مل ۽ مان پيئڻ شروع ڪيو. آهستي آهستي گلاس مٿان گلاس ۽ وري گلاس مٿان گلاس بوتلون خالي ٿي ويون. مکي مل اک نہ ڇنڀي مون محسوس ڪيو مکي مل وڏو پياڪ هو هن جو شراب پيئڻ ۽ پيئارڻ جو وڏو تجربو هو.

شراب پيئڻ جو تجربو هوش ايجاد ڪندو آهي. زندگي جي هر شيءِ تجربو آهي. مون محسوس ڪيو زندگيءَ جو تجربو جڻ پتل مان سون ٺاهڻ

آهي. جيڪو سدائين ناڪام ويو. هاءِ اسڪول جي زماني ۾ استاد ليبارٽريءَ ۾ تجربا ڪرائيندا هيا. هڪ دفعي ڪلورين گئس ٺاهڻ جو تجربو ڪيو. هڪ شاگرد شيشي واري ڪُهڪهيءَ ۾ ڪلورين گئس ٺاهي، مذاق ۾ پرسان ويٺل دوست جي نڪ تي چاڙهي، اهو بي هوش ٿي ڪري پيو. استاد خوشيءَ جو اظهار ڪيو ته "تجربو ڪامياب ويو."

مکي مل ۽ منهنجي شراب پيئڻ جو مقابلو به ڪامياب ويو. نه مکي مل وڦليو نه مان ٿاٻڙيس. جڏهن بوتلون خالي ٿي ويون ته ٻنهي ڄڻن امين بي هوش ٿي ڪري پيو هيو. جڏهن انصاف ڪندڙ هوش ۾ نه هجي ته بي هوشيءَ جي هلندڙ مقابلي جو انصاف ڪير ڪندو؟

مکي مل ۽ مون گڏيل مقابلو ڪتيو هيو. مون کي به بوتلون انعام ۾ مکي مل کي ڏيڻيون هيون. ان ڪري فيصلو اهو ٿيو ته چارئي بوتلون چڻ هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي ڀڄي پيون. هاڻ مرضي آهي شيشا ميڙيو ۽ آڱريون زخمي ڪيو يا شيشن کي ڇڏي ڏيو ۽ آڱريون بچايو.

پندرنهن ڏينهن کان پوءِ مون کي گهر وڃڻ نصيب ٿيو مکي مل موٽرسائيڪل ڪڍي ته هو مون کي بيابان کان ٻاهر نديءَ ڪناري ڇڏي اچي. هن جي اهڙي عمل ڪري مون کي اٺ ڪان پناهه ملي، جنهن تي چڙهي مون کي نديءَ ڪناري پهچڻو هو.

اٺ ڪان پناهه ان ڪري ته توهان اٺ تي چڙهي پنهنجن نه ڪيل گناهن جو اعتراف ڪندا آهيو ۽ "ها ها" ڪندا اڳتي وڌندا آهيو.

اهو منجهند جو وقت هو جڏهن مان مکي مل سان موٽرسائيڪل تي سوار ٿي نخلستان مان نڪتس ۽ بيابان شروع ٿي ويو. ٿورو اڳتي هلياسين ته ڪتن جي لوڏ پويان ڪيو لڳي، بيابان جي سڄ ۾ هر طرف "هائو هائو" جا آواز پڙاڏا ٻڌجي گونجڻ لڳا. مون ڪنڌ ورائي ڏٺو چار پنج ڪتا هيا جن جا وات کليل هيا. اهي تيزيءَ سان ڀڪندا پٺي آيا. مکي مل موٽرسائيڪل هلائيندي مون کي چيو "سائين هوشيار" ۽ پوءِ چوٿين گيئر ۾ رفتار وڌائي ڇڏي موٽرسائيڪل زوڪٽ ڪندي بيابان جي پيچري تي هرڻ جيان ڊوڙڻ لڳي، ڪتا به تيز پڇندا، ويجهو پئي ايندا ويا.

مکي مل جو تيز هوا ۾ اڏرندڙ آواز آيو. "گهٻرايو نہ همت ڪري ويٺا هجو."

مون مکي مل کي پويان ڀاڪر وڌو. مکي مل ۽ منهنجا ڪپڙا هوا ۾ ائين اڏري رهيا هئا جيئن ساموندي ٻيڙي جا سڙهہ هجن. موٽرسائيڪل جي تيز رفتاريءَ باوجود ڪتا ايترو تہ ويجها اچي ويا هئا جو لڳي رهيو هو چاڻ چنگهہ ۾ چڪ پاتائون.

ڪتا پنهنجي ضد تي اچن تہ سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪري ڇڏين. مون کي لڳو هڪ ڪتي موٽرسائيڪل جي پوئين ٽائر ۾ چڪ وڌو آهي پر مکي مل نہ مڙيو ۽ موٽرسائيڪل کي ائين اڏارڻ لڳو جيئن لغڙ جنهن جا پيچ هوائي جهاز سان هجن. ويو ڊر ڊينڊو ۽ نيٺ ڌاڳو ڪٽي پيو.

اسان ٻئي موٽرسائيڪل جي هڪ پٿر سان ٽڪرائجڻ ڪانپوءِ اونڌا وڃي هيٺ ڪرياسين. ڪتا پهچي ويا ۽ انهن موٽرسائيڪل کي چڪ پاتا.

ڪتن جي اهڙي رويي کي ڏسي مان حيران ٿي ويس. انهن موٽرسائيڪل جي ٽائرن، هينڊل ۽ سيٽ کي ڏند ڪيڏي چڪ پاتا ۽ پوءِ منهنجي منهن ڏي ائين ڏسڻ لڳا جيئن انهن پنهنجو فرض پورو ڪيو هجي. مکي مل ۽ مون کي نقصان پهچائڻ بنا موٽي ويا.

مکي مل ۽ مان ڪپڙا ڇنڊي اٿياسين. موٽرسائيڪل سڌي ڪندي مکي مل چيو "ڊاڪٽر صاحب توهان ڇا ڏٺو؟"

مون عجب مان ڪنڌ لوڏيو ۽ چيو "اعتبار نہ ٿو اچي."

مکي مل ٻڌايو "دراصل ڪتن ائين سمجهيو هو تہ موٽرسائيڪل ڳوٺ جي ڊاڪٽر ۽ ڊسپينسر کي اغوا ڪري وڃي رهي آهي. ان کي روڪڻ ضروري آهي. ڪتن پنهنجو فرض پورو ڪيو اهي ڪوشش ۾ ڪامياب ويا. موٽرسائيڪل کي روڪي ان کي چڪ پاتائون ۽ موٽي ويا.

(6)

منهنجي گهر جي در ٻاهران "راڪو" روئي رهيو آهي. اهو اهڙي يتيم ٻار جيئان سڏڪي رهيو آهي جنهن جا وڏا چڙهي دنيا ڇڏي ويا هجن. ڪتا يتيمن جي قوم آهي. ڪنهن ٻه ڪتي کي ماءُ ۽ پيءُ بابت ڄاڻ نه هوندي آهي. ان جو وجود خاص پاڻ لاءِ هوندو آهي. هو ڪتن ۾ رهندي ڪتن جهڙو نه هوندو آهي. ڪو ٻه ڪتو ڪنهن ڪتي جي خوراڪ، بيماري يا بچاءُ جو ذميوار نه هوندو آهي. نه ڪتو ڪتي جي صلاح تي هلندو آهي ۽ نه ڪنهن ڪتي کي شوق هوندو آهي ته اهو ٻئي کي نصيحت ڪري. ڪتا پائر، پينر، سئوٽ ماسات ۽ پڦات نه هوندا آهن. ڪتا بس ڪتا هوندا آهن. انهن جي اهڙي حيثيت جو اهو سبب آهي ته انهن ۾ ڪڏهن ڪو آسماني ڪتو پيدا نه ٿيو آهي.

راڪي کي گهر مان ڪيڻ جو سبب منهنجي ڪتن مان بيزاري آهي، سڄي زندگي انسان ٿيڻ جي ڪوشش ڪيم پر ڪتي جهڙو به ٿي نه سگهيس. مان لاشعوري طور ڪتن سان حسد ڪيان ٿو. مون ڪان ڪتن جي هڪ ڏينهن جي حياتي برداشت نه ٿي ٿئي جيڪا انسان جي سوَ سالن جي زندگيءَ جي برابر آهي. حياتيءَ جي هن موڙ تي ڪتي جي ڀونڪ منهنجي ستل ماضيءَ کي جاڳائي وجهي ٿي. مون ڪيترا دفعا راڪو کي ڀونڪڻ ڪان روڪيو پر هُو نه مڙيو. منهنجو ننڊ آرام ۽ سڪون ڇٽ ٿي ويو. مون هن تي تشدد ڪيو هو منهنجن قدمن ۾ ڪِري پيو پر ڀونڪڻ ڪان نه مڙيو. نيٺ مجبور ٿي مون هن کي در ڪان ٻاهر ڪيڍي ڇڏيو ۽ هُو در تي ويهي ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهي. راڪو منهنجي زندگيءَ جو آخري ڪتو هو ۽ هاڻي ڪڏهن به

ڪتي پالڻ جو شوق نہ آهي. راڪي کان اڳ اچا ڪيترا ڪتا آهن جن جا داستان جيپ ڪيڏي سهڪن ٿا.

منهنجي آخري بدلي هڪ تمام وڏي شهر ۾ ٿي. مان ان شهر جي روڊن تي ڪِوڙي وانگر هلندو هيس. شهرن جي شهرن سان ڀيٽ ۾ شهرن جي پنهنجي احساس ڪمتري هوندي آهي. وڏي شهر جو ماڻهو ننڍي شهر ۾ ائين گهمندو آهي جيئن ڏهہ ماڙ عمارت هجي ۽ ننڍي شهر جو ماڻهو وڏي شهر ۾ ڪجهہ سري جاءِ هوندو آهي. مون ان شهر ۾ پير ڄمايا. وڏا شهر ڏٻڻ جيان هوندا آهن. پير ڄمايو تہ پير اهڙا ڄمندا آهن جو نڪرڻ جو نانءُ نہ وٺندا آهن. ويندا آهن ڏينهون ڏينهن ڏٻڻ ۾ غرق ٿيندا ۽ پوءِ توهان جو وجود ڪلهن تائين هيٺ هليو ويندو آهي. توهان ڏسي سگهندا آهيو ۽ آخر اڪيون بہ دفن ٿي وينديون آهن ۽ توهان انڌا ٿي ويندا آهيو.

ان عرصي دوران امڙ فوت ٿي وئي ۽ مون کي بيو پٽ ڇايو. جيڪڏهن ڪو جملي جي هڪ سٽ ۾ ايڏا واقعا سمائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ سٽ ڦاٽي پوندي پورو ماضي حال جي هڪ سٽ ۾ سمائجي سگهي ٿو پر اها سٽ ڪلسٽر بم جيان هوندي ۽ هڪ بم ۾ ڪئي بم سمايل هوندا. ماضي بہ منهي بلا آهي جنهن کي پيچ نہ آهي. امڙ جو موت مون کي ياد آهي. موتِ جو سبب اهو بہ آهي تہ توهان جي گهر ۾ ڪتو نہ هجي. اها حقيقت آهي تہ ملائڪ ۽ چور ان گهر ۾ گهڙندا آهن جنهن گهر مان ڪتي جي ڀونڪ بلند نہ ٿئي

وڏي وقت کان پوءِ جڏهن آخري دفعو امڙ سان ملڻ ويو هيس تہ مون ڪيس وري بہ ڪتي پالڻ جي صلاح ڏني هئي.

هن جواب ڏنو هيو "هاڻي مان جيئڻ نہ ٿي چاهيان."

مون افسوس مان سندس منهن ۾ ڏٺو هيو. هوءَ گهڻي ڪمزور ٿي چڪي هئي، مون کي ياد آهي، مون امڙ جهڙي حسين عورت نہ ڏٺي. مان ان جي ڇهري کي پيار مان ڏسندو هيس ۽ حسرت هوندي تہ مون کي هڪ ڏينهن امڙ جهڙي زال ضرور ملندي. منهنجو پهريون عشق امڙ سان هيو ۽ مان ان جي هنج مان ٻاهر نہ نڪرندو هيس. امڙ ڪڏهن ڏک ۾ روئيندي هئي تہ مان ڪيو اڳري نہ سگهندو هيس.

امڙ سهڻي هئي انڪري ڪائنات جي هر شيءِ سهڻي نظر ايندي هئي. گهر جي اڱڻ ۾ نم هئي. مون پهريون دفعو ساون ڪنين ۽ ڳاڙهي چهنب وارو طوطو ڏٺو ته حيران ٿي ويس. ڪيڏي نه عجيب ۽ غريب دنيا هئي. چنڊ کي ڏسندو هيس ته کير پيئڻ وسري ويندو هيو. گلاب پرسان رکندو هيس ته ننڊ اچي ويندي هئي. اهو سڀ امڙ ڪري هيو. آخري ڏينهن ۾ ڪائنات امڙ جيان پوڙهي ٿي چڪي هئي. مون کي ڪا به شيءِ متاثر نه ڪندي هئي.

انسان جو مقدر اڪيلائي آهي ۽ امڙ جي اڪيلائي محسوس ڪري لڳندو هيو مان به ائين اڪيلو ٿي ويندس.

وڇڻ وقت مون امڙ کان موڪلايو هو ۽ هن پيار مان چيو هيو "تون منهنجي حياتيءَ جو آخري ڪتو آهين."

"امڙ ڪتا روح جي حفاظت ڪندا آهن." مون چيو "افسوس منهنجي وڃڻ کان پوءِ گهر چورن ۽ فرشتن کان ڪليل هوندو."

هوءَ مرڪي ۽ هن جي مرڪ پنجاسي سال پراڻي هئي. مرڪ شراب جيان پراڻي ٿي وڌيڪ اثرانگيز ٿئي ٿي.

مون گهر کان ٻاهر نڪري گهٽيءَ ۾ ڏٺو گهٽي سوڙهي ٿي چڪي هئي. جايون پنهنجين حدن کان ٻاهر نڪري آيون هيون. گهٽيءَ ۾ نظر ڦيريم. هڪ به ڪتو نظر نه آيو. "هائو" واڙي واري جا سڀ ڪتا مري چڪا هيا. مون کي ياد پيو ته ننڍي هوندي هڪ دفعي ميونسپل وارا ٻاڙي ۾ زهريلو قيمو اڇلائي ويا. ڪيترائي ڪتا اهو قيمو کائي مري ويا. "هائو" جا به ڪتا مون ڦتڪندي ڏٺا. اهي روڊ تي پيا هيا. انهن جا وات ڪليل هيا ۽ جسم ۾ ڳڏيون پئجي رهيون هيون. جسم هر هر سيٽجي وري ڍرو پئي ٿي ويو. "هائو" جي ڪتن جو هر ڪنهن کي ڏک هيو. ڪتن کي ڦتڪندو ڏسي، مائي جُليءَ ٻڌايو ته "انهن کي ڌڻي وات ۾ وجهو." ماڻهو گهرن مان ڏهي ڪٽي آيا ۽ انهن کي وات ۾ وڌي پر ڪتا بي سڌ پيل هيا ۽ ڦتڪي مري ويا.

هڪ دفعي ڪنهن مون کي چيو هيو ته "خدا حلال مال ۾ برڪت وجهندو آهي."

مون پڇيو "ڪيئن؟"

چيو هيائين "ٻڪرين ۽ ڍڳن ۾ ڪيڏي برڪت آهي جو انهن جو گوشت کائڻ کان پوءِ به ڌڻ نه ٿا ڪٽن. جڏهن ته ڪتا جن کي ڪاڏو نه ٿو وڃي اهي ايڏي تعداد ۾ نه آهن."

مون ان جي اهڙي سوال تي سوچيو هو ۽ چيو هيو "جنهن ڏينهن ماڻهن ڪتا کائڻ شروع ڪيا ته انهن ۾ به برڪت پئجي ويندي."

دنيا ۾ ڪتن جا فارم آهن ۽ جن ملڪن ۾ ڪتا کاڌا وڃن ٿا، انهن ملڪن جا ماڻهو پنهنجي نظام سان وفادار آهن.

امڙ گذاري وئي. امڙ جي موت جو سبب اسان جي بي وفائي هئي. ڪاليج جي وقت مون هڪ ڇوڪريءَ سان پيار ڪيو هو. ڪيڏو سادو جملو آهي. جملي پڙهڻ سان ائين لڳي ٿو ڄڻ مون ماني کاڌي هئي. پر اهو هڪ دردناڪ جملو آهي جنهن جي ڪتا جي لڪيل سيني لفظن جا نقطا ڳوڙهن جا نهيل آهن. مون اهو قصو ان ڪري ٻڌائڻ مناسب نه پئي سمجهيو ته ان ۾ ڪنهن ڪتي جو ذڪر نه آهي. جڏهن اسين پيار ڪندا آهيون ته پاڻ کان سواءِ ڪجھ نظر نه ايندو آهي. ٿي سگهي ٿو ان ڪهاڻيءَ ۾ ڪي ڪتا لنگهيا هجن پر مون کي ياد نه آهن.

اهو قصو ايڏو وڏو آهي جو بيان ڪرڻ لاءِ هڪ حياتي ناڪافي آهي. مان ان عشق ۾ سڀ ڪتا وساري ويٺس. جيئڻ جو اصول آهي. "ڪو عاشق ٿي يا ماڻهو." مان ٻئي نه ٿي سگهيس. ڇاڪاڻ جو ناڪامي اهڙو ڪو به نانءُ نه ٿي ڇڏي جيڪو پنهنجي مٿان رکي سگهجي. نه ٿو چاهيان ته اهو قصو بيان ڪيان جنهن ۾ ڪنهن ڪتي جو ذڪر نه هجي. ڪائنات جي قصي ۾ جيئن هستيءَ جو ذڪر هوندو آهي، ائين منهنجي قصي ۾ ڪتي جو ذڪر ضروري آهي.

مون امڙ جي جنازي ۾ شرڪت ڪئي. اڪيلي زندگي گذاريندڙ امڙ جي جنازي ۾ ايڏا ماڻهو شريڪ ٿيا جو پير پائڻ جي جاءِ نه هئي. انسان جذباتي آهي. موت جو ٻڌي هن جي پيرن هيٺان زمين نڪري وڃي ٿي. ماڻهو جيئري منهن نه ڏسندا آهن پر مئي منهن ڏسندا آهن. انسان جيئرو آهي ته هڪ اميد آهي. پيا منهن ڏسنداسين. ڪو مري ٿو ته اهو سوچي منهن ڏسي ٿو اهو منهن وري ڪڏهن نه ڏسنداسين.

مون امڙ جي آلي مٽيءَ واري قبر کي ڇهيو. اها ان جي دل جيان نرم هئي.

وڏي شهر ۾ رهندي منهنجا پار وڏا ٿي ويا. ڪجهه وقت هڪ فليٽ ۾ رهڻو پيو پوءِ شهر کان ٻاهر سستو پلاٽ وٺي ان تي جاءِ ٺهرائڻ جو سوچيو. جاءِ ٺهرائڻ وقت اهو به سوچڻو پيو ته شهر جون حالتون صحيح نه آهن. روز ڏهه ٻارنهن ماڻهو قتل ٿين ٿا. ڌاڙيل گهرن ۾ گهڙي سامان کڻي وڃن ٿا. شهر کان ٻاهر بدامني اجا به وڌيڪ هوندي. موٽر وي تي افغانن جون بستيون هيون. اهي افغاني اصلحي جي زور تي گهرن ۾ گهڙي سڀ ٻهاري ويندا هيا. مون ۽ منهنجي وڏي پٽ صلاح ڪئي ته فليٽ کان زمين تي گهر سٺو آهي. بي امنيءَ کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪتو پالڻو پوندو ۽ ڪتو ڪتان نه ڪتان ملي پوندو.

ايمپريس مارڪيٽ ۾ ڪتن جي بازار آهي. پنجرن ۾ ڪتن جا ٻچا هر ايندڙ ويندڙ کي ائين نهاريندا آهن جيئن التجا ڪندا هجن ته کين خريد ڪري پنهنجي غلاميءَ ۾ ورتو وڃي. ڪتن جا ٻچا انسانن سان جلد هري وڃن ٿا. ٻچا کهڙا به هجن اهي انهن جا هوندا آهن جيڪي سندن مٿي تي شفقت مان هٿ ڦيرين.

شهر جي روڊن تي مون انسانن جي بازار ڏٺي آهي. رازا، ڏکڻ، رنگ ساز مستري ۽ مزدورن جا هجوم هوندا آهن. مون کي هڪ مزدور جي ضرورت پئي، جڏهن هڪ سان ڳالهايم ته سوين مزدور چوڌاري ڪٺا ٿي ويا. هر ڪو منهنجو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ ڳالهائڻ لڳو. وڏو گوڙ مچي ويو. هڪ مزدور سان ڳالهائيندي پيو مزدور منهنجي سامهون اچي ويو ۽ ان کي ڌڪو ڏئي ٽيون مزدور ان جي اڳيان اچي ويو. خبر نه پئي ته مزدور پاڻ ۾ وڙهي پيا.

"جڏهن مان ڳالهايان پيو ته تون ڇو ڳالهايو؟" هڪ مزدور چيو.

"۽ جڏهن مان ڳالهايان پيو ته وچ ۾ تون ڇو ڳالهايو؟" ٻئي چيو.

۽ ائين ٽئين ۽ چوٿين هڪ ٻئي تي لتن ۽ مڪن جي بارش ڪري ڏنائون. مان وٺي ڀڄس ۽ اهو سوچي ايمپريس مارڪيٽ نه ويس ته متان ڪتو خريد ڪندي، ڪتا مزدورن وانگر وڙهي نه پون.

جاءِ ٺهڻ شروع ٿي تہ منهنجو پٽ پهريون ئي ڪتن کي گلر وٺي آيو. مون ان کان پڇيو "اهو ڪتن مليو؟"

"هڪ دوست ڏنو" هن چيو "ان وٽ ڪتن جا ولر آهن. اهو منهنجي دوست جو دوست هو. منهنجو دوست ان وٽ ويو ۽ پنهنجي دوست کان اهو وٺي ڏنائين."

مون ڏٺو اهو اڇي رنگ جو گلر هيو. شڪل ۾ بيهڪ مان عام رواجي ڪتو پئي ڏٺو. ان ۾ مون کي ڪا اهڙي شيءِ نظر نہ آئي جيڪا خاص ڪتن ۾ هوندي آهي.

انسان ۾ ڪتي جي بيهڪ مان ان جي خاصيت جو اندازو لڳائي سگهيو آهي. انسان ۾ ڪتي جون خاصيتون هجن تہ اهو ڪامياب انسان هوندو آهي ۽ ڪنهن ڪتي ۾ انسان جون خاصيتون هجن تہ اهو در در جون ٺوڪرون کائي مري ويندو آهي.

مان پنهنجي پٽ پاران آندل گلر کي غور سان ڏٺو. ان جا ڪن هيٺ لڙڪيل هئا. اکين مان انتهائي شريف ٿي ڏٺو جيڪا ان جي خامي هئي. ڪامياب ڪتو اهو آهي جيڪو ڪتن جيان ٺهيل هجي ۽ ان ۾ ڪنهن ڪتي جو روح هجي. آخر نفس بہ ڪا شيءِ آهي؟ اهو نفس ئي آهي جيڪو جيئڻ تي مجبور ڪري ٿو. نفس جون ضرورتون ڪڏهن پوريون نہ ٿيون ٿين. نفس جي ڪري انسان جستجو ڪري ٿو نہ تہ روح پاڙي آهي. هر وقت جسم جي چائنٽ تي رواني ٿيڻ لاءِ پتڪو پائي تيار وينو هوندو آهي.

نفس ڪتو آهي ۽ روزگار جي حصول لاءِ پونڪي ٿو. مون پنهنجي پٽ جي اهڙي تڪڙ تي ٿورو ناراضگيءِ جو اظهار ڪيو.

"انتظار ڪرين ها." مون چيو "جاءِ جو ڪم اڃان شروع ئي نہ ٿيو آهي تہ تون ڪتي جو بندوبست ڪري آيو آهين."

هن ڪو جواب نہ ڏنو. مان فڪرمند ٿي ويس ۽ وري چيو "جيسين جاءِ ٺهي، هن ڪتي کي ڪٿي رکنداسين؟"

منهنجي پٽ مرڪي مون ڏانهن ڏٺو ۽ چيو "ڪجهہ ڏينهن فليٽ تي هجي پوءِ جڏهن جاءِ تي چوڪيدار رکيوسين تہ ان وٽ ڇڏي ايندا سين."

گلر کي فليٽ تي رکڻ کان سواءِ ڪو چارو نہ هيو. اهو گلر فليٽ تي ڏاڍو خوش هيو. اچڻ وڃڻ وقت پيو ڇنگهين ۾ وچڙندو هيو. جڏهن ڪڏهن اسان کي ڏسندو هو. ان جي وات جي ٻيهڪ مان لڳندو هيو هڪ مسلسل مرڪ ان جي منهن تي ڪيڏي رهي آهي. گلر فليٽ تي گند بہ گهڻو ڪندو هو. اهو تنگ مٽي ڪري هر شيءِ کي مٽندو هو. منهنجي پٽ ان کي ڳچيءَ ۾ پٽو وڌو ۽ زنجير ٻڌي ٻاهر گهمائيندو هو. گلر جتان بہ لنگهندو هو رستي جي هر شيءِ تي مٽندو ويندو هو. جيڪا سني ڪار ڏسندو هو ان جي ٽائر تي مٽ ڪندو هيو. ڪنهن ٻڌايو تہ اها ڪتي جي فطرت آهي. هو پنهنجي حد مقرر ڪندو آهي ۽ اها حد مٽ جي لڪير هوندي آهي. اها هڪ سرحد هوندي آهي تہ پيو ڪو ڪتو اها حد پار ڪري نہ ٿو سگهي. ڪتا هڪ ٻئي جو مٽ سنگهي سرحدن جو اندازو لڳائيندا آهن ۽ هڏي جي ڳولها ۾ ٻئي ڪتي جي سرحد پار ڪندي ڏاڍا محتاط هوندا آهن.

انسان ترقيءَ تي ملڪ ٺاهڻ ڪتي کان سکيو آهي. مٽ جي سرحد هٿيارن جي سرحدن کان وڌيڪ محفوظ هوندي آهي. هٿيارن جي سرحد کي ٽپندي لکين ماڻهو مارجي چڪا آهن. مٽ جي سرحد پار ڪندي اڄ تائين ڪو بہ ڪتو ماريو نہ ويو آهي.

جڏهن نهندڙ جاءِ تي چوڪيدار رکيوسين تہ چوڪيدار پلاٽ پرسان ڪچي جهڳي ٺاهي پنهنجي ڪٽنب سان اچي ويٺو. اهو سانوري رنگ جو سرائيڪي هيو جيڪو سگريٽ گهڻا پيئندو هيو. ان جي زال جهوپڙيءَ ٻاهران گندگاهہ گڏ ڪري چلهو دکائيندي هئي ۽ پوءِ ٻار اتي ئي بلاڪن تي ويهي ماني کائيندا هيا. غريب جي مانيءَ ۾ گند جو ذائقو ضرور هوندو آهي. غريب جي ڪاڏي ۾ گرم مصالحو نہ هوندو آهي. مون ان کي هڪ بہ دفعا گهران ٻوڙ ماني آڻي ڏنو پر سندس ٻارن کي دست ٿي پيا.

چوڪيدار هڪ سٺو شخص هو. اهو ايمانداري سان پنهنجو فرض نڀائيندو هيو. منهنجو پٽ گلر کي ان وٽ ڪٺي ويو ۽ چيائين "ڳيو هن کي بہ ڏجانءِ. جيسين جاءِ ٺهي ٻيهندي هي ڪافي وڏو ٿي ويندو ۽ وڏو ٿي تو کي پڳ ٻڌائيندو."

چوڪيدار ڪليو ۽ جواب ڏنائين "ڪتا پڳ لاهيندا آهن. هي وري ڪيئن پڳ پڌائيندو؟"

"پڳ چورن جي لاهيندا آهن." هن ڪيس جواب ڏنو "چوڪيدار چوڪيدار جو سائي هوندو آهي. تون به چوڪيدار آهين ۽ ڪتو به چوڪيدار. تون جاءِ جي چوڪيداري ڪندي ۽ ڪتو تنهنجي چوڪيداري ڪندو. ڪو لوهه سيمنٽ چوري ڪندو ته تون ان سان وڙهندين ۽ ڪو تنهنجي عزت ۾ هٿ وجهندو ته ڪتو ان سان مهاڏو اٽڪائيندو ۽ اهو تنهنجي عزت جو مان رکي توکي پٽڪو پارائيندو."

چوڪيدار مسلسل کلي رهيو هيو.

"پر اسان غريبن جو پٽڪو ته پهريان ئي لٽل هوندو آهي." هن چيو "فڪر نه ڪر، ڪتي جو خيال ڪر. مان توکي نئون پٽڪو وٺي ڏيندس."

منهنجي پٽ سدائين چوڪيدار جو خيال رکيو.

هو هاٿي ڪتي کي "ٻوڙو" جي نانءَ سان سڏ ڪندو هو. جڏهن به نهندڙ جاءِ تي ويندو هيو ته ٻوڙو هن کي ڏسي پري کان پڇندو ايندو هيو. منهنجي پٽ کي جاءِ جي اڏاوت کان وڌيڪ ڪتي جو فڪر هوندو هيو. مان سڄو ڏينهن جاءِ جي اڏاوت جو سامان وٺڻ ۾ مشغول هوندو هيس. هڪ چنبو ٺيڪيدار مليو جيڪو منجهند وقت ايندو هيو ۽ سامهون فٽ پاٿ پريان هڪ خالي پلاٽ ۾ ڪرسي وجهي ويهندو هيو. چانهه پيئندو هيو ۽ جڏهن ڳالهائيندو هيو ته ان جا ڳتا ڳاڙها ٿي ويندا هيا. ان کي اڏاوت جو ٺيڪو ڏنل هيو باقي مٽيرل منهنجي ذمي هيو. ڳالهائڻ وقت مون کي ان جي ڳتن جو ڳاڙهو ٿي وڃڻ سمجهه ۾ نه آيو. هو هر هفتي ٺيڪي جا پئسا ائين گهرندو هو جيئن خيرات گهرندو هجي. "اڄ جمعي جي رات آهي." هو چوندو هيو "پلارو ڏينهن آهي، مزدورن جي پئسن جي قسط ڏيندا ته سڀاڻي جمعي جو مبارڪ ڏينهن سٺو گذري." مان هن کي ڏسي سوچيندو هيس. جڏهن ڪنهن وٽ فرض جي ڪوتاهيءَ جو احساس هجي ته اهو نماڻو نظر ايندو آهي. هو پريان ڪرسيءَ تي ويهي جاءِ نهندي ائين ڏسندو هيو جڻ جاءِ نه نهندي هجي پر مزدور پاڻ کي مشغول رکڻ لاءِ ڪم ڪندا هجن.

ڪڏهن سوچيندو آهيان طوفانن کي اچڻ لاءِ ڏکي وقت جو انتظار ڇو هوندو آهي؟ سڪئي وقت طوفان ننڍ پيا هوندا آهن. ڏکيو وقت ڏسندا آهن ته جاڳي پوندا آهن.

اهو منهنجو ڏکيو وقت هيو. جاءِ جي اڏاوت دوران ائين ڏڪندو هيس ته متان مصيبت مون کان گوءِ نه کٽي وڃي. جاءِ جا بنياد پيا. بلاڪن سان پٽيون متي ٿيون ته واچوڙو آيو. مون زندگيءَ ۾ اهو خوفناڪ واچوڙو نه ڏٺو. پڙهندو هيس ته ٻين ملڪن ۾ واچوڙا ايندا آهن پر پنهنجي شهر ۾ اهڙو واچوڙو پهريون دفعو ڏٺو. واءُ ۽ مينهن سان هوا گول ڦرندي آئي ۽ ٺهندڙ جاءِ جي بنيادن تي بيٺل بلاڪن جون پٽيون ڪري پيون. چوڪيدار جي جهڳي اڏامي وئي ۽ هڪ وڏي پلاسٽڪ هيٺان پنهنجي گهر ڀاتين سميت لڪي جان بچائي. هڪ ڀت منهنجي پٽ جي پير تي ڪري ۽ آڱريون زخمي ٿي پيون. ڦٽ ڀاٽ پريان پيل ڪرسيون پري هليون ويون اتي پيل هڪ صوفي جا گدا هوا سان گول ڦرندا متي آسمان ۾ گم ٿي ويا.

مان هڪ وڻ کي ڀاڪر پائي بيٺل هيس. وڻ جا ڏار ائين لڏي رهيا هيا، جيئن پنهنجي هٿن سان مون کي پري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هجن. اهو پنجن منٽن جو واچوڙو هيو جيڪو پنجن مهينن جي محنت تي پاڻي ڦيري ويو. ٻاهر پيل سيمينٽ جون ٻوريون آليون ٿي ويون. مون کي پئسي ۽ وقت جي ڏيان جو افسوس ٿيو. منهنجو زخمي پٽ اٿيو ۽ ڪتي کي ڳولهڻ شروع ڪيو "ٻوڊو ڪاڏي ويو؟" هو چرين جيان هيڏانهن هوڏانهن ڊڪون پائڻ لڳو. هن چوڪيدار کان پڇيو "ڇا توں ٻوڊو کي ڏٺو؟"

چوڪيدار جواب نه ڏنو. هن پنهنجي ڀڳل جهڳيءَ ڏانهن ڏٺو جنهن جي ڇت نه هئي ۽ ٽاڻءِ گپ ۾ اونڌا پيا هيا. هن جا ٻار روئي رهيا هيا ۽ زال ڏک مان سامان سهيڙي رهي هئي.

منهنجو پٽ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي ٻوڊي کي ڳولهي آيو ۽ ان کي ڊٺل پٽين جي وچ تي رکي مرڪڻ لڳو.

"ٻوڊو ملي ويو" هن چيو.

مان ٻوڊي کي ڏٺو اهو پاڻي ۾ آلي ٿي وڃڻ ڪري سست نظر اچي رهيو هو ۽ ڊٺل ڀت جي بلاڪن پويان لڪي هر هر ڪن ڇنڊي رهيو هو ڪا

ٻه شيءِ سلامت نه هئي. ڪرسيون ڪٺي انهن کي سڌو رکيو ويو. گڏن ٻنا صوفا ائين هئا جيئن ڪنهن مزدور جو ٺيڪم گم ٿي ويو هجي.

ڪجهه ڏينهن گذريا ته هڪ ڪباڙي اتان لنگهيو. ان جي گاڏي تي صوفي جا گم ٿيل گدا رکيل هيا. مون انهن کي مٿان چڙهيل پوشن مان سڃاتو ۽ ڪباڙيءَ کي چيو "هي گدا ته منهنجي صوفي جا آهن. توکي ڪٿان مليا؟" ڪباڙيءَ مون کي ائين ڏٺو جيئن ان جي چوري پڪڙي هجي.

"هي مون هتان کان ٻه ڪلوميٽر پري هڪ گوٺاڻي کان خريد ڪيا آهن." ان چيو ۽ مون سوچيو اهي گدا واچوڙي ۾ اڏامي اتي وڃي ڪريا هوندا. ڪنهن غريب کي هٿ آيا آهن ۽ ان ڪباڙيءَ کي وڪيا آهن. مون اهي گدا ڪباڙيءَ کان خريد ڪري واپس صوفي تي رکيا ۽ سوچيو. جڏهن توهان کي پنهنجي گم ٿيل شيءِ ڪيسي مان پئسا پري واپس ونڻي پوي ته اهي توهان جي بي وسيءَ جا ڏينهن هوندا آهن. ڪنهن جو ٻه ڏوهه نه هوندو آهي. نه واچوڙي جو. نه ان شخص جو جنهن اڏامي ويل گدا وڪيا ۽ نه ڪباڙيءَ جو. ڇو جو اسان کي هر اهو ڪم ڪرڻو پوي ٿو جنهن لاءِ خلقيا ويا آهيون ۽ ان کان اڳ جو خلق جي خلق ڪلايون. بهتري ان ۾ هوندي آهي ته خلقڻهار جي رضا ۾ راضي رهون.

منهنجو قسمت ۽ مقدر ۾ يقين نه آهي. سڀ حادثاتي آهن پر ڪڏهن محسوس ٿيندو آهي ڪا اهڙي طاقت آهي جيڪا مون کي سبق سيکارڻ چاهي ٿي ته پاڻ کي بدلايان ڇو جو انڌي خوداعتماديءَ سبب زندگيءَ جا گهڻا فيصلا غلط ڪيان ٿو.

اڃان مون سُون جا ڏينهن شروع ٿي نه ٿيا هيا ته مينهن شروع ٿي ويا. لڳي ائين رهيو هيو ته مينهن کي منهنجي جاءِ جي ڪم شروع ٿيڻ جو انتظار هيو. هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن تيز مينهن وسندو هو. سيمينٽ جون ڪيتريون ٻوريون آليون ٿي ويون. جن مان ڪن ٻورين کي تڪڙ مان جاءِ جي اڏاوت ۾ استعمال ڪيو ويو.

ڇت پئجي رهي هئي ته اوچتو جهڙ ٿي ويو. تيز مينهن ڪري شٽرنگ جي ڪاٺ جا پاوا هيٺ لهي ويا ۽ ٽيرس ڇٻي ٿي وئي. مسلسل مينهن ڪري ٻوڏ ۾ پنهنجي آلن وارن کي هر هر ڇنڊي پيو هيڏانهن هوڏانهن ڊڪون

پريندو هيو يا ٻلاڪن جي ڪنهن نامڪمل پٽ جي اوٽ ۾ پيو سهڪندو هيو. هڪ ڀيرو ماڻهن صلاح ڏني ته اهو سڀ ان ڪتي جي ڪري آهي، جيڪڏهن ڪتو نه هجي ته مينهن نه وسن ۽ ايڏو نقصان نه ٿئي. مون هڪ دفعي مزدور کي چيو ته "هو ڪتي کي ڪٺي ڪتي پري وڃي اڇلي."

پر منهنجو پٽ ناراض ٿيو "مينهن سڄي شهر تي وسي ٿو." هن چيو "صرف اسان جي ٺهندڙ جاءِ تي نه ٿو وسي. ڪتي جو قصور هجي ها ته مينهن پوري شهر تي نه وسي ها." هن جي ڳالهه ۾ وزن هيو. تصور قسمت جو هوندو آهي، ڇو جو اها وجود نه ٿي رکي، جيڪڏهن قسمت وجود رکي ها ته پوءِ قسمت جو ڪو ڏوهه نه هجي ها. خدا خير جي دعا ٻڌي نه ٻڌي، پر بددعا تي اٿين عمل ڪندو آهي، جيئن ڪيس انتظار هجي، ڪو بددعا گهري ته ان تي عمل ڪيان.

منهنجو پاءُ جيڪو هڪ ننڍي شهر ۾ وڏو آفيسر هيو. ان کي خيال آيو ته پنهنجي پاڻتي ڏي ڪو ڳاهوڪو ڪتو تحفو طور موڪلي ڏي، جڏهن اهو ڪجهه وقت پهريان مون ڏي آيو هيو ته منهنجي پٽ کيس فرمائش ڪئي هئي "هڪ سٺي ڪتي جي سخت ضرورت آهي جيڪو ٺهندڙ جاءِ جي حفاظت ڪري سگهي."

منهنجي پاءُ کيس پوڙ ڪندي چيو هيو "حفاظت رب جي ذات ڪندي آهي، ڪتي جي ڪهڙي ضرورت؟"

مان پرسان ويٺي اهو سڀ ٻڌي رهيو هيس، هن جي ڳالهه تي ٺهڪ ڏنو ۽ چيو "ربُ ڪائنات جي حفاظت ڪندو آهي ۽ ڪتو رب جي."

"اهو ڪيئن؟" هن ڪان چرڪ نڪري ويو.

"ان ڪري ته رب خاموش آهي ۽ ڪتو ڀونڪي ٿو." مون چيو.

ان ڳالهه کي ٽي مهينا ٿي ويا، منهنجي پاءُ کي اوچتو خيال آيو ان هڪ وڏيري کي عرض ڪيو ته "کيس ڪو ڳاهوڪو ڪتو ڏي، جيڪو پنهنجو فرض سٺي طريقي نڀائي سگهي."

وڏيري وٽ ڪو سٺو ڪتو ته نه هو. پر هڪ ناياب نسل جي ڪتي هئي، اها هن حوالي ڪئي. اها ڪتي جڏهن ڀهتي ته مان حيران ٿي ويس، اهڙي نسل جي ڪتي مون ڪڏهن نه ڏني هئي، صفا لومڙي ننڍو قد. پورا

ناسي واڻ مٿي ڪڙا ڪن ۽ ڦڙتيلو جسم. منهنجو پٽ ان کو سوڙن سڏڻ لڳو. سوڙن کي ننڊ جاءِ تي ڇڏڻ بجاءِ فليٽ تي رکيو ويو ان خطري کان تہ ڪو ان کي چوري نہ ڪري وڃي.

اسان ڪتي کي ڇهڻ ڪانپوءِ هٿ ڌوئيندا آهيون ۽ ڪڏهن ڪتي جي گم ٿي وڃڻ يا مري وڃڻ سبب ان مان هٿ ڌوئڻا پوندا آهن. وفادار ڪتي کي اهو ڏسي ڏک ٿيندو آهي تہ ان جو مالڪ ڪيس هٿ لائڻ ڪانپوءِ هٿ ڌوئي ٿو.

ڪتا ٻوڙ ماني کائيندا آهن. مرچ کائيندا آهن ۽ منهنجي دوست وٽ هڪ اهڙو ڪتو هيو جيڪو انب چوسيندو هو. دنيا جو ڪو بہ جانور انسان جهڙو ڪاڙو نہ کائيندو آهي، سواءِ ڪتي جي. ٻلو ليمون نہ چٽيندو آهي، پر ڪي ڪتا ليمن جو رس شوق سان پيئندا آهن. مون کي هڪ دوست ان جو سبب ٻڌايو هيو تہ "تخليق سان گڏ ڪتو ۽ انسان گڏ نسريا آهن. ان ڪري پنهي جون عادتون هڪ ٻئي ۾ منتقل ٿيون آهن."

انسان ازل کان اڪيلو آهي. فطرت انسان جي اڪيلائين جو خيال رکي ٿي. ان ڪري ڪتو ضروري آهي.

سوڙن اسان جي ڪٽنب لاءِ نياڳي ثابت ٿي. منهنجو پٽ ان کي روز شام جو ڳچيءَ ۾ زنجير وجهي گهمائيندو هو. هو پنهنجي صحت کان لاپرواهہ هو. ڪڏهن پنهنجو خيال نہ ڪيائين. هن پاڻ کان وڌيڪ ڪتن کي پنهنجو ڪيو. پهريون ڪتي کي کارائيندو هو پوءِ پاڻ کائيندو هو. ڏاڍو خوش طبيعت ڪلٽو هو. هڪ ڏينهن مون ڏٺو ڪيس ڳلي وٽ ڳوڙهيون هيون. مون ان کي چيو "تون پنهنجو خيال رکہ اهي ڳوڙهيون خطرناڪ ٿي سگهن ٿيون." منهنجي ڳالهہ کي هن اهميت نہ ڏني ۽ جواب ڏنائين "اهي تہ گهڻي وقت کان آهن. پاڻ ئي ٺيڪ ٿي وينديون."

"پر مون پهريون نہ ڏٺيون آهن." مون چيو.

"هاڻي ٿورو تيزيءَ سان وڌيون آهن." هن لاپرواهيءَ سان جواب ڏنو.

ڏسندي ئي ڏسندي هن جي ڳچيءَ وٽ ڳوڙهيون تيزيءَ سان وڌڻ شروع ٿي ويون. سندس جسم ڪمزور ۽ منهن هيڊو ٿي ويو.

(7)

آنتون انسان جي مصروف وقت جو انتظار ڪنديون آهن. جڏهن انسان واندو هوندو آهي تہ آنتون آرام ڪنديون آهن ۽ جڏهن انسان ڪو ڪم محدود مدت ۾ ڪرڻ چاهيندو آهي تہ آنتون ڪڙڪي پونديون آهن. مڇر جهڙي ظالم مخلوق مون نہ ڏٺي. مڇر رت پيئڻ جو اهڙو ماهر هوندو آهي جو سامراج ان کان سبق سکي. مڇر ان وقت حملو ڪندو آهي، جڏهن توهان مصروف هجو ۽ هٿ واندا نہ هجن. آنتون بہ مڇر جيان آهن. ڏکيو وقت ڏکئي وقت کي دعوت ڏيندو آهي، هڪ آفت ٻئي آفت کي نازل ڪري ٿي.

جاءِ جي هلندڙ ڪم وقت منهنجي پٽ جو بيمار ٿيڻ ائين هو جيئن مان اهڙي پٽ هجان، جنهن کي ڏار هجي. ماٿهو بہ بلاڪن ۽ سيمينٽ جو

ٿهيل هوندو آهي. زلزلي جو ڪهڙو ڀروسو. الميو انسان لاءِ زلزلو هوندو آهي. زلزلو هجي يا الميو ٻنهي صورتن ۾ انسان جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويندي آهي ۽ هو ڏهي پوندو آهي.

بيماريون ايڏيون سگهاريون هونديون آهن جو هڪ ڊاڪٽر کي ٻئي ڊاڪٽر جي ضرورت پوندي آهي. هڪ ڏينهن مان ڪيس اسپيشلسٽ ڊاڪٽر ڏي وٺي ويس. ان تپاسي ٻڌايو تہ صورتحال سنگين آهي. هن جي بائيوپسي وٺڻي پوندي. ڊاڪٽر آپريشن ٿيٽر ۾ هن جي بائيوپسي ورتي.

اهو هڪ ڊگهي قد وارو سنهو ڊاڪٽر هو. جيڪو مون کي آسمان جيڏو نظر اچي رهيو هو.

"ڊاڪٽر منهنجي پٽ جي بچڻ جي اميد آهي؟" مون هن کان سوال ڪيو. "تہ" هن ٿهہ پهہ وراڻيو. "جسم جي ڳوڙهين مان لڳي رهيو آهي تہ اهي گهڻي تعداد ۾ آهن ۽ بيماري ڦهلجي چڪي آهي."

هن جي ڳالهين تي منهنجي اکين اڳيان اوندهہ اچي وئي. ڳوڙهن کي ائين روڪيم جيئن سيلاب کي بند ٻڌو هجي.

منهنجو پٽ نوجوان هو ڪيس اعتماد هيو تہ هن ۾ جيئڻ جي سگهہ آهي، هي سڀ ڪوڙ ڳالهائي رهيا آهن. هو پيرن تي بيٺل آهي ۽ ڪيس حياتيءَ کي ڪو خطرو نہ آهي.

بائيوپسيءَ جي رپورٽ آئي ۽ ان ۾ ڪينسر ڄاڻايل هئي. مون پنهنجي پٽ کي ٻڌايو تہ "تون ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا آهين." هو مرڪيو ۽ سوزن ڏي ٻال ڏني ڪيو. سوزن اهو ٻال ڇڪ ۾ آڻي ڪيس واپس ڪيو. سوزن هن کي بي انتها پيار پئي ڪيو. مون محسوس ڪيو پيار کي چار ٽنگون آهن. ٻہ اڳيون ڪتي جون ۽ ٻہ پويون انسان جون. پيار اهڙو جانور آهي جيڪو ماڻهوءَ کي پيار ڪري ٿو ۽ ماڻهو جانور ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو.

امڙ ٻڌائيندي هئي، هن جي ڦڦي هئي. ان کي اولاد نہ ٿيندو هيو. ڳوٺ کان ست ڪوهہ پري هڪ بي اولاد عورت جنهن کي "پاڙي ماءُ" چوندا هئا. اها بي اولاد عورتن جي حق ۾ دعا گهرندي هئي تہ ڪين اولاد عطا ٿيندو هو.

پڦيءَ کي ان وٽ وٺي ويا. پاڙي ماءُ پڦيءَ کي ڏسي چيو "ڳوٺ جا ڪتا مارجي وڃن ته هر بلا جو رستو صاف ٿي ويندو آهي."

پوءِ سوال ڪيو "ڳوٺ ۾ گهڻا ڪتا آهن؟"

پڦي سوچ ۾ پئجي وئي ۽ پوءِ جواب ڏنو "ته هجڻ برابر"

پاڙي ماءُ فڪرمند ٿي وئي ۽ ڏک مان اکيون بند ڪري دعا گهري. پوءِ اکيون کولي پڦيءَ کي چيو "وڃ توکي خدا ڪتو عطا ڪندو."

پڦي ڳوٺ آئي ڪيس پيٽ ٿيو ۽ خوبصورت پٽ ڄايو. جيڪو هن سان سڄي زندگي وفادار رهيو.

مون کي لڳندو هيو ته منهنجو پٽ به ائين آهي، جو جو هر حال ۾ خوش گذاريندو هيو. مرڪندو هيو ۽ جيڪي ملي مزي سان کائيندو هو. هن جون اکيون ناسي هيون. بلڪل اهڙي ڪتي جيان جنهن کي پورا وار هجن.

ٺهندڙ جاءِ تي چڏيل بوڍو چوڪيدار سان ائين ٿي ويو جيئن وچڙيا مليا هجن. پٽ جي بيماريءَ جي ڪري گهڻو وقت منهنجو اسپتال ۾ گذرندو هيو جنهن ڪري جاءِ تي وڃي نه سگهندو هيس. ٺيڪيدار دير سان ايندو هو. مسترين چوڪيدار سان ملي منهنجو گهڻو سامان چوري ڪيو جنهن ۾ لوهه ڪان وٺي بجليءَ جون تارون ۽ سيمينٽ شامل هيا. مون کي لڳندو هو ته چوري ٿي رهي آهي پر ڪجهه ڪري نه سگهندو هيس. جو جو وقت کي اهميت هئي. چاهيندو هيس ته جاءِ جو ڪم جاري رهي جيئن ٿوري وقت ۾ سامان ڪٽي اتي رهائش اختيار ڪيان. پٽ جي بيماريءَ ڪري هر شيءِ هيٺ مٿي ٿي وئي. قسمت کي پيو گهٽ وڌ ڳالهائيندو هيس ته آخر ان الميي جو انجام ڇا ٿيندو؟

بوڍو نسلي ڪتو ثابت نه ٿيو. هو ڪنهن غدار جو نسل هو. گهڻا ماڻهو ڪتي جي نفس تي قبضي لاءِ ان جو پڇ ڪٽي پاڻ وٽ رکندا آهن. انسان اندر به ٻه ڏکيا ڏند آهن. انهن ڏندن ۾ ڪتي جو وات آهي ۽ وات پويان پورو ڪتو موجود آهي. ائين ڪتي جو نفس ان جي پڇ ۾ آهي. پڇ ڪٽي پاڻ وٽ رکو. بي وفائي ڪري ته ان جو پڇ ڪڍي لتون هڻون. ڪتي جي رڙ جو آواز ايندو. رڙ ۽ ڀونڪ ۾ فرق آهي. رڙ تڏهن ڪندو آهي جڏهن توهان ان کي

بيوفائيءَ جو احساس ڏياريو ۽ پوڪندو تڏهن آهي جڏهن توهان سان وفادار هوندو آهي.

مون کي لڳندو هيو چوڪيدار بوڍو جو ٻچ ڪتي پاڻ وٽ رکيو آهي ۽ ان کي جيڪو پيچ لڳل آهي، اهو انسان جو آهي جيڪو ڪنهن وقت انسان کي هو. منهنجو پٽ بيمار هوندي به ڪڏهن گهر کان پڪل ڪاڏو کڻي ٺهندڙ جاءِ تي پهچندو هو ۽ بوڍو کي کارائيندو هو. بوڍو گهر جو ڪاڏو ائين کائيندو هيو جيئن اهو پيدا ئي اهڙو ڪاڏو کائڻ لاءِ ٿيو هجي ۽ اهڙو ڪاڏو روز نه ملڻ سبب اهڙي ڪاڏي لاءِ واجهائيندي پنهنجي وجود کان باغي ٿي پيو هجي. هن کي اهڙو ڪاڏو ان ڳالهه کان روشناس ڪرائيندو هيو ته هو جيئرو آهي ۽ چوڪيدار جي انهن ٻارن جيان مئل نه آهي جن ڪاڏي جيان ڪڏهن زندگيءَ کي نه چکيو آهي.

علاج هلڻ باوجود وقت سان منهنجي پٽ جي حالت خراب ٿيندي وئي. هن کي نڪ ۾ نلڪي وڌي وئي، جنهن مان کيس ڪاڏو پيسي وجهڻ لڳاسين. پر هو نوجوان هيو ۽ کيس هر تڪليف برداشت ڪرڻ جي سگهه هئي. هن کي نڪ ۾ نلڪي لڳل هوندي هئي، پر پوءِ به هو سوڙن کي ساڻ ڪري ٻاهر نڪري ويندو هيو. منهنجي پٽ جا دوست ان کان پري ٿي ويا. جيڪڏهن هن وٽ سوڙن نه هجي ها ته زندگي گذارڻ ڏکي ٿي وڃي ها. منهنجي پٽ جا دوست ڪتا نه هئا.

ڪتو ان وقت سهارو بڻجندو آهي، جڏهن خدا هٿ ڪيندو آهي. ماڻهو خدا کان گهٽ ڪتي کان وڌيڪ ڊڄندا آهن. گهرن جي حفاظت لاءِ ماڻهو گهرن ۾ پاڪ ڪتاب رکندا آهن پر چور چوري ڪري ويندا آهن. جنهن گهر ۾ ڪتو هجي ان گهر ۾ نه گهڙندا آهن.

انسان شين کي نالن سان سڃاڻي ٿو. ڪتو شين کي بوءِ سان سڃاڻيندو آهي. بوءِ ڪتي جي مادري زبان آهي. ڪتو پنهنجي "گرگراهٽ" سان خيالن جو اظهار ڪندو آهي، پر ان جي گرگراهٽ ۾ ساڳيو ورجاءُ هوندو آهي. ان جي ٻولي ٻن لفظن تائين محدود هوندي آهي. اهو اکين جا اشارا به ڪندو آهي ۽ ڪنڌ لوڏي ڪجهه چوڻ چاهيندو آهي. هن جو نڪ

نگاهہ ۾ ثواب سنگھي ولندو آهي. ماڻهن جا رويا سجاڳي ويندو آهي ته ان جو ڪهڙو ارادو آهي. ان کي ڪاوڙ ۾ خوشيءَ جي بوءِ ايندي آهي. هو مالڪ جي بوءِ هڪ ڪلوميٽر تان محسوس ڪندو آهي. جڏهن مان پنهنجي پٽ سان اسپتال کان موٽندو هيس ۾ اجان ڪافي پنڌ پري هوندا هياسين ته گهر وارا ٻڌائيندا هيا "اسان سمجهي ويندا آهيون ته توهان پهچڻ وارا آهيو ڇو جو سوزن ڪنڌ کڻي سنگهي وات مان مخصوص آواز ڪڍندي آهي ۾ اسان کي پڪ ٿي ويندي آهي ته توهان ويجها آهيو."

سانجهي ڪانپوءِ اسان جو ڪتنب سير لاءِ نڪرندو هيو. منهنجو پٽ نڪ ۾ لڳل نلڪيءَ کي هٿ هٿي هر هر پوئتي ڪندو هو متان نڪري نه وڃي. هو سدائين مرڪندو هو. اڳيان هلندڙ سوزن کي پيو ڏسندو هو. جيڪا ٻڪي اوچتي بيهي رهندي هئي ۾ رستي ۾ پيل شيءَ کي سنگهڻ لڳندي هئي. اسان پٽ پويان هلندي ڏاڍا مايوس ۾ غم ۾ ورتل هوندا هياسين.

اهي سانوڻ جا ڏينهن هيا. وڏ ڦڙو وسي ائين بند ٿي ويو هيو جيئن يقين ڏياريندو هجي ته منهنجي وسڻ ۾ منهنجو ڪو ڏوهہ ناهي. رستا آلا هوندا هيا ۾ مٽيءَ جي خوشبوءِ واءَ ۾ سمايل هوندي هئي.

موسم جيان جهڙ کي به چار رنگ هوندا آهن. اڇو جهڙ عرش جي ڏنڊ ۾ ترندڙ ٻدڪ جهڙو هوندو آهي. ناسي جهڙ ڳيري جهڙو پر جهڙ ڪيترو به ڪارو هجي اهو ڪانءَ جهڙو نه هوندو آهي. چوٿون رنگ نيرو هوندو آهي جيڪو ڇڳل جهڙ جي وچ مان نظر ايندڙ آسمان جهڙو هوندو آهي. مون صرف جهڙ کي وسندي نه ڏٺو آهي پر آسمان کي روئندي به ڏٺو آهي.

آپريشن ويل مون کي ڊاڪٽر ٻڌائي ڇڏيو هيو ته "ڪوشش ڪيون ٿا پر تنهنجي پٽ جي بچڻ جي اميد نه آهي. ڪينسر جي ڳوڙهين جو تعداد ٻڌائي ٿو جيڪڏهن ان مقدار ۾ ڳوڙهيون هجن ته بچڻ ممڪن نه هوندو آهي." مان ٻڌتر ۾ هوندو هيس ته منهنجو پٽ الائي بچندو الائي نه؟ مون اهڙي ڳالهہ ڪڏهن به پٽ کي نه ٻڌائي. هو چوندو هيو "گهبراءِ نه ٺيڪ ٿي ويندين." هن جي اعتماد کي ڏسي لڳندو هيو ڊاڪٽر ڪوڙ ٿو ڳالهائي. هڪ ڊاڪٽر جي صورت ۾ مان پاڻ به محسوس ڪندو هيس. هن جي حياتي

ڪ ١٦

ڪجهه مهينا آهي پر هن جي پراعتماد چهري کي ڏسي لڳندو هيو ميڊيڪل جي دنيا نامڪمل آهي.

منهنجي ياءُ کي هڪ ننڍي شهر ۾ وڏو دفتر هو. ان هڪ پوپي سان ڳالهه ڪئي. ان پوپي پنهنجي عمل سان ٻڌايو ته منهنجي پٽ تي تعويذ ٿيل آهن. ان تي ڪارو جادو ڪيو ويو آهي. ان جو توڙ اهو آهي ته ٻه ڪارا ٻڪر وٺي انهن کي ڪنهن ويران هنڌ تي سِير ڏئي ڦٽو ڪيو وڃي ۽ سِير ڏيڻ کان اڳ فون تي ٻڌايو وڃي ته هاڻي اسين سِير ڏيڻ وارا آهيون. ٺيڪ ان وقت جڏهن سِير ڏني ويندي اهو عامل پنهنجو عمل شروع ڪندو ۽ ڪارن ٻڪرن جي ڪسجڻ سان ڪاري جادوءَ جو اثر ختم ٿي ويندو.

منهنجو توهمات ۾ اعتقاد ناهي پر منهنجي گهرواريءَ ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ائين ڪرڻ ضروري آهي. ٻن ڪارن ٻڪرن جو بندوبست ڪري مان ۽ منهنجي گهرواري هڪ ڪاسائي ساڻ ڪري ويران جهنگ ۾ وياسين ۽ عامل کي فون ڪري ڪارا ٻڪر ڪهي اڃلي اڳتي وڌياسين ۽ پريان ٻيهي ڪنڌ ورائي ڏٺوسين ته خبر نه پئي ڏهه ٻارنهن اڇا ڪتا ظاهر ٿيا. اهي پريان ڀڄندا آيا ۽ ڪارن ٻڪرن کي اچي وچڙيا.

منهنجي گهرواريءَ ڪاسائيءَ کي چيو ته "ڪتن کي هڪلي اچ."

ڪاسائيءَ چيو."اهي ڪتا نه فرشتا آهن. گوشت کائڻ لاءِ فرشتن کي ڪتو ٿيڻو پوندو آهي."

منهنجي زال ۽ مان اهو سوچي فليٽ تي واپس آياسين ته اهڙي عمل کان پوءِ ضرور اسان جي پٽ تي اثر پيو هوندو. اهو سدائين جيان مرڪي سوڙن سان کيڏي رهيو هو. اسان جي اهڙي عمل جو هن تي نفسياتي اثر پيو ۽ ٻڌايائين "هو هاڻي ڪافي بهتر محسوس ڪري رهيو آهي."

مان ڪيترا ڏينهن اهو سوچيندو رهيس ته اهي ڏهه ٻارنهن اڇا ڪتا ڪيئن ظاهر ٿيا جيڪي ذبح ٿيل ٻن ڪارن ٻڪرن مٿان اچي ڪڙڪيا.

دراصل توهان جي ذهن ۾ جيڪا شيءِ هجي دنيا جي هر شيءِ ان جهڙي نظر ايندي. دل ۾ ڪتو ويٺل هجي ته پونڪڻ جو آواز ايندو. اهي اڇا ڪتا اميدن جو روپ هئا. جن کي لومڙ جهڙا ڪن ۽ بگهڙ جهڙا ڏند هئا.

حسرتون جهنگلي جانور جيان آهن. جن کي اسين گهرن ۾ پالڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. ٽانگ جي مٿي تي پيار مان هٿ ڦيري ته ٽو سگهجي. ٻلي پنهنجو جسم توهان جي هٿ سان گسائي ٿي، پر بازيگر جي دل پاليل شينهن تي پيار مان هٿ ڦيرڻ وقت خوف ڪان ضرور تيز ڌڙڪندي هوندي.

ان عرصي دوران جاءِ جو هيٺيون حصو نهي تيار ٿيو. مٿيون حصو نامڪمل هو جنهن ۾ ڪالمن وچ ۾ سيمينٽ جي بلاڪن جون اگهاڙيون پٽيون هيون. مون وٽ ايترا پئسا نه بچيا جو ٻاهرين لوهه جي دروازي کي مڪمل طور بند ڪرائي سگهان. ان دروازي ۾ هيٺيان وٿيون هونديون هيون، جتان ڪتا گهر ۾ ايندا ويندا هئا. ٻوڍو هاٿي وڏو ٿي چڪو هو پر حفاظت نه ٿيڻ سبب اهو ٽائون جي ڪتن سان ملي انهن جهڙو ٿي چڪو هو. ٻاهرين در جي هيٺين وٿيءَ مان گهر اندر ايندو ويندو هو. ان اڳيان ڳيپي تڪر اڇلائبو هيو ته شوق سان کائيندو هو. باقي سوزن گهر ڪان ٻاهر نه نڪرندي هئي. اها منهنجي پٽ جي پڪ ۾ ويٺي هوندي هئي ۽ ان کي ڇڻ افسوس مان پئي ڏسندي هئي.

حقيقت ۾ ڪتن کي سڀ خبر هوندي آهي پر اهي توهان کي ٻڌائي نه سگهندا آهن. اڳڪٿي ڪرڻ ڪتن جو ڪم آهي. ڪو ماڻهو اڳڪٿي ڪرڻ جي دعوي تڏهن ڪري سگهي ٿو جڏهن اهو گهوڙو هجي يا ڪتو.

شايد سوزن کي خبر هئي ته هو ڪجهه ڏينهن جو مهمان آهي. ڪتا سنگهي حياتي ٻڌائي سگهن ٿا. ڪتي جي عمر ننڍي هجڻ جو سبب اهو به آهي ته هو پنهنجيون وفاداريون جلد ورهائي ڇڏي ٿو پوءِ هن وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهه نه ٿو بچي ان ڪري جلد گذاري وڃي ٿو.

منهنجو پٽ هاٿي هڪ بستر تي بي سڌ پيل هوندو هو. ان جي ڪيموٿراپي هلندي هئي، جنهن ڪري طبيعت ۾ چڙچڙو ٿي پيو. ڪيس اوڪارا ۽ الٽيون اچڻ لڳا. جان مان بيزار لڳندو هيو. هڪ دفعي بستر تي ويٺي روئي رهيو هيو ته سوزن ان وٽ وئي ۽ زبان سان ڳوڙها چٽڻ لڳي. ڏک جو ذائقو نمڪين آهي. انسان جي دل لوڻ سان ڀريل آهي. دل جا سڀ رستا

اکين ڏي وڃن ٿا. هو هاڻي روئندو هو. الماڙيءَ مٿان رکيل پيٽرول جي بند بوتل کي ڏسندو هو. اهو پيٽرول جنريٽر لاءِ هوندو هيو. مون کي لڳندو هو سندس آپگهات ڪرڻ جو ارادو آهي. اها بوتل پاڻ مٿان هاري تيلي ڏيندو. مون اها بوتل اتان ڪڍي گم ڪري ڇڏي. اسان هن کي حوصلو ڏيندا هياسين. "تون ٺيڪ ٿي ويندين. گهٻراءِ نه" ڪيس ماءُ چوندي هئي ۽ پوءِ اها دل ۾ چوندي هئي "جيڪر پنهنجي موت ڪانسواءِ ٻيو ڪو موت نه ڏسان." موت گونگو ٻوڙو اندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اسان کي نظر نه ايندو آهي. جيڪڏهن موت ائين نه هجي ته انسان ان جون اکيون ڪڍي ڇڏي، ڪن ڪپي ڇڏي ۽ زبان وڍي ڇڏي. موت ڪتي کان بدتر آهي، ڇو جو ڪڏهن به ٻونڪي حملو نه ٿو ڪري. اهو ايندو آهي ۽ گذري ويندو آهي. موت کي بخمل جا جورابا پاتل هوندا آهن. ان کي ڏسڻ جي سگهه انسان وٽ ناهي.

ڪڏهن منهنجو پٽ چوندو هيو "مون کي ٻاهر ڪٺائي هلو هن ملڪ ۾ منهنجو علاج ناهي."

مان کيس تسلي ڏيندو هيس "دنيا ۾ ان بيماريءَ جو علاج هر هنڌ ساڳيو آهي. ٻاهر به اهي ئي دوائون استعمال ٿين ٿيون، جيڪي هن ملڪ ۾."

هو منهنجي ڳالهين مان مطمئن ٿي ويندو هيو ۽ سوڙن جي منهن تي هٿ ڦيريندو هيو.

نئين جاءِ وسيع هئي. ان ۾ نوَ ڪمرا هئا. به هال ۽ ٽي لائونج. هن جو بسترو لائونج ۾ پيل هوندو هو ۽ اسان ان چوڌاري ڪرسين تي ويٺل هوندا هياسين. ڪاڏو گريندر ۾ پيهي ڪيس نلڪيءَ وسيلي هڪ سرنج سان ڏيندا هياسين. هن جون اکيون ڳوڙهن سان ڀريل هونديون هيون. سندس ناسي اکين ۾ ترندڙ ڳوڙهن اندر اسان جو پورو ڪٽنب ٻڏل هوندو هيو. مان واش روم جو در بند ڪري روئندو هيس. هن جي ماءُ عبادت ڪندي هئي ۽ هٿ سدائين دعائون گهرندا هئا. ننڍو ڀاءُ هن ۾ پرسان تيمارداريءَ ۾ مصروف هوندو هيو. مون کي لڳندو هو پورو ڪٽنب ڪاري ڪڪر ۾ رهندو هجي. ان ڪڪر جي هر ڪاري ڇڳ ۾ ڳوڙهن جون قطارون لڙڪنديون هجن. مون خدا جي بيان ڪيل قيامت کي اکين سان ڏٺو ۽ ان انتظار ۾ هوندو هيس ته

ڪڏهن ٽي دوزخ جي سزا ملي. بوڊو ٽائون ۾ رلندو هو. ڪڏهن ٻاهرين در جي وٽي ٽپي اندر ايندو هو ته منهنجي پٽ کي ڏسي ان کي وچڙڻ جي ڪوشش ڪندو هيو پر اسان ان کي هڪل ڏئي پري ڪندا هياسين ته متان ڪتي جا جراثيم بيمار پٽ کي نه وچڙي پون. در هيٺيان اچڻ وڃڻ سبب بوڊو لوهه جي ڄاري ڇپي ڪري ڇڏي هئي. انهن ڏينهن دوران ڪو به نقصان پرڻ لاءِ اسان وٽ پئسا نه هيا.

هڪ دفعي مان پٽ جي ڪيموٿراپي ڪرائي اسپتال کان موٽيس ته بوڊو در جي هيٺين ڄاريءَ مان اندر آيو. منهنجو پٽ ڪاوڙ ۾ ونجي ويو. ان هڪ لٺ کنئي ۽ بوڊو تي وسائڻ شروع ڪئي. بوڊو رڙين ۾ مچي ويو. پٽين جي ڪنڊ ۾ لڪيو ته منهنجي پٽ وري ان کي لٺ سان مارڻ شروع ڪيو. هن بوڊي کي مار ڏئي دل جو بار هلڪو ڪيو. پوءِ اندر وڃي بستر تي ويٺو ۽ زارو قطار روئڻ لڳو. سوڙن هن جا ڳوڙها ڇنڻ آئي ۽ هن کي پري ڏڪو ڏنو. "مان نه بچندس." هن چيو "مون کي پڪ آهي مان مرڻ وارو آهيان." هو سچ چئي رهيو هيو ڇو جو ڪينسر جسم ۾ ايڏي ڦهليل هئي جو ڪا دوا اثر نه ڪري رهي هئي. هو ڳالهائيندو هيو ۽ روئندو هيو. مان چپ هوندو هيس ۽ اندر ۾ روئندو هيس. هن جي ماءُ عبادت ۾ مشغول هوندي هئي ۽ ننڍو پاءُ پيار ۾ ڏک مان ڪيس ڏسندو هيو.

اڌ مڪمل جاءِ نهڻ کان پوءِ مينهن بند ٿي ويا. جڏهن توهان وٽ ڪو مسئلو نه هجي ته پوءِ موسم تي ڳالهائي سگهو ٿا. موسمن جو اثر اتي هوندو آهي، جتي حالتون ٺيڪ هجن. انسان وٽ سدائين ڳوڙهن جي موسم هجي ته سانوڻ کي ڪهڙي اهميت؟

منهنجو عقيدن ۾ ويساهه نه آهي پر عيد نماز ضرور پڙهندو آهيان. ان جو سبب اهو آهي ته عيد نماز پڙهڻ جي عادت آهي. ننڍي هوندي کان وڏڻ سان عيد نماز پڙهي مان ان جو عادي ٿي چڪو آهيان. اها پهرين عيد نماز هئي جيڪا مون نه پڙهي. منهنجو پٽ هلڻ جهڙو نه هيو ان ڪري وڃي نه سگهياسين. ان کي اڪيلو ڇڏي وڃون ها ته سندس دل تي الائي ڇا گذري

ھا. منھنجي گھرواريءَ حلوو پچايو تہ دل کي ٿوري خوشي محسوس ٿي. ھن پٽ کي حلوو گرينڊ ڪري نلڪيءَ مان کارايو.

منھنجي پٽ پنھنجي ھٿن سان سوڙن کي کارايو. ڪتو ماڻھوءَ جي ھر شيءِ کائيندو آھي ۽ ڪڏھن پيار مان پورو ماڻھو کائي ويندو آھي. انسانن جو بہ اھڙو قبيلو آھي. جيڪو مرڻ کانپوءِ ان ڪري ماڻھوءَ کي کائي ويندو آھي جو انھن جو عقيدو آھي تہ جيڪڏھن نہ کائيندا سين تہ مئل کي مڪتي نہ ملندي. ان جي روح کي اھو احساس ٿيندو تہ مرڻ کانپوءِ جسم ڪنھن ڪم جو نہ رھيو.

عيد جي ڏينھن بوڍو ٽائون جي ٻين ڪتن سان در جي ھيٺين وٿيءَ مان آيو. منھنجي پٽ ٿورو اٿي ان کي پاڻ ڏي اچڻ جو اشارو ڏنو. اھو ڊوڙندو ان وٽ ويو ۽ پليٽ ۾ پيل حلوو کائڻ لڳو.

ان عيد تي جڏھن بوڍو رولو ڪتن سان آيو تہ منھنجي پٽ جي مک تي مرڪ ھئي. ڪتي کي ڪيڏو بہ ماريو اھو ان کي پنھنجي گناھن جي سزا سمجھي توھان کي معاف ڪري ڇڏيندو. مالڪ تي ڪڏھن حملو نہ ڪندو روئندو ۽ ان جا ڪَڙا ٽيل ڪن ان ڪري ھيٺ ٿي ويندا جو اھو توبھ تائب ٿيندو. بوڍي جي منھن ۾ اھڙو ڪو بہ گھنڊ نہ ھو جنھن مان ان جي ناراضگي ظاھر ٿئي.

منھنجي پٽ کي اھا ندامت ٿي رھي ھئي تہ ان ڪاوڙ ۾ بوڍي تي تشدد ڪيو. اھو سوچي ان ٿھڪ ڏنو. مون کي زندگيءَ جو احساس ٿيو ۽ سڀ ڪتا پيار مان پونڪيا. مون سوچيو زندگي اھا ئي آھي، جيئن ٽھڪ ڏيو ۽ پونڪو.

(8)

جيڪڏهن ڪو ڪوڙ جي وصف پڇندو تہ مان ڪتي جي ننڊ جو مثال ڏيندس. ڪتي جي ننڊ هڪ ڪوڙ آهي. سچو ڪوڙ انڪري تہ جڏهن ڪوڙ جي پڪ هجي تہ اهو سچو ڪوڙ ٿي پوندو آهي. ڪڏهن ڪوڙ جو اعتراف سچ هوندو آهي. اها بہ هڪ سچائي آهي تہ ڪو ڪوڙ ڪي ڪوڙ چوي ۽ انڪري ڪوڙ جي پڪ سچ هوندو آهي.

ڪتي جي ننڊ. ڪتي جو مڪر هوندي آهي. ڪتو ڪڏهن ننڊ نہ ڪندو آهي. هو اکيون بند ڪري جاڳندو آهي. جيڪڏهن ڪتي جون اکيون بند هجن تہ اهو عجيب لقاءُ ڏسندو آهي. جيڪي ٿي رهيا هوندا آهن يا ٿيڻ وارا هوندا آهن.

ان رات سوزن هر هر ڇرڪ ڀري اٿي ويهي ٿي رهي. اڱين ٽنگن تي ڪنڌ رکي اکيون ڀوٽيون ٿي مس ٿي تہ وري بي چين ٿي اٿي سيني کي ڏنو ٿي. هن هر هر ڪبي ڪن کي ڪنهيو پئي.

اوچتو منهنجو پٽ ننڍ مان ڇرڪ ڀري اٿيو ۽ عجيب نظرن سان مون ڏانهن ڏسڻ لڳو. مون محسوس ڪيو هن کي موت جي پڪ ٿي وئي آهي هن جو ڏسڻ ائين هيو جيئن مري وري جيئرو ٿي اسان ڏي ڏسندو هجي. هو پڪ ڪرڻ چاهيندو هجي ته هيءُ زندگي ساڳي آهي يا موت کان پوءِ واري زندگي شروع ٿي چڪي آهي.

هن مون کي پاڻ ڏانهن اشارو ڏنو. مان هڪدم ان وٽ ويس.

"اسپتال ڪٺائي هلو." هن چيو "طبيعت ٺيڪ نه آهي؟"

مان جلدي کيس شهر جي وڏي اسپتال وٺي آيس. هو نوجوان هو ۽ سندس جسم ۾ ٻل هو. هو سواءِ ڪنهن ويل چيئر جي هلندو اسپتال ۾ داخل ٿيو. ايمرجنسيءَ ۾ کيس بسترو ڏنائي، مانيٽر لڳايو ويو. ڪجھ ميڊيسن ڏني وئي. ڪنهن کي لڳي نه رهيو هو ته اهي سندس آخري گهڙيون آهن. هو ڳالهائي رهيو هو ۽ هر هر اوباسيون ڏئي رهيو هو.

"مون کي نرم وهاڻو ڏيو هي سخت وهاڻو هتان هٽايو." هن چيو وهاڻو تبديل ڪيو ويو ۽ پوءِ هو سمهي پيو. مانيٽر ۾ هلندي هڪ سڌي ليڪ ظاهر ٿي هو گذاري ويو.

دفنائڻ وقت گهر ۾ تمام گهڻا ماڻهو ڪٺا ٿي ويا. اهو ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد هيو. جيڪو ڪتن جي تعداد کان پوءِ گڏ ٿيو هو. مون سدائين آس پاس ڪتن جا هجوم ڏٺا، ماڻهن جو ايڏو هجوم ڏسي پڪ ٿي وئي ته ڌرتي اڃان انسانن کان خالي نه آهي، رهندڙ دنيا تائين هر حال ۾ انسانن جو تعداد ڪتن جي تعداد کان وڌيڪ هوندو. پر انسان ڪتن کي ياد نه ڪن پر ڪتا انسانن کي ياد ڪندا. ڇو جو انسان مالڪ کي وساري سگهي ٿو. ڪتو مالڪ کي ڪڏهن نه وساريندو آهي.

بوڊو دوستن سان در تي آيو ۽ هو اداس ويٺل هو. سوزن ماڻهن کان پري هڪ ڪنڊ ۾ لڪيل هئي. مون محسوس ڪيو ڪتا روح ڏسي سگهندا آهن ۽ منهنجي پٽ جو روح آس پاس موجود آهي. سڀ ماڻهو لنگهڻ جا چانور کائي رهيا هيا. ٻوٽيون جام هيون. ڪتن هڏا کاڌا. چون ٿا ته هڏي کي ڏسي ڪتي جي ٻڪ ۾ مستي جاڳي پوندي آهي. پر ان رات ڪتا اداس ۽

مست هيا. هو ڪنهن شيءِ کي مسلسل گهوري رهيا هيا. جيڪا ڳالهه منهنجي سمجهه کان ٻاهر هئي.

منهنجي پٽ جي موت ڪانپوءِ ڪتا يتيم ٿي ويا. ڪتي جو مالڪ مري وڃي ته اهو رلي ويندو آهي. رولو ڪتا دنيا کي يتيم خانو سمجهندا آهن. هڪ ڏينهن سوزن، بوڊو ۽ ان جي دوستن سان ٻاهر نڪري وئي. گهر ۾ ان جي دلچسپي نه رهي. نه ان کي وقت تي کاڌو ملندو هيو نه ان برتن جي صفائي ٿيندي هئي جنهن ۾ ان جو پاڻي پيل هوندو هيو. لوڏ ڪتن جي ان پويان هوندي هئي. سوزن پهرين نظر ۾ لومڙي لڳندي هئي. رات جي وقت ان کي گهمندي ڏسي ٽائون جا ماڻهو ڇرڪي ويندا هئا ته اهو ڪو جهنگلي جانور آهي جيڪو راهه ڀلجي گهٽين ۾ گهمي ٿو پر پوءِ جڏهن ان کي غور سان ڏسندا هئا ته کين پڪ ٿي ويندي هئي اها هڪ مختلف قسم جي ڪتي آهي.

سوزن جو رويو ماڻهن سان دوستيءَ وارو هوندو هو. اها ڪتن جي ولر ۾ مختلف نظر ايندي هئي. منهنجي ننڍي پٽ ڪوشش ڪئي ته اها گهر کان ٻاهر نه وڃي پر هن کي گهر کان ٻاهر ڪو اهڙو مزو اچي ويو جو سدائين در جي هيٺئين وٿيءَ مان ٻاهر نڪري ويندي هئي.

مون سوزن کي هڪ عورت جيان هڪ ٻئي ڪتيءَ سان وڙهندي ڏٺو. ٽائون ۾ هڪ ٻئي ڪتي ڪتان اچي نڪتي. سوزن ان کي ڪتن جي ولر ۾ ڏٺو ته حملو ڪيو. اها ڪتي سوزن کان قداور ۽ سگهاري هئي. ويڙهه ڪري ٻاهر خالي پلاٽ ۾ ڪتن جو گوڙ وڌي ويو. مون ٻاهر وڃي ڏٺو سوزن هڪ ڪتيءَ سان وڙهي رهي هئي. ان ڪتيءَ سوزن کي ڳچيءَ ۾ چڪ وجهي مٿي کنيو ۽ هيٺ زمين تي دسي مٿان چڙهي ويهي رهي. مون جڏهن اهڙو منظر ڏٺو ته هڪ وڏو پٿر کڻي ان کي وهائي ڪڍيو. ڪتي سوزن کي ڇڏي پري ڀڄي وئي. سوزن اٿي پنهنجا وار ڇنڊيا ۽ مون کي ڏسي کيس اعتماد اچي ويو ته مالڪ آيو آهي ضرور مدد ڪندو. اها ڀونڪي ڪنڌ سان اشارا ڏئي رهي هئي ته اڳتي وڌي ان کان منهنجو انتقام وٺ. مون ڀرسان بيٺل بوڊو کي ٻوٿ ۾ ڀونڊيو ڏٺو ۽ سوزن کي هڪل ڪري گهر جو اشارو ڏنو. هوءَ ڀڄندي در جي هيٺائين وٿيءَ مان ٽپي اندر هلي وئي.

ٽائون جو چيئرمين مون وٽ آيو ۽ چيائين "ڪتن ماڻهن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. ڪجهه ڏينهن ۾ اسان ٽائون اندر ڪتن خلاف ڪاروائي ڪرڻ وارا آهيون. جيڪڏهن توکي ڪتن جي زندگي عزيز آهي ته انهن کي ٻچيءَ ۾ پٽو وجهه ۽ گهر اندر قيد ڪر."

مون چيئرمين جي ڳالهه ٻڌي ۽ چيو "سڀ ڪتا منهنجا نه آهن. مان ڪوشش ڪندس ته انهن کي الڳ ڪيان ۽ ٻچيءَ ۾ پٽو وجهي ٻاهر نڪرڻ نه ڏيان "چيئرمين ويو ته مون سوزن کي ٻچيءَ ۾ پٽو وڌو. سوزن کي گهر اندر رکڻ ۾ ته ڪامياب ٿيس پر ٻوڏو هڪ نافرمان ڪتو ٿي ڇڪو هو. اهو موقعو مهل ڏسي ٻاهر نڪري ويندو هيو ۽ ٽائون جي ڪتن سان ملي هڪ ٿي ويندو هو.

ٽائون ۾ ڪتن خلاف ڪارروائي ٿي. ريٽرن سان گارڊ ڪتن کي مارڻ لڳا. هر طرف فائرنگ جا آواز اچڻ لڳا. ڪافي ڪتا ماريا ويا جن کي هڪ ڪيريئر ۾ کڻي ٽائون کان ٻاهر دفنائي آيا. ڪيترن ئي ڪتن پنهنجي جان بچائي ٻوڏو بچي ويو ۽ اهو در جي هيٺان ٽپي مٽي اڏ ٿهيل جاءِ ۾ وڃي لڪيو جتي سوزن هن جو انتظار ڪري رهي هئي.

منهنجي پٽ جي موڪلاڻيءَ کانپوءِ نامڪمل جاءِ اڻين نظر ايندي هئي جيئن اها ڍٽل هجي. اڌ مڪمل حصي جي پلسترن ۾ چير نظر ايندا هيا. منهنجي لاءِ حيرت جي ڳالهه هئي ته نئين جاءِ ۾ چير ڪيئن پئجي ويا آهن. مان ايڏو ته وائڙو ۽ هيسيل هوندو هيس جو ڪو به مسئلو سمجهي نه سگهندو هيس. اعتماد ختم ٿي ڇڪو هيو ۽ خوف ۾ مبتلا هوندو هيس. مون هڪ ٻن مسترين سان صلاح ڪئي. انهن کي جاءِ جا چير ڏيکاريا. هر ڪنهن پنهنجو الڳ رايو ڏنو. هڪ چيو "جاءِ جي ترائي ٺيل نه آهي." ٻئي چيو "جاءِ جڏهن پنهنجي توازن تي ايندي آهي ته هيٺ مٽي ٺيڪ ڪري ان ۾ ٿورا گهڻا چير اچي ويندا آهن." ٽئين اڻين چيو ته "جنهن گهر ۾ ڪتا هجن ان ۾ اهڙيون آفتون ايندڙيون رهنديون آهن."

مون سوچيو جيڪڏهن ڪتا آفتون آهن ته پوءِ خدا انهن کي خلقي ڇو ٿو؟ هر مذهبي چوي ٿو جنت ان لاءِ آهي. مذهبي عقيدي جي بنياد تي هڪ ٻئي سان وڙهن ٿا. خدا ڪنهن مان به مايوس نه آهي. اهو ڌرتيءَ تي هر

مذهب جو ماڻهو خلقي ٿو. خدا جي تخليق اڳيان مذهب جي حيثيت نه آهي. ڪتا ڪنهن به پيغمبر جي امت نه آهن. نه اهي جنت جا داعي آهن. نه دوزخ کي مڃيندڙ. ڪتا ڌرتيءَ جا اهي ڪافر آهن جيڪي انسان کي خدا مڃين ٿا. منهنجو ايمان آهي، جيڪڏهن جنت آهي ته اها صرف ڪتن لاءِ آهي ۽ ماڻهو ڪتن جي صدقي جنت ۾ داخل ٿيندا. اهو سوچي دل کي آٿت اچي ٿي ته منهنجو پٽ جنت ۾ هوندو ڇو جو اهو ڪتن جو خدا هو.

مٿين جاءِ جو نامڪمل حصو ڪنڊر جو ڏيک ڏيندو هو. فرش تي ڀڳل بلاڪن جا ٽوٽا، هاريل بجرو ۽ هل سيمنٽ ناهموار طريقي پيل هوندا هيا. مٿي وڃڻ گهٽ ٿيندو هيو. ڪتا در جي هيٺان پيا ايندا ويندا هيا ۽ ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويران جاءِ ۾ رهندا هيا.

هاڻي سوزن هڪ ڳورهاري عورت جيان پڌر ۾ اچي ويهندي هئي ۽ ان کي گوشت جي رس ۾ ماني پوري ڏيندا هياسين. ان کان مالڪ جو ڏک وسري چڪو هو. مان مارڪيٽ مان گوشت جي ٿيلهي پرائي وٺي ايندو هيس ۽ ٿيلهيءَ مان ڪڪڙ جا ڪچا جيرا ڪڍي هن آڏو اڇلائيندو هيس ته هوءَ مون ڏي تعريف جي نظرن سان ڏسندي هئي. جڻ مرڪي سوچيندي هجي ته دنيا ۾ سڀ جانور شڪار ڪن ٿا پر انسان جهڙو شڪاري ڪو به نه آهي. هڪ ڪتي ائين سوچي سگهي ٿي ڇو جو جانورن کي مارڪيٽ جي خبر نه آهي. انهن کي اها ئي خبر آهي ته گوشت شڪار ڪري حاصل ڪبو آهي ۽ دنيا ۾ انسان سڀ کان وڌيڪ گوشت واپرائي ٿو ان ڪري انسان جهڙو شڪاري ڪو به نه آهي.

اها سانوڻ جي موسم هئي جڏهن سوزن کي چار گلر ڄايا. مون مٿي وڃي ڏٺو واش روم لاءِ ڇڏيل جاءِ جي ڪنڊ ۾ جتي بجرو ڪوٺي هن ڪڏ ٺاهي هئي. ان ۾ بند اکين سان چار گلر هن جا ٿڻ ڳولهي رهيا هيا. مون کي ڏسي سوزن ڪامياب عورت جيان مرڪي. مون ڏٺو اهي مختلف رنگ جا گلر هيا جيڪي ڏسڻ ۾ سهڻا نظر اچي رهيا هيا. جڏهن هيٺ لهي آيس ته پوءِ به انهن گلرن جون ميڪون منهنجي ڪنن ۾ گونجي رهيون هيون.

گلر ٿورا وڏا ٿيا ته مٿي ڀوڙون پائڻ لڳا. اهي هڪ ٻئي کي چنبڙي ملهه وڙهڻ لڳا ۽ مستيءَ مان ٽپا ڏئي هر هر سوزن جي ٿڻن کي پئي چنبڙيا. مان

مارڪيٽ مان مرغيءَ جو گوشت وٺي آيس تہ ڪجھ ڇيڙا سوزن لاءِ الڳ ڪيا. گوشت فريزر ۾ رکي ٽيلهي کولي ڇيڙا سوزن اڳيان اڇلايا. سوزن کائڻ لڳي تہ چار گلر بہ انهن ڇيڙن کي اچي چنبڙيا. ٻئي ڏينهن مون ڏٺو چارئي گلر مئا پيا هيا. سوزن انهن کي سنگهي اٿارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. انهن جي موت جو سبب شايد اهي ڇيڙا هيا جيڪي هضم ڪري نہ سگهيا. اها انهن جي ڪير پيئڻ جي عمر هئي پر ڇيڙا کائي انهن ڄڻ خودڪشي ڪئي هئي. مان پنهنجي ڪيئي تي پشيمان ٿيس. سوچڻ لڳس تہ اجايو مون تڪڙ ڪري ڇيڙا انهن آڏو اڇلايا. سوزن هيٺ لهي اچي ها تہ ڪيس الڳ ڇيڙا کارائي اهڙي سانحي کان بچائي وجهان ها.

مون پنهنجي ننڍي پٽ سان انهن چئن گلرن جي لاشن کي هڪ ٻوريءَ ۾ وڌو ۽ کڻي ڏاکڻ طرف وڌيس تہ سوزن روئندي اسان پويان ڊڪندي آئي. سانوڻ ڏک جي موسم هوندو آهي ڇو جو وسڻ کان پوءِ ڌرتيءَ تي ڳوڙهن جي بوءِ هوندي آهي. وسندو آهي تہ بس ئي نہ ڪندو آهي. وڏ ڦڙو ننڍ ڦڙو ۽ وري ٿوري چپ. چپ ۾ ڪاري جهڙ جو گجگوڙ ۽ وري ڦڙ ڦڙ وڌندي ويندي آهي. پوءِ وري وڏ ڦڙو ۽ ننڍ ڦڙو.

مون ۽ منهنجي پٽ ٻيلچي سان پرسان پيل خالي پلاٽ ۾ کڏ کوٽي ۽ چئن گلرن جا لاش ان ۾ دفنائي ڇڏيا. هلڪو مينهن وسي رهيو هيو ۽ اسان جا ڪپڙا آلا ٿي ويا. مون محسوس ڪيو منهنجو پٽ روئي رهيو آهي. منهن تي پوندڙ مينهن ڪڻين ڪري مون ان جا ڳوڙها تہ نہ ڏٺا پر سندس ڳاڙهيون اکيون ۽ لڙل منهن ٻڌائي رهيو هيو تہ ڪيس صدمو رسيو آهي. مون پنهنجي اندر ۾ ڪڏ محسوس ڪئي جنهن ۾ منهنجو موڪلائي ويل پٽ دفن ٿيل هو.

دراصل اسان کي ٻين جي ڏکن ۾ پنهنجا ڏک نظر ايندا آهن. هر مئل ماڻهوءَ جو چهرو اسان جو چهرو هوندو آهي. پالڪيءَ ۾ ڪفن اندر مئل ماڻهو نہ هوندو آهي پر اسان جو وقت هوندو آهي جيڪو مستقبل جي صورت ۾ نظر ايندو آهي.

چئني گلرن جا لاش دفنائي جڏهن موٽياسين تہ مٿان سوزن جي روئڻ جو آواز اچي رهيو هيو. مون مٿي وجي ڏٺو. زندگيءَ ۾ مون اهڙو لڳ ڪاندارڀندڙ منظر شايد ئي ڏٺو هجي. سوزن هڪ انساني عورت جيان روئي

پار ڪيڍي رهي هئي. مون ان جي اکين مان ڳوڙهن کي وهندي ڏٺو. ان جي روئڻ جو آواز ايڏو تہ غمناڪ هيو جو پوري جاءِ ان سان گڏ روئڻ لڳي.

مون کي منهنجو موڪلائي ويل پٽ ياد اچي ويو ۽ مان هيٺ ويهي رهيس. مان ڪتيءَ سان گڏ روئي رهيو هيس. ڪتيءَ کي پنهنجو غم هيو ۽ مون وٽ پنهنجو. اسان روئڻ ۽ کلڻ جا موقعا تلاش ڪندا آهيون. ڏکايل هوندا آهيون تہ ڪائنات جي هر شيءِ روئيندي محسوس ٿيندي آهي ۽ خوش هوندا آهيون تہ ان ڳالھ تي حيرت ڪائيندا آهيون تہ ڪائنات خوش ڇو نہ آهي؟

جاءِ جي مٿين نامڪمل حصي مان سوزن جي روئڻ جو آواز ايندو رهيو. اها ڪيترا ڏينهن اڪيلائيءَ ۾ روئيندي رهي. بوڊو ٽائون ۾ رولاڪ ڪتن سان گهمندو رهيو. هڪ ڏينهن سوزن ٻاهر وئي ۽ پرسان وارو پلاٽ کوٽي هڪ ٻچي جو لاش ڪيڍي وات ۾ کڻي آئي. مون ان کي اندر اچڻ کان روڪيو. هوءَ وات مان هر هر مخصوص آواز ۾ گر گر ڪري منهنجي روڪڻ تي احتجاج ڪندي رهي. مون ڏٺو ٻچي جو لاش ڌرتيءَ ۾ سٺي طريقي دفن نہ ٿيڻ ڪري اس ۾ سڪي ٺوٺ ٿي ويو هيو. اهو اهڙي ممي‌ءَ جهڙو هو جنهن جا نقش ۽ عضوا سلامت هيا. مون سوزن کي لنگهڻ جي جاءِ ڏني. اها ٻچي جي لاش کي ڏاڪڻ مان کڻي مٿي هلي وئي. مون مٿي وڃي ڏٺو. اها خوش هئي. محسوس ٿي رهيو هيو تہ هوءَ مرڪي رهي آهي. هن لاش کي هيٺ رکيو هيو ۽ سامهون ويهي ان کي ڏسي رهي هئي. سوزن کي پڪ هئي تہ اهو جيئرو آهي ۽ ٿوري دير ۾ اٿي ان جا ٿڻ چوسيندو.

احساس جو اظهار انهن وٽ وڏيڪ آهي جيڪي ڳالهائي نہ ٿا سگهن. لفظ ساموندي طوفان ۾ تباھ ٿيل جهاز جي ٽڪرن جهڙا نہ آهن. جيڪي طوفان جو حال بيان ڪري سگهن. سمنڊ جي مٿاڇري تي ڦهليل جهاز جا ٽڪر طوفان جي بيان جي وڏيڪ سگهہ رکندڙ آهن. جهاز جي ٽڪرن جون علامتون لفظن کان وڏيڪ منظر سمائي وارتا کي بيان ڪن ٿيون.

ڪتن جي ٻوليءَ ۾ لفظ نہ آهن پر علامتون آهن. ڪتا ڳالهائيندا آهن تہ علامتن جي زبان ۾ اظهار ڪندا آهن جيئن پونڪ جيڪا خطري ۽ نفرت

جي علامت آهي. مون محسوس ڪيو سوزن ٻچي سان علامتن ۾ ڳالهائي رهي هئي.

"منهنجا پٽ، تنهنجي وڃڻ جي وهي ڪانه هئي. اڃان ته تنهنجي حصي جي حياتي تنهنجو انتظار ڪري رهي هئي."

مون ان جا لفظ محسوس ڪيا ۽ دل تي هٿ ڏئي هيٺ ويهي رهيس. منهنجي اکين مان لڳاتار ڳوڙها ڳڙڻ لڳا.

"منهنجا پٽ توکي اجا دنيا ۾ گهڻا ڪم ڪرڻا هيا. تون نه پيار ڪيو نه عشق ڪيو. تنهنجا ٻار ٿين ها. مان انهن کي سيني سان لائي پيار ڪيان ها. تون پل منهنجو سهارو نه ٿئين ها پر تنهنجي هڪ دنيا هجي ها جنهن ۾ تون خوش گذارين ها."

مون سوزن جي دل جو هر لفظ هڪ علامت جي صورت ۾ محسوس ڪيو ۽ دل تي هٿ ڏئي روئندو رهيس. ٻچي جو لاش ان اڳيان پيل هيو ۽ هوءَ هر هر اڳتي وڌي ان کي سنگهي اٿارڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. پرسان پاٽ ۾ پاڻي چمڪي رهيو هو ۽ هوءَ هر هر لاش کي پاڻيءَ طرف اشارو ڪري رهي هئي.

"منهنجا پٽ تون مون کي دنيا ۾ ائين ڇڏي هليو ويندين مون ته ڪڏهن سوچيو به نه هيو. تنهنجي وڇوڙي ڪان وڌو ڏنڀ مون لاءِ ڪو بيو نه آهي."

سوزن ٻچي جي لاش پرسان ليٽي پئي ۽ هن پنهنجا ٿڻ کولي ڇڏيا. هن جا ٿڻ گهڻي کير پرجي وڃڻ ڪري سخت ۽ وڏا ٿي چڪا هيا. هن کي پڪ هئي ته ٻچو اٿندو ۽ سندس ٿڻ ۾ وات وجهي پنهنجي رهيل حصي جو کير پي ان درد کان نجات ڏيندو جيڪو درد کير جي صورت ۾ ٿڻن اندر گڏ ٿي چڪو آهي.

ڏک بورچيخاني جي باهه جيان آهي. وقت ڪاڏي جيان پچي راس ٿئي ٿو ته باهه جي ضرورت نه ٿي ٿئي. وقت جي هڪ هٿ ۾ خنجر آهي ۽ ٻئي هٿ ۾ مرهم. اهو زخمي ڪري ٿو ۽ شفاياب ڪري ٿو. سوزن ٻچي جي لاش کي وساري ويئي ۽ مان لاش کي وري دفنائي ڇڏيو. ڪجهه عرصو گذريو ته هوءَ وري پيٽ سان هئي. هن جو گهڻو وقت متي ويران جاءِ ۾ گذرڻ لڳو. هيٺ

اچي ڳيو ڪائي مٿي وچي سمهي پوندي هئي. هڪ ڏينهن مون ان جا ٺهڪ ٻڌا. مان آفيس کان آيل هيس منهنجن پيرن ۾ اجان بوٽ پاتل هو. ڊاڪڻ چڙهي مٿي ويس ته سوزن تيز ڪائيندي اٿي اڳتي آئي ۽ خوشيءَ مان پڇ لوڏڻ لڳي. ڪتي جي دل مالڪ جي بوٽ ۾ هوندي آهي. ان جي دل بوٽ جي آواز سان ڌڙڪندي آهي.

مون ڏٺو اتي ڪنڌ ۾ چار انڊا گلر چري رهيا هيا. انهن جون اکيون بند هيون. مون جڏهن ٻه چايل گلرن کي ڏٺو ته انهن جون اکيون سدائين بند ڏٺيون. پوءِ ان پهاڪي تي سوچيندو هيس ته (تڪڙي ڪتي انڊا گلر ڄڻيندي آهي) مون ڏٺو ڪتي تڪڙي هجي يا نه ان کي گلر سدائين انڊا ڄمندا آهن.

جاءِ جو مٿيون نامڪمل حصو وري آباد ٿي ويو. مون اهو مٿيون حصو پنهنجي وڏي پٽ لاءِ ٺهرائڻ پٺي چاهيو پر زندگيءَ هن جو ساٿ نه ڏنو سندس مڱڻو ٿيل هو ۽ هن جي وڇوڙي کان ٿورو اڳ هن جي مڱيندي گهر ٻه آئي هئي. منهنجو پٽ هن کي ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيو هيو. ڏکن جي مقابلي ۾ سکن جي عمر ننڍي هوندي آهي يادگيرين ۾ ڏک ئي ياد جي صورت ۾ رهجي ويندا آهن. خوشيون ائين وسري و ...يون آهن جيئن انهن جو وجود هيو ئي نه. اسان جو ماضي جسماني صورت رکي ٿو ۽ ان جي شڪل هڪ ڳوڙهي جيان آهي. چار گلر ٿورا وڏا ٿيا ته ڊاڪڻ مان هيٺ لهي پڌر ۾ گهمندا هيا. انهن مان ٽي لڙڪندڙ ڪنن وارا ناسي اچا گلر هيا ۽ هڪ گلر اهڙو هيو جنهن جا ڪن ڪڙا ۽ رنگ مڪمل اڇو هو.

هر خميس تي هڪ اهڙو فقير ايندو هيو جنهن جي صدا پري کان پڌري هوندي هئي. ان جو آواز پريان گونجندو منهنجن ڪنن سان ٽڪرائبو هو.

"ڏي سخي نالي رب جي، تنهنجو پلو ٿيندو."

هو هر هر ساڳيو جملو ورجائيندو هيو. اهو پراسرار فقير اچي لٺ سان در کڙڪائيندو هيو ۽ پوءِ سين هٽي انتظار ڪندو هيو.

مان اڳتي وڌي در کولي ان کي خير ڏيندو هيس. خير ۾ هو ڪجهه نه گهرندو هيو جيڪي هن کي ڏيندا هياسين سڀ قبول ڪندو هيو. هن جي نظرن جا مرڪز گهر ۾ گهمندڙ گلر هوندا هيا. هو گلرن کي ڏسي خوش ٿيندو

هيو ۽ هڪ مرڪ مسلسل هن جي چپن تي هوندي هئي. اهو فقير نوجوان هيو ۽ سندس چهري ۾ مون کي پنهنجي پٽ جي شڪل نظر ايندي هئي. محسوس ٿيندو هيو ان جو روح فقير جو روپ ڌاري بهاني سان گهر اچي ٿو ۽ پنهنجا ڪتا ڏسي خوش ٿئي ٿو.

"مون کي به ڪجھ ڪتا ڏي نه بابا." هو چوندو هو.

مان ان جي منهن ۾ ڏسندو هيس. مون کي اهو پورن وارن مان ٺهيل نظر ايندو هو. ان جون اکيون چمڪندڙ ناسي هونديون هيون.

"توکي گهڻا گلر گهرجن." مون ان کان سوال ڪيو.

"ٻه" هن جواب ڏنو.

مون ٻه گلر ڪڍي ان کي ڏنا ۽ هو گوڏڙيءَ ۾ وجهي هليو ويو. منهنجي دل پرجي آئي ڇو جو هو وينڌي مڙي ڪنڊ کٽي جاءِ جي مٿين حصي کي ڏسي رهيو هيو. پٽ جي موت ڪانپوءِ مون کي هر نوجوان پنهنجي پٽ جهڙو نظر ايندو هو. رستي تي ٺهندڙ جاءِ ۾ ڪم ڪندڙ ڪو مزدور مون ڏي ڏسندو هو ته مون کي ان جون اکيون پنهنجي پٽ جهڙيون نظر اينديون هيون.

اسپتال جي بستر تي مرڻ کان اڳ مون کي منهنجي پٽ ٻي وسيءَ مان ڏسندي هٿ جو اشارو ڏنو هيو ته "کيل ختم."

هن هٿ کي ائين ڇنڊيو هيو جيئن زندگيءَ جي زهر سان ڌوئي موت جي ذائقي چکڻ کان اڳ ڇنڊيو هجي. مان اهو منظر وساري نه ٿو سگهان. هن جي هٿ جو اهو آخري اشارو ياد ڪري اڄ به اکيون پاڻيءَ سان پرجي اچن ٿيون. ايمبولنس ۾ جڏهن هن جو جسم ڪٽائي گهر اچي رهيو هيس ته مون رڙيون ڪندي ان جي هٿ کي پڪڙيو هيو. ان جي هٿ جي ٿڌاڻ ۽ تاثير ياد ڪري منهنجي جسم ۾ ٿڌ جي لهر اٿي ٿي. مان ڏکڻ شروع ڪيان ٿو.

هڪ دفعي ان جي قبر تي مون کي اهڙو شخص ويٺل نظر آيو جنهن کي اڇا ڪپڙا پاتل هيا. مان جڏهن اتي پهتس ته چڻ اهو منهنجو انتظار ڪري رهيو هيو. نمورين جي موسم هئي. قبر مٿان نم جو وڻ آهي. هر طرف هيٺيون نموريون ۽ سڪل پن ڦهليل هيا چڻ وڻ غم ۾ رنو هجي ۽ نموريون ڳوڙها هجن.

قبر تي ويٺل شخص مون ڏي ڏٺو ۽ چيو "بکايل آهيان. ڪجهه خير ڏي." مون همدرديءَ مان ان ڏانهن ڏٺو.

"تون ڪير آهين؟" مون پڇيو.

"مان هڪ غريب شخص آهيان." ان چيو.

ٿوري دير چپ ٿي ويو ۽ پوءِ وري ڳالهائين "بس وڌيڪ نه پڇ."

مون کيسي ۾ هٿ وجهي ڪجهه پئسا ڪڍي کيس ڏنا.

توهان جي ڪا شيءِ گم ٿي وڃي. توهان ان شيءِ کي ڳولهيو ته نظر ايندڙ شيون توهان کي گم ٿيل شيءِ جهڙيون نظر اينديون.

مان وڃائي ويٺو هيس ۽ وڃائجي ويل جي گمان ۾ هر نظر ايندڙ شيءِ وڃائجي ويل شيءِ جهڙي نظر ايندي هئي.

هڪ ڏينهن اهو پراسرار فقير جيڪو به گلر وٺي ويو هيو در تي آيو ۽ سين هٽي لٺ سان در کڙڪايو. مون ڪجهه پئسا ان کي خيرات ۾ ڏيڻ چاهيا پر ان نه ورتا ۽ چيو "به گلر ٻيا به ڏي."

مون حيرت مان ان جي جهڙ جهڙي منهن ۾ ڏٺو ۽ پڇيو.

"به گلر ته توکي پهريون ڏنا هيا، اهي ڪاڏي ويا؟"

"مون اهي هڪ ٻئي فقير کي سوکڙي طور ڏئي ڇڏيا." هن چيو "هاڻي صفا اڪيلو آهيان. به گلر ٻيا ڏي ته پاڻ وٽ رکان."

مون ڪجهه سوچيو ۽ پوءِ چيو "ترس!"

منهنجي پٽ کي صفا اهڙي عادت هوندي هئي. هو هر شيءِ دوستن کي سوکڙيءَ طور ڏئي ڇڏيندو هو. هن وٽ هڪ تمام پراڻي ناياب پتل جي سيٽي هئي جيڪا هڪ دوست کي تحفي ۾ ڏني. ڪيترائي پراڻا سڪا ۽ نگينا هيا جيڪي هن دوستن ۾ ورهائي ڇڏيا.

مون بچيل به گلر هٿن ۾ کنيا ۽ سوڙن منهنجي پيرن ۾ چنبڙي پئي. هوءَ سمجهي وئي ته مان هن جا ٻچا ڪنهن کي ڏيڻ وڃي رهيو آهيان.

هن کي خبر هئي ته منهنجا ٻچا هو پهريون ئي ڪنهن کي ڏئي چڪو آهي ۽ بچيل ٻچا به ڪنهن کي ڏيڻ چاهي ٿو.

ڪتو ڪيترو بہ جاهل ڇو نہ هجي ان کي ڳڻڻ ضرور ايندو آهي. تي بسڪيٽ ڪٽي بہ لڪائي هڪ هن کي ڏيو تہ ڪائي توهان جي هٿن ۾ بہ بسڪيٽ ضرور ڳولهيندو.

سوزن بہ ٻن گلرن کان پوءِ ٻيا بہ ٻچا ڪنهن بہ صورت ۾ وڃائڻ نہ پئي چاهيا. مان بہ گلر هٿن ۾ کٽي ڊاڪٽر مان هيٺ لٿس تہ هوءَ پويان پڇندي آئي. در تي بيٺل فقير کي جيئن بہ گلر ڏنم تہ سوزن ان فقير کي ڏسي ڇڇ لوڏڻ لڳي ۽ فقير جا پير سنگهي چپ ڪري ويهي رهي. فقير ڪليوءَ چيو.

"مان هن کي خيرات مان مليل ماني پوري ڪارائي اٿم. مون کي سڃاڻي ٿي."

پوءِ ان سوزن جي مٿي تي پيار مان هٿ ڦيريو ۽ هليو ويو.

مون کي اها ڳالهہ اڄا سمجهہ ۾ نہ آئي آهي تہ ساوڻ جي موسم ايڏو جلد ڇو ايندي آهي. مون آسمان تان ڪڏهن ڪارو جهڙ هٽندي نہ ڏٺو. سدائين گجگوڙ ٻڌا ۽ مينهن جي ڦڙين ڪٽين سان تپندڙ ڌرتيءَ جي مٽي مان اٿندڙ ڳوڙهن جي خوشبوءِ محسوس ڪئي. اها اهڙي ئي گهڙي هئي، جڏهن آسمان ڪاري جهڙ سان ڍڪيل هو ۽ سج جو نانءُ نشان نہ هو. آسمان جهڙ سان ڍڪيل هجي تہ ويل جي خبر نہ پوندي آهي. سڄو ڏينهن هڪ جهڙو نظر ايندو آهي. صبح، منجهند ۽ شام سڀ هڪ جهڙا ٿي ويندا آهن.

گهر بند هو ۽ اسان شهر جي هڪ وڏي اسٽور تان سامان وٺي موٽيا هياسين. منهنجي پٽ گاڏي در ٻاهران روڪي، هيٺ لٿاسين تہ در تي هڪ ڪتو ويٺل هيو. اهو هيڊو ۽ اڇي رنگ جو زخمي ڪتو هو جنهن کي ڳچي وٽ زخم جو نشان هو جيڪو شايد گولي لڳڻ ڪري هو. ڪتو بي وس انسان جيان اکيون هيٺ ڪري وات کولي سهڪي رهيو هو. منهنجو ننڍو پٽ ڪتي کي سڃاڻي ويو ۽ ان جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. هن مون ڏانهن آلين اکين سان ڏٺو.

مون پڇيو "خير تہ آهي نہ؟"

هن ڪتي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"بودو آهي"

مون ڏٺو اهو ميرو ۽ زخمي ڪتو وچائجي ويل بوڍو هيو جيڪو ڪمزور جسم ڪري سڃاڻڻ ۾ نہ پئي آيو.

زخمي بوڍو مون اڳيان سهڪي رهيو هو ۽ مان ان جي ناسي اکين ۾ نهاري رهيو هيس. اسان ان کي وساري ويٺا هياسين ۽ اهو بہ ان عرصي دوران ڪڏهن در تي نہ آيو پر گارڊن طرفان گوليءَ سان زخمي ٿيڻ ڪانپوءِ اهو موٽيو هيو. شايد ان جا بيا سڀ ساٿي مارجي چڪا هيا ۽ هو اڪيلو رهجي ويو هيو.

مان ۽ منهنجي پٽ ان اڳيان مانيءَ ڳيو ۽ پاڻيءَ جو ٿانءَ رکيو. هن انهن ڏانهن ڏٺو بہ نہ هو مسلسل مجبور ۽ بي وس اکين سان اسان ڏانهن ڏسندو رهيو. جيئن هو مرڻ کان اڳ موڪلائڻ آيو هجي. ان جو زخمي جسم ڏسي مون کي پٽ ياد اچي ويو جنهن جو جسم بہ زخمي هيو. ان جا ڪيترائي آپريشن ٿيا هيا. ڪي زخم ڇٽي ويا هيا ۽ ڪي زخم تازا هيا. اهو مرڻ کان اڳ مون کان موڪلائي رهيو هيو.

جيئڻ سکو تہ وقت کان سکو جيڪو ڪڏهن نہ ٿو مري. وقت جهڙو فلسفي، ڏاهو ۽ حڪيم ڪير بہ نہ آهي. وقت فلسفي جو بادشاهہ آهي. وٽيس تہ ڪنهن کي قبول ڪريو نہ وٽيس تہ قتل ڪرائي. وقت ڏاهپ کي آڱر کان پڪڙي گڏ گهمائيندو آهي ۽ هر منزل جي ڏاهپ ان دور جي ڏاهپ هوندي آهي پر وقت ڪتي کان شڪست کائي ٿو. ڪتو وقت کي نہ مڃيندو آهي. ان وٽ ڪلهہ اڄ ۽ سڀاڻي ۾ ڪو فرق نہ آهي. سڀ ڏينهن هڪ جهڙا آهن. ڪتا واچ نہ پائيندا آهن. ڪلينڊر نہ ڏسندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو انسان جيان گذريل وقت تي افسوس نہ ڪندا آهن. حال جي پرواهہ نہ ڪندا آهن ۽ مستقبل جي حڪمت عملي نہ ٺاهيندا آهن.

(9)

ڪيترا سج لٿا ۽ چڙهيا. جاءِ مٿان پاڇا وريا ۽ وري وريا. منهنجي گهرواري جيڪا پٽ جي وڇوڙي ڪانپوءِ ڊپريشن جي مريض ٿي وئي هئي، اها هڪ ڏينهن اٿي. ان صحتمند ماڻهوءَ جيان وڪون کڻڻ شروع ڪيون ۽ ٿورو گهڻو ڳالهائڻ شروع ڪيو. ان جي ڪتن ۾ ڪا دلچسپي نہ هوندي هئي. جيڪڏهن توهان جي نظر ۾ ڪا شيءِ فضول هجي تہ پوءِ اها دل تي بوجهہ هوندي آهي. هن کي ڪتا سدائين ڪتا نظر آيا. ڪتو ماڻهوءَ جو متبادل نہ ٿو ٿي سگهي جيسين توهان ان کي ماڻهوءَ جي نظرن سان ڏسندا. هڪ ڏينهن ان چيو "گهر خالي ٿي ويو آهي."

هن جي اهڙي سوال تي منهنجي تصور ۾ ڪتا ڀونڪڻ لڳا.

"جاءِ جو مٿيون نامڪمل حصو ٺهرائي، هاڻي ننڍي پٽ جي شادي ڪرايون." هن ڳالهائيندي چيو "هو جوان ٿي چڪو آهي گهر ۾ ٿوري رونق ٿي ويندي."

مون ان سان ها ۾ ها ملائي.

"ڪا ڪنوار ڏٺي اٿئي؟" مون سوال ڪيو.

"پنهنجي ڪٽنب ۾ ڪيتريون ئي نوجوان ڇوڪريون آهن." هن چيو "مرضي پڇي ڇوڪريءَ جي چونڊ ڪري سگهجي ٿي."

مون ڪجھ دير ان جي منهن ۾ ڏٺو. هاڻي ان جي منهن ۾ رونق وري آئي هئي.

"وري به تنهنجي نظر ۾ ڪا هجي ته ٻڌاءِ!" مون پڇيو.

هوءَ اداس ٿي وئي ۽ چيو "گهڻن ڏينهن کان پنهنجن سان واسطو نه پيو آهي پر ڪنهن ماسات سان شادي ڪري ته سٺو ٿيندو."

مون اعتراض ڪيو.

"پنهنجن ۾ شادي ڪرائڻ چڱو ڪم نه آهي. ڪتي ڏارين ۾ ڏسي ٿا ونون."

هن وڌيڪ ڪجھ نه ڳالهايو ۽ واپس بستري تي ليٽي پئي.

مون وٽ ايترا پئسا ڪٿا ٿي چڪا هئا جو جاءِ جو مٿيون حصو مڪمل ڪرائي پٽ جي شادي ڪرائي پئي سگهيس. نيٺ هڪ ڏينهن مستري ۽ مزدورن جو بندوبست ڪيو. مٿين جاءِ جو ڪم شروع ٿيو ته ڪتن سوڙن اعتراض ڪيو. ان جا ڪجھ ٻچا جوان ٿي چڪا هئا. هڪ ڪاري رنگ جو قداور ڪتو مزدورن تي ائين ڀونڪڻ لڳو. ڄڻ ڪنهن ان جي ملڪ تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي. مزدور ۽ مستري پاسي ٿي بيهي رهيا.

"يا ڪتن کي ڪيو يا اسان کي ڪيو." وڏي مستريءَ چيو.

"ڪو بندوبست ڪيون ٿا جيئن توهان به رهو ۽ ڪتا به رهن."

مون ڪيس دلجاءِ ڏيندي چيو.

مستريءَ مون کي عجب مان ڏٺو ۽ چيو "توهان کي ڪڏهن ڪنهن ڪتي چڪ نه پاتو آهي؟"

"ڪتا مالڪ کي نه، پر ماڻهوءَ کي چڪ پائيندا آهن." مون چيو ۽ مستري مزدورن سميت کلڻ لڳو.

آخر گهڻي سوچ ۽ ويچار کانپوءِ فيصلو ڪيو ويو ته سوڙن کي ڇڏي باقي ڪتن کي جاءِ مان ڪڍيو وڃي. اهي ڇھ ڪتا هيا. هڪ ڏِگهو ڪارو ڪتو ۽ ٻيا مختلف رنگن وارا ڪتا. هڪ پڊي ڪتو به هيو جيڪو ماءُ جيان ناسي رنگ جو هيو. مون ڪتن کي پويان گاڏيءَ ۾ ويهاريو ۽ ٽول پلازا کان

اڳتي جتي افغانين جا هوٽل آهن اتي ڇڏي ڏنو ان خيال کان ته کين اتي هڏا وڌيڪ نصيب ٿيندا.

جڏهن انهن کي ڪار ۾ کنيو پٺي وياسين ته اهي ڏاڍا خوش ٿي نظر آيا. وات کولي سهڪي ڪڏهن هڪ ٻئي ڏي ته ڪڏهن اسان ڏي ڏسي رهيا هئا.

انسان پيار کي پيار سمجهي پوءِ پيار ڪري ٿو. ڪتو پيار کي پيار سمجهي پيار نه ٿو ڪري، اهو ئي سبب آهي جو بيوفائي انسانن وٽ نظر اچي ٿي. ڪتن وٽ نه. اسين پيار جي بدلي پيار گهرندا آهيون. پيار موٽي نه ملندو آهي ته اهڙي صورت کي بيوفائي چوندا آهيون. ڪتو پيار ڪري پيار نه گهرندو آهي. انڪري اهو مالڪ کان ڪڏهن ناراض نه ٿيندو آهي. ڪتي لاءِ پيار جي هڪ ٻچڪر ان جي پڇ لوڏڻ لاءِ ڪافي هوندي آهي.

جڏهن ڪتن کي افغاني هوٽل جي پرسان ڇڏي هلڻ لڳاسين ته اهي ڪار جي ڪڍ لڳا ۽ پوءِ پريان بيهي ائين ڏسڻ لڳا ڄڻ اسان انهن سان پوڳ ڪيو هجي ۽ ٿوري دير ۾ موٽي انهن کي وٺڻ ايندا سين.

مٿي نامڪمل جاءِ جو ڪم پنج مهينا هليو. ڪڏهن وقت ائين وڏو ٿي ويندو آهي جو گذرڻ جو نانءُ نه وٺندو آهي ۽ ڪڏهن ائين ننڍو جو چپٽيءَ سان گذري ويندو آهي. اهو اسان جو ڏکيو ۽ سکيو وقت هوندو آهي. سکيو وقت وسري سگهي ٿو ڏکيو وقت ڪڏهن نه وسرندو آهي. مون کي ڏکيا وقت ائين ياد آهن جو انهن ۾ سکي وقت جي ڪا وٿي نظر نه ٿي اچي.

جاءِ ٺهرائڻ ٻارڻ کي ٻاهڻ آهي. جاءِ جو ڪم هليو ته خفو وڌي ويو. گوڙ وڌي وڃي ته توهان جا ڪن گوڙ سان ٺهي ويندا آهن ۽ گوڙ گوڙ محسوس نه ٿيندو آهي پر وري جڏهن اوچتو گوڙ رڪجي وڃي ته محسوس ٿيندو آهي، ڪيڏو نه گوڙ هيو. پنج مهينا ائين گذريا. گوڙ جو احساس تڏهن ٿيو جڏهن ڪم مڪمل ٿيو.

ان عرصي دوران سوزن اڪيلي ٿي وئي. هوءَ ڏاڪڻ چڙهي مٿي ويندي هئي ۽ مزورن جي اچ وڃ ڏسي واپس موٽي ويندي هئي. هن جو گهڻو وقت ٻاهر گذرڻ لڳو. صفا ميري ٿي وئي. ٻاهرين در جي مرمت ٿي جنهن

ڪري ان مان اڇڻ وڃڻ جي وٿي نہ بچي. سوزن رات جو در ٻاهران بيهي پنهنجي مخصوص آواز ۾ گرگرائيندي هئي ۽ اسان در کولي اندر اچڻ ڏيندا هياسين. ڏينهن جو جيئن مزدور ايندا هيا تہ اها ٻاهر هلي ويندي هئي. جڏهن ڄاءِ مڪمل ٿي تہ اها هڪ وٿندڙ ڄاءِ هئي. ان جا رنگ ۽ روپ اهو چئي رهيا هئا تہ پراڻين يادن کي وساري نئين زندگيءَ جي شروعات ڪيو. منهنجي پٽ جي لا ڪاليج ۾ داخلا ٿي. جيڪا انگلينڊ جي يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل هئي. ان ڪاليج ۾ بااثر ماڻهن جا پٽ تعليم حاصل ڪندا هئا. هن جي دوستي هڪ وڏيري جي پٽ سان ٿي. ان کيس تحفي ۾ هڪ گلر ڏنو. اهو سٺي نسل جو گلر هيو. وڏيري جي پٽ کيس ٻڌايو تہ "هن اهو اهڙي شخص کان ورتو هو جيڪو ڪتي کي رنگ ڏئي هن کي وڏي رقم عيوض وڪڻي ويو. ان جڏهن ڪتي کي وهنجاريو تہ رنگ لهي ويو. اهو ڏسي هن جي دل ٽٽي پئي ۽ هاڻي هڪ ٻيو ڪتو وٺندو جنهن جو رنگ پڪو هجي."

هن اهو بيڪار سمجهي منهنجي پٽ کي ڏنو پر گلر بيڪار نہ هيو. وقت ثابت ڪيو تہ اهو ڪتو نہ پر صفا ٻگهڙ هو جنهن کي ڪنڌ تي شينهن جهڙا وار هيا. وڏو ٿيو تہ زنجير وجهي ٻاهر گهمائيندا هياسين. ائين هلندو هو جو زنجير جهليندڙ ان پويان گهلبو ايندو هو. لڳندو هيو زنجير ڇڇي پوندو ۽ هو آزاد ٿي هر شيءِ ڊاهي وجهندو. روڊ تي سامهون ايندڙ ماڻهو خوف کان ڏسي پاسي ٿي ويندا هيا. ان جي عمر اڃان ايڏي وڏي نہ هئي. جوانيءَ جي حدن کي نہ ڇهيو هيو. منهنجو پٽ ان کي "راڪو" چئي سڏ ڪندو هيو تہ ڪتو تيز ڊڪندو هن کي چنبڙندو هيو.

هڪ سٺي نسل جو ڪتو هجڻ ڪري ان جي کاڌ خوراڪ جو بندوبست بہ اهڙو ئي ڪيو ويو. کيس خاص ڪٽن وارو کاڌو ڏنو ويندو هو جيڪو انسان جي کاڌي کان مهانگو هو ۽ پوءِ جيئن وقت گذريو تہ گهر جي پڪل کاڌي تي هيرايو ويو. سوزن راڪو کي حسرت مان ڏسندي هئي. ان جا ناز ۽ نخرا ڏسي کيس احساس ٿيندو هيو تہ هاڻي ان جي گهر ۾ ڪا حيثيت نہ رهي آهي. هوءَ پريان بيهي وات ڇپو ڪري ائين ڏسندي هئي جيئن پنهنجي قسمت تي روئندي هجي. اها ڪڏهن راڪو جي ويجهو اچي ان کي

سنگھندي هئي ۽ پوءِ پٽ ڏئي ٽنگون کولي بيهندي هئي. راکوان تي چڙهڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندو هو. اهو ننڍي عمر جو ناتجربيڪار ڪتو هو. سوزن ڪيترا دفعا ڪوشش ڪئي تہ راڪوان جي ويجهو اچي پر ان کي مايوسي ٿي پوءِ سوزن جڻ گهر کي وساري ڇڏيو اها رولاڪ ڪتن سان گڏ گهمندي هئي. ۽ ٽائون ۾ مزدورن جي هوٽلن ٻاهران اڇلايل هڏا کائي گذر ڪندي هئي. راڪو جي گهر ۾ اچڻ کان پوءِ هر ڪو سوزن کي وساري ويٺو. اها ياد تڏهن آئي جڏهن پندرهن ڏينهن مسلسل گهر نہ آئي.

"خبر نہ آهي سوزن ڪٿي آهي؟" منهنجي پٽ هڪ ڏينهن ڏيان ڇڪايو. مون ڇيو ڪٿي ٽائون ۾ هوندي ۽ پاڻ ئي گهر موٽي ايندي پر منهنجي پٽ ٻڌايو "مون ٽائون ۾ ڳوليو آهي. اها ڪٿي بہ نظر نہ آئي."

مون کي محسوس ٿيو تہ ڪا شيءِ گم ٿي وئي آهي.

پوءِ مهينو گذري ويو ۽ ڪيترا مهينا. اها واپس نہ آئي. مون کي لڳو ڪو مزدور ان کي هيرائي پاڻ سان ڪٺي ويو آهي. ٽائون ۾ ٺهندڙ جاين تي لاتعداد سرائيڪي مزدور ڪم ڪندا هيا ۽ اهو ڪنهن سرائيڪي مزدور جو ڪم هو جيڪو يا تہ ان کي ڳوٺ ڪٺي ويو آهي يا وهنجاري صاف ڪري ايمپريس مارڪيٽ ۾ لڳندڙ ڪتن جي بازار ۾ وڪڻي آيو آهي. شيءِ جي اهميت جو احساس ان جي وڃائجي وڃڻ کان پوءِ ٿيندو آهي. اها منهنجي وڇڙي ويل پٽ جي نشاني هئي. اهو سوچي مون کي احساس ٿيو تہ مون ان سان انصاف نہ ڪيو آهي. ان جي صفائي ۽ حفاظت ڪرڻ گهربي هئي. مون کي ڪيترا ڏينهن اها ميري ڪٿي ياد ڪري ماني مان سواد نہ آيو. مون پنهنجن ڪنن وٽ ڇچڙ محسوس ڪيا ۽ لڳو وارن ۾ سُر سُر ٿي رهي آهي.

منهنجي وڇڙي ويل پٽ جيئري ٻاهرين در سامهون بہ گل مهري جا وڻ هنيا هيا. اسان انهن وڻن جي حفاظت ڪري نہ سگهياسين. انهن گل ڏيڻ ڇڏي ڏنا ۽ پن ڇڻي ائين سڪي ويا جيئن منهنجي پٽ جي ڏک ۾ خودڪشي ڪئي هجي. گهر ۾ هن جون ڇڏيل شيون گهٽا ڏينهن محفوظ نہ رهيون. شايد اها اسان جي لاشعوري ڪوشش هئي تہ اهي سڀ شيون ضايع ٿي وڃن ڇو جو جڏهن بہ انهن شين کي ڏسندا هياسين تہ روئڻ ويهي رهندا

هياسين. گل مهرن جي ڳاڙهن گلن جو درد رت جيان جسم مان ٽمندو هو. مان ڪيترا ڏينهن ان جا ڪپڙا اڪين تي رکي روئندو هيس پوءِ اهي ڪپڙا غريبن کي ورهائي ڏنا ويا. ڪا ان جي استعمال جي شيءِ ڏسندو هيس تہ پري پڄي ويندو هيس اهو سوچي تہ هر وقت روئڻ جو وقت نہ هوندو آهي. دنيا جو خال ڪڏهن خالي نہ ٿو رهي. ڇو جو زخم بہ خال آهي جيڪو پر جي وڃي ٿو. سورن جون يادون منهنجي پٽ جون يادون آهن ۽ ماضيءَ جي پونڪ حال جي ننڍ ڦٽائڻ لاءِ ڪافي آهي.

نسل جو ساهواري جي شخصيت تي وڏو اثر آهي. ٿوهر مان ٿوهر پيدا ٿيندو تہ ان ۾ ڪنڊا ضرور هوندا. گلن وارا ٻوٽا گلن وارا ٻوٽا پيدا ڪن ٿا. سٺي نسل جو ڪتو بااخلاق ٿئي ٿو. ان ۾ اٿڻ ويهڻ جون عادتون ٻين کان مختلف ٿين ٿيون. مان گهر جي در ٻاهران اڃي ٻيهندو هيس تہ راڪو ڀڪندو ايندو هيو ۽ پڇ لوڏي عجيب آوازن ۾ گهر وارن کي سڏ ڪندو هو تہ اچو در کوليو. در کان داخل ٿيندو هيس تہ هو پيرن تي مٿو رکندو هو. هن کي پري ٿيڻ جو اشارو ڏيندو هيس تہ دل ۾ نہ ڪندو هو ۽ پري هٽي ٻيهي رهندو هو. ٻوڙ ۾ ماني پوري ان اڳيان رکندو هيس تہ مون ڏانهن ڏسندو هو. هن کي هٽ جي اشاري سان، کائڻ جي اجازت ڏيندو هيس تہ هو کائڻ شروع ڪندو هيو. ڪو ڌاريو در تي ايندو هو تہ هو ڀونڪڻ شروع ڪندو هو. دوست يا پنهنجو ماڻهو در ٽپي اندر ايندو هيو تہ ان کي سنگهي سڃاڻپ محفوظ ڪندو هيو ۽ جڏهن ساڳيو شخص ٻيهر ايندو هيو تہ ان کي سڃاڻي ٻري کان پڇ لوڏيندو هو.

ان عرصي دوران منهنجي پٽ وڪالت جو امتحان پاس ڪيو ۽ انگلينڊ جي هڪ يونيورسٽيءَ کان ان جي ڊگري آئي.

"مان هاڻي ڪينيڊا ويندس." هن چيو "اتي ان ڊگري جو قدر آهي. مون کي سولائيءَ سان نوڪري ملي ويندي ۽ قانون ۾ پوسٽ گريجيوئيشن ڪندس."

مان هن جا ارادا ڏسي مايوس ٿي ويس.

"توکي اوڏانهن وڃڻ نہ ڏيندس." مون چيو "هتي ڪا نوڪري ڏس."

هن جي من ۾ ڪا ٻي ڳالهه هئي. هن ها ته ڪئي پر مون کي لڳو دل سان ها نه ڪئي اٿس.

"اسان اڪيلا رهجي وينداسين." مون چيو

هن هڪدم وراڻيو "مان توهان کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندس. اتان جي زندگي هتان جي زندگيءَ کان بهتر آهي."

"نه" مون چيو "پنهنجي ڌرتي نه ڇڏينداسين."

مان ان لاءِ پراڻين سوچن جو مالڪ هيس. هن پنهنجو ارادو بدلايو. ٿوري ڪوشش ڪيائين ته ڪيس هڪ اين جي او ۾ سٺي نوڪري ملي وئي. ان اين جي او جو سربراهه هڪ رٽائرڊ چيف جسٽس هو ۽ اها ماڻهن جي ڀلائي لاءِ هئي جنهن ۾ ڪين قانوني مدد ڪئي ويندي هئي. منهنجي پٽ جي پگهار لڳ ڀڳ منهنجي پگهار جيتري هئي. گهڻي وقت کان پوءِ مون پنهنجي گهرواريءَ جي منهن تي مرڪ ڏٺي. هوءَ آئي ۽ صلاح ڏنائين.

"هاڻي هن جي شادي ٿيڻ گهرجي."

"پر ڪٿان؟" مون چيو "ڪٿي ان ڇوڪري پسند ڪئي آهي ته ٻڌاءِ."

"هن ڪا اهڙي ڳالهه ته نه ڪئي آهي." منهنجي گهرواريءَ چيو.

"ڇوڪري اسان کي ڳولڻي پوندي."

"ڇا هو راضي آهي؟" مون چيو.

"راضي ڇو نه هوندو." منهنجي گهرواريءَ چيو "هاڻي هن جي عمر آهي. ڪا ڪنوار ڳولهڻي پوندي."

مون محسوس ڪيو منهنجي گهرواريءَ جي نظرن ۾ ڪا ڇوڪري ضرور آهي.

"پوءِ ڏس ڪا ڪنوار" مون چيو "پٽ کي به ڏيکار. جيڪڏهن ڳالهه ٺهي ٿي ته دير نه ڪرڻ گهرجي."

منهنجي گهرواريءَ ان لاءِ ڪنوار ڳولهي جيڪا هڪ ڳوٺاڻي ڇوڪري هئي. گهڻو پڙهيل نه هئي پر ذهين هئي ۽ اها ڇوڪري جڏهن منهنجي پٽ ڏٺي ته ڪيس پسند آئي. شاديءَ جو بندوبست ڪيو ويو. گهر کي

هڪ هفتي لاءِ تالو هڻڻو پيو. ڊرائيور جيڪو چوڪيداري به ڪندو هيو. اهو اسان سان گڏ ڳوٺ هليو. گهر صفا خالي ٿي ويو ۽ راڪو اڪيلو رهجي ويو. مسئلو ٿي ويو ته ان کي ڳيو ڪير ڏيندو. پر ـسان گهر واري کي عرض ڪرڻو پيو ته اهي پٽ وٽان ڪجهه ڪاڏو گهر جي پڌر ۾ ايستائين اڇلائيندا رهن جيستائين واپس نه اچون. پاڙيسري هڪ سٺو ماڻهو هيو ان اها حامي ڀري ته جيترو ٿي سگهيو پٽ وٽان ڪاڏو اڇلائيندو. باقي اڳتي ڪتي جي قسمت.

هڪ پاڻيءَ جو وڏو ٽب ڀري چانوڙ ۾ رکيو ويو ۽ پوءِ اسان پنهنجي اباڻي شهر روانا ٿياسين. جتان جڄ وٺي ڳوٺ ويڻو هو. شاديءَ جي سٺي تقريب ٿي. جڏهن هڪ هفتي کان پوءِ ڪنوار وٺي گهر پهتاسين ته راڪو پريشان ٿي روئڻ لڳو. ان سمجهيو هو ته اسان ڪيس سدائين لاءِ قيد ڪري ڇڏي هليا ويا آهيون. اهو جذبات جي شدت کان ٽپو ڏئي منهنجي پٽ کي چنبڙيو ۽ پوءِ ان جي پيرن تي مٿو رکي ليٽي پيو. منهنجي هش ڪرڻ تي اٿيو ۽ ڪنوار کي سنگهڻ لڳو. هو الائي ڪيئن سمجهي ويو ته اها منهنجي پٽ جي ڪنوار آهي. هُنِ سندس پير سنگهيا ۽ وري پيرن ۾ ليٽي پيو. ڪنوار ڪتو ڏسي ڊني ۽ پريشان ٿي وئي. اسان جي سمجهائڻ تي اها سامت ۾ آئي. منهنجي گهرواري ان کي اندر وٺي وئي. مون پڌر جو جائزو ورتو. سڄو پڌر ڪاڏي سان ڀريو پيو هو. هر جاءِ تي پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ چانور ڀوڙ ماني ۽ هڏا اڇلايل هيا. مون مٿي ڪنڌ ڪري پڌر ۾ بيٺل وڻ ڏٺو. ڪيترين ئي پلاسٽڪ جون ڪاڏي سان ڀريل ٿيلهيون ڏارن ۾ لٽڪي رهيون هيون.

پاڙيسريءَ واهه جو حق نڀايو هيو. سڄو پڌر ۽ وڻ ڪاڏي سان ڀريا پيا هيا. راڪي به خوب ڪاڌو هو. هن جي صحت تي ڪو فرق نه پيو هو. مان پاڙي واري جا ٿورا مڃيا.

"توهان جا قرب جو ڪتي جو ايڏو خيال رکيو." مون ڪيس چيو.

"ڪتي جي اهميت توهان کان گهٽ نه آهي" پاڙيسري چيو "اهو ڪيئن پئي ٿي سگهيو ته توهان چئو ۽ اسان ڪتي جو خيال نه رکون."

مون ان جي ڳالهه تي ٽهڪ ڏنو.

توهان جي گھر ۾ ڪتو هجي ته ماڻهو توهان سان هجت ڪندا ڇو جو انهن جو خيال هوندو آهي ته جنهن گھر ۾ ماڻهن سان گڏ ڪتا رهن اتي گھر ۾ رهندڙن تي ڪتن جو اثر هوندو ان ڪري اهي ڪا به هجت دل ۾ نه ڪندا.

ماڻهو موسمن جي تعريف ڪندا آهن، مون ڪڏهن بهار کي محسوس نه ڪيو پر زندگيءَ ۾ بهار جي موسم تڏهن محسوس ٿي جڏهن سخت گرميءَ جي موسم ۾ هڪ ٻارڙي جائي. اها گھڻي وقت کان پوءِ اسان جي ڪٽنب ۾ جمندڙ ٻار هئي. هڪ ننڍڙي خوبصورت ڇوڪري، جيڪا ڄمڻ جي ڪجهه ڏينهن اندر مرڪڻ لڳي ته سڀ ڏک ڏور ٿي ويا. سڀ ننڍڙيءَ جي ٿهل ٽڪور ۾ لڳا پيا هوندا هيا. دوا درمل، ويڪسين، بيماري ٻڙيءِ هر ڪو ان لاءِ فڪرمند هوندو هو.

"يا خدا ننڍڙيءَ کي خوش رکجانءِ" منهنجي گھر واري چوندي هئي.

"ان کي حياتي ڏجانءِ" مان چوندو هيس.

منهنجو پٽ ۽ ان جي گھرواري ڏاڍا خوش هئا. ننڍڙي اٺين وڏڻ لڳي جيئن اها ڌرتيءَ ۾ پوکيل ول هجي ۽ اسان جي وجودن کي وچڙندي ويندي هجي. ان ويهڻ سکيو بانبڙا پاتا ۽ پتين کي هٿ ڏئي هلڻ لڳي. راڪوسيني کان وسري ويو نه ان کي وقت تي ماني ملندي هئي، نه صاف پاڻي. ان جا وار مٽي ٿي ويا ۽ ڇڻڻ لڳا. پڌر ۾ ان جي بجن جا مڇا پيل هوندا هيا ۽ پيرن ۾ وچڙي گھر ۾ داخل ٿيڻ سان هيڏانهن هوڏانهن پيا اڏرندا هيا. هُو ايندي ويندي اسان جي پيرن تي ڪنڌ رکي رستي ۾ ليٽي پنهنجو ڌيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. منهنجو پٽ هن کي لت جي اشاري سان پري ڪندو هو.

"هش" هو چوندو هيو "هٽ هتان."

ڪتو پاسي ٿي پڇ لوڏي ان کي ڏسندو هو.

ڪتو ڪڏهن به مالڪ سان ناراض نه ٿيندو آهي. توهان ڀل ان کان نفرت ڪيو اهو پڇ لوڏڻ نه ڇڏيندو. ڪتي جي رويي جو اظهار ان جي پڇ ۾

هوندو آهي. ڏاڍي تي پونڪندو تہ ان جو ٻچ سخت ٿي ويندو. پنهنجي تي ان جو ٻچ پيو لڏندو.

پيار مفاد ڏسندو آهي. اهو ڏسندو آهي تہ پيار ڪرڻ لاءِ ڪهڙي شيءِ کي اوليت آهي. جڏهن توهان دل گهريل شيءِ کي پيار ڪندا آهيو تہ پوءِ دل کولي پيار ڪندا آهيو. پيار جو مقدار آهي خرچ ٿي وڃي تہ باقي نہ بچندو آهي جيئن هوا جاءِ والاريندي آهي. ائين پيار دل والاريندو آهي. جيتري جاءِ هوندي اوتري هوا هوندي ۽ جيتري دل هوندي اوترو پيار هوندو.

راڪو لوسي گدڙ وانگر ڪار جي هيٺان لڪيو پيو هوندو هيو. ان وٽ مايوسي ۽ نفرت جنم ورتو جنهن ڪري ايندڙ ويندڙ تي پونڪڻ لڳو. جڏهن اسان ڊائننگ ٽيبل تي ڪاڏو ڪائيندا هياسين تہ صفا ان وقت وڏي آواز ۾ پونڪڻ شروع ڪندو هيو. لڳندو هيو اهو پونڪي تہ در ٻاهران ڪنهن ايندڙ ويندڙ تي ٿو پر اهو پونڪي اسان جو ڌيان ڇڪائيندو هيو تہ "ٻچي ٽڪر ڏيو."

ٽنيڙي جڏهن ٿوري وڏي ٿي تہ ان پڌر ۾ وڃڻ شروع ڪيو. راڪو کي ڏسي اها خوش ٿيندي هئي. راڪو ان کي ڏسي ڪار هيٺان نڪري سندس پيرن ۾ ليٽي پوندو هيو ۽ هوءَ هنجي وارن ۾ هٿ ڦيريندي هئي. راڪو ڪڏهن ان سامهون وار چنڊي نچ ڏيندو هيو تہ اسان ٽنيڙي کي پري ڪري ونڌا هياسين تہ متان ان کي وار يا نچ ڪري جراثيم بيمار نہ ڪري وجهن. ڪڏهن راڪو کي لت هڻي ٽنيڙيءَ کان پري ڪندا هياسين تہ هوءَ ڪاوڙ ڪندي هئي.

سڄي پڌر ۾ ڪاڏو ڦهليل هوندو هو. پاروٿي بدبودار ڪاڏو ان اڳيان اڇلايو ويندو هو جنهن کي سنگهي هو پري پڇي ويندو هو. مان ڪڏهن تازي ماني رس ۾ پوري ڏيندو هيس تہ هو خوشي سان ڪائيندو هو. مان محسوس ڪندو هيس ان جون اکيون مون پويان گهمنديون هجن. ان کي منهنجي ڪاڏي جو انتظار هوندو هو ۽ مان ڪوشش ڪندو هيس تہ هو بک نہ مري.

جڏهن مون کي پوٽو ڄايو ته اهي خوشيءَ ۽ اداسيءَ جا گڏيل لمحا هئا. خوشي ان ڳالهه جي ته ان ڄايل پوٽي جي شڪل صفا منهنجي موڪلائي ويل پٽ جهڙي هئي. محسوس ٿي رهيو هيو ته اهو موٽي آيو آهي ۽ اداسي ان ڪري جو منهنجي ننڍي پٽ جي ڪينيڊا وڃڻ لاءِ تياري مڪمل ٿي چڪي هئي. هو گهڻي وقت کان ان ڪوشش ۾ هيو ته ڪيس مليل قانون جي ڊگري جي آڌار تي ڪينيڊا جي شهريت ملي وڃي. هو انٽرويو ۾ پاس ٿيو ۽ پنهنجا ڪاغذ جمع ڪرائي ڇڏيائين.

ڪتو نافرمان ٿي سگهي ٿو جڏهن توهان ان سان حد کان وڌيڪ پيار ڪيو. مون راڪو کي پونڪندي ڏسي ٻه چار دفعا پادر ڏيکاريو هيو ته هو هيسجي چپ ٿي ويو هيو. توهان اولاد کي ڪتن سان ڀيٽي نه ٿا سگهو ڇو جو اولاد باغي ٿي پوي ته ڪتا انهن کان پناهه وٺندا آهن. دنيا ۾ ڪو ڪتو اهڙو به هيو جيڪو مالڪ جي پونڊي ڏيڍ سان مري ويو. ڪي ڪتا اهڙا به آهن. جيڪي جهنگ ۾ انسان کي ڏسي شرميلي عورت جيان وڻن پويان لڪي پوندا آهن. ڪي ڪتا راڳ ڳائيندا آهن. انهن جو آواز ايڏو ته مٺو آهي. جو جهنگ ۾ ماکيءَ جون مکيون انهن جي راڳ مان ماکي ٺاهينديون آهن ۽ ڪي ڪتا اهڙا جو پونڪن ته انهن جي پونڪ تي دل ڦاٽي پوي. نسل جي مٿان آهي. ڪتي جيان انسان جا به نسل آهن ڪتو انسان مان پيدا ٿيل آهي ۽ انسان ڪتي مان. ڪتو انسان مان چڱايون چونڊي کڻي ويو ۽ انسان ڪتي جي حيوانيت ۾ جيئي ٿو.

مون پنهنجي پٽ کي جواب ڏنو.

"ڪڏهن به پنهنجو وطن نه ڇڏيندس."

هن بدامنيءَ جا سوين مثال ڏنا جيڪي منهنجي هڪ ڪن مان وڃي ٻئي ڪن مان نڪري ويا. ٻن ڪنن وچ ۾ سرنگهه آهي. جنهن مان لفظ اچن وڃن ٿا. توهان ٻئي ڪن کولي ڇڏيندا ڪيو يا ٻئي ڪن بند ڪري ڇڏيندا ڪريو. ڪڏهن به هڪ ڪن کولي ٻيو ڪن بند نه ڪندا ڪيو. لفظن جا ماڪوڙا رستو منجهڻ ڪري توهان جو دماغ کائي چٽ ڪري ڇڏيندا.

منهنجو پٽ اهو چئي ٻار ڇڏي ڪينيڊا هليو ويو ته شهريت جون قانوني گهرجون پوريون ٿي وڃڻ ڪان پوءِ ٻارن کي گهرائي وٺندو. مون ان کي نه روڪيو. هو جوان هيو ۽ ڪيس زندگي گذارڻ جو حق هيو. اسان پنهنجا فيصلا مڙهي ٻئي جو رستو ڪيئن ٿا روڪي سگهون؟ غلط فيصلا نفرتن کي جنم ڏين ٿا ۽ نفرت نافرمانيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

"مان تنهنجن ٻارن جو خيال ڪندس." مون ڪيس خاطري ڏني.

جتي ٻار پلجندا آهن. اتي ڪتو به پلجي ويندو آهي. بيماريون ڪتي کان ڀڄنديون آهن. ڪتا ڪنو پاڻي پي ۽ پاروٿو کاڌو کائي صحتمند رهي سگهن ٿا. انسان ڪتي واري زندگي جيئي ها ته ڪڏهن جو ڌرتيءَ تان نابود ٿي وڃي ها. تنڊي هوندي ڏسندو هيس ڪتا ڪسيءَ مان پاڻي پيئندا هيا ۽ جيئندا هيا. پاڻيءَ جي نلڪن ۾ ڪسيءَ جو پاڻي ملي وڃي ٿو ته انسانن جي لوڏ بيمار ٿي پوي ٿي.

ڪتا مرندا آهن ته خبر ناهي ڪيڏانهن ويندا آهن. مون ڪڏهن ڪتن جو قبرستان نه ڏٺو آهي. سواءِ هڪ قبر جي جيڪا ڪوهستان ۾ آهي ۽ ان قبر ۾ ڪتن جو نبي دفن ٿيل آهي.

دنيا انسانن لاءِ به نهي هئي. اها جراثيمن لاءِ نهي هئي ۽ جراثيم انسانن جو شڪار ڪن ٿا. جڏهن منهنجو پٽ ڪينيڊا ويو ته ننڍڙي تي روٽا وائرس جو حملو ٿيو. هوءَ ڳاڙهي گلاب جهڙي ڇوڪري هيڊي سورج مکيءَ ۾ تبديل ٿي وئي.

التين ۾ ۽ پيٽان هن جو پاڻي نڪري ويو. اسپتال ۾ داخل ڪرائڻو پيو. ان جي حياتي وڏي هئي جو بچي وئي. ڪينيڊا ۾ منهنجي پٽ هڪ ٻيو قانون جو امتحان پاس ڪيو ۽ ڪيس گورنمينٽ ۾ پراسيڪيوٽر جي نوڪري ملي وئي. ان عرصي دوران مون کي تمام گهڻو ڀوڳڻو پيو. ٻار اڪثر بيمار ٿيندا آهن جو انهن تان ٿوري نظر هٽاءِ ته تاڙ ۾ بيٺل بيماري انهن تي حملو ڪندي آهي. بيماري ٻليءَ جيان هوندي آهي، جنهن جو ڌيان اوهان جي ٻوڙ تي هوندو آهي پر ڏسندي توهان جي اکين ۾ آهي. ٿوري نظر پري ڪيو ته وٽيءَ ۾ وات وجهي ٻوٽي کڻي ويندي آهي. بيماري ڪتي جيان

اجازت وٺي ڪائڻ شروع نہ ڪندي آهي. انسان بيمارين جو رزق آهي. دنيا جي جهنگ ۾ انسانن جا ولر بيمارين جو شڪار گاهہ آهن.

منهنجي گهرواري اڪثر بيمار رهڻ لڳي. اها ڪيترن سالن کان انسيولين تي هئي. ان کي شگر ۽ بلڊ پريشر جي بيماري ائين هئي جيئن لوڻ ۾ ڪنڊ مليل هجي. اها سڄو ڏينهن بستري تي ليٽيل هوندي هئي. ڪڏهن پڇندي هئي.

”منهنجو پٽ ڪڏهن واپس ايندو؟“

مان ڪيس دل جاءِ ڏيندو هيس.

”جلد ايندو ۽ واپس نہ ويندو.“

”ڪيئن نہ ويندو؟“ هوءَ چوندي هئي. ”مون کي سڀ خبر آهي. هو ويندو ۽ وري واپس نہ ايندو.“

اهڙي ڳالهہ ڪرڻ کان پوءِ هن جي منهن تي ڏکي لڪير ظاهر ٿيندي هئي ۽ ڏکي ساهہ کڻڻ سان مٽجي ويندي هئي.

راڪو اڪيلو ۽ نراس ٿي ويو هيو. مسلسل ڀونڪندو هو. مان جڏهن بہ گهرواريءَ سان ڳالهائيندو هيس تہ ان جي ڀونڪ رکنو وجهندي هئي.

”ان کي هاٽي ڪڍي ڇڏ.“ منهنجي گهرواري چوندي هئي. ”ڪهڙو ضرور آهي. ڪتن پالڻ جو ڀار تہ پالي نہ سگهياسين. ڪتا پالي ڇا ڪنداسين؟“ راڪو جي ڀونڪ دل ڦاڙ هوندي هئي. اهو ڀونڪندو هيو تہ دل ائين ڌڙڪندي هئي جيئن اندر ۾ ڏڪ پرڻندي هجي.

پيار برداشت سيکاري ٿو. پيار ٿي آهي جيڪو خوف کان نجات ڏئي ٿو. توهان جو ڪنهن شيءِ سان پيار هجي تہ ان جي رڙ توهان جي ڪنن کي سرور ڏيندي. پيار نہ آهي تہ ساڳي رڙ ڪن ۾ ڪليءَ وانگر ڪپي ويندي. توهان جو اندر خوش آهي تہ هر شيءِ سٺي لڳندي. خوش نہ آهي تہ چڱائين تي بہ چڙ ايندي. راڪي سان اسان جو ساڳيو پيار نہ هيو. ان ڪري سندس ڀونڪ عذاب ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. مون سوچيو هيو جڏهن منهنجو پٽ ڪينيڊا کان ايندو ان سان راڪي بابت ڳالهائيندس تہ هو واپس وڃڻ کان

اڳ ان کي ڪنهن ٻئي حوالي ڪري وڃي ڇو جو جيڪو پنهنجو خيال رکي نہ سگهي اهو ڪتي جو ڪهڙو خيال رکندو؟

منهنجو پٽ فون تي ڳالهائيندو هيو. هڪ ڏينهن ان ٻڌايو تہ "دنيا جا سڀ کان خوبصورت ڪتا ڪينيڊا ۾ آهن. توهان کي لڳندو تہ ڇڻ اهي ڪتا آهن ئي ڪونہ پر ٻئي مخلوق آهن."

"توکي پنهنجو هتي ڇڏي ويل ڪتو بہ ياد آهي يا نہ؟ متان پرڏيهي ڪتن ڪري پنهنجو ڏيهي ڪتو وساري ويهين."

هن فون تي ٺهڪ ڏنا. ٺيڪ ان وقت ڇڻ راڪو ڀونڪڻ لڳو. مون ڀونڪندڙ راڪي کي هشڪر ڏني. محسوس ٿيو اهو ڀونڪي نہ رهيو آهي. اهو منهنجن ڪنن جو وهم هيو. پٽ جون ڳالهيون ٻڌي مون کي خوف ورائي ويو تہ متان هُو اتي ئي شادي نہ ڪري. جيڪڏهن ان ائين ڪيو تہ سندس ٻار ڪير سنڀاليندو.

هڪ دفعي ان ٻڌايو "ڪينيڊا ۾ سيءُ ايڏو ٿو پوي جو اسان جي ملڪ جو ڪتو هتي اچي هڪ ڏينهن بہ جيئرو رهي نہ سگهندو."

مون سندس ڳالهين تي اعتراض ڪيو.

"توکي صرف ڪتا ياد آهن يا ماڻهو بہ ياد ڪندو آهين؟ هتي تنهنجي ڇڏيل ڪتي جي حالت خراب آهي. مان ان جو وڌيڪ خيال رکي نہ ٿو سگهان. چوين تہ ڪتن جي ڪباڙيءَ کي ڏئي ڇڏيان؟"

"ڪتن جو ڪباڙي؟" هن حيرت مان رڙ ڪئي.

"ها" مون چيو "آهي هڪ نياڳو چوڪيدار جيڪو مون کي چوي ٿو تہ جيڪڏهن ڪتي مان بيزار ٿيو آهين تہ مون کي ڏي، ڇو جو مون کي هڪ ڪتي جي سخت ضرورت آهي. جيئن اهو مان پاڻ وٽ رکي رات جو آرام سان سمهي سگهان."

هر مذاق جي حد اچي ڪتي جي شخصيت تي ڪٿي ٿي. ڇو جو ڪتن کي مذاق سمجھ ۾ نہ ايندي آهي. اهي هر ڳالھ کي سچ سمجهندا آهن. ان ڪري ڪڏهن بہ مذاق ۾ ڇڪ نہ پائيندا آهن. دنيا ۾ سڻن انسانن ۽ ڪتن جي حياتي ننڍي آهي. سٺا انسان جلد موڪلائي وڃن ٿا ۽ ڪتن

جي حياتي قدرتي طور ننڍي آهي. راڪو ٻار هيو جوان ٿيو ۽ اڌ وهيءَ جو هيو پر هن جي عمر رڳو ٻارنهن سال هئي. ٻارنهن سالن ۾ ڪيس مادي نصيب نه ٿي. ڇو جو ڪڏهن گهر کان ٻاهر نه نڪتو. هر طرف رولو ڪتا هئا ۽ ان جي رولو ڪتن سان لڳندي نه هئي. رولو ڪتا راڪي جي شخصيت ڏسي پري ڀڄي ويندا هيا. ائين لڳندو هيو راڪو وڏي رعب تاب وارو هجي. ان جي وردي‌ءَ کي ٻيج لڳل هجن.

منهنجو پٽ فون تي ڳالهائيندي ڳالهائيندي هڪ ڏينهن جڏهن فون مان ٻاهر نڪري آيو. هن ٻڌايو ته "جهاز ۾ ارڙهن ڪلاڪ سفر ڪري ڏاڍو ٿڪجي پيو آهي. جيئن ته ڪينيڊا ۾ هن وقت رات هوندي. ان ڪري ڏينهن جو پنهنجي ملڪ ۾ سمهڻ چاهيندس. جيسين وقت پاڻ ۾ ملي هڪ نئين وقت ۾ ظاهر نه ٿي."

سمهڻ کان اڳ هو ماءُ ۽ ٻارن سان مليو. راڪي هن کي ڏسي ابتا سبتا ٽپا ڏنا ۽ پنهنجين ميرين ٽنگن سان وچڙي هن جي شاندار ڪپڙن کي خراب ڪيو. منهنجي پٽ ڪجهه ڪينيڊا جون ٽافيون هن آڏو اڇلايون ۽ راڪو ائين کائڻ لڳو جيئن ان کي اهڙيون ٽافيون کائڻ جي عادت هجي. هو پڇ لوڏي وڏيڪ ٽافين جي فرمائش ائين ڪرڻ لڳو جيئن ڪيس اهڙيون ٽافيون روز نه مليون ته هو منشيات جو عادي ٿي ويندو.

اها چوڏهين جنوري‌ءَ جي گرم رات هئي. جڏهن منهنجي نرڙ جا پگهر نه پئي سڪا ۽ منهنجو پٽ ماءُ کان موڪلائي ٻار وٺي ڪينيڊا روانو ٿي ويو.

هن ويڻ وقت ڪيسي مان ٽافي ڪڍي راڪو اڳيان اڇلائي ۽ راڪو جهٽ ۾ کائي هن کي ائين ڏسڻ لڳو جيئن هن لاءِ ٽافيون وٺي ٻاهر ويندو هجي.

(10)

گهر خالي ٿي چڪو هو. ڪا شيءِ پريل هجي. اڏ هارجي پوي پوءِ اڏ پريل هجي تہ خالي نظر ايندي. اها مايوسيءَ جي نشاني آهي تہ اڏ پريل شيءِ خالي نظر اچي. مان مايوس ٿي چڪو هيس. انسان جيئن سوچي ٿو ضروري نہ آهي تہ ائين ٿئي. مون اهو سوچي وڏو گهر ٺهرايو هيو تہ ان ۾ منهنجا پٽ پنهنجن ٻارن سان رهندا ۽ هر طرف رونق هوندي پيار خوشي ۽ ٽهڪ هوندا پر ائين نہ ٿيو ۽ هاڻي گهر اڏ خالي هوندي سڄو خالي نظر اچي رهيو آهي.

گهر جيڏو وڏو هوندو تيڏو خالي نظر ايندو. گهر ان کي چئبو آهي جتي ماڻهو رهن. ويران گهر خاموشيءَ جو قبرستان هوندو آهي. وقت جو ڪوريئڙو گهر کي چار ۾ ڦاسائي خاموشيءَ سان ڪائي ويندو آهي.

پٽ جي وڃڻ کان پوءِ اداسي ويا جي صورت ۾ ورانڊن ۽ ڪمرن جي اونداهہ ۾ لڪي ويهي رهي. اهي سانوڻ جا ڏينهن هيا جڏهن منهنجي زال تي اڏ رنگي جو حملو ٿيو.

ان کي اڏ رنگو انڪري چوندا آهن جو ان ۾ اڏ رنگ زندگيءَ جو ۽ اڏ رنگ موت جو سمايل هوندو آهي. ماڻهو اڏ مئل، اڏ جيئرو هوندو آهي. اڏ جيئرو حصو اڏ مئل کي سهارو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي پر سهارو ڏئي نہ سگهندو آهي. ان ڪري هر هر سهاري جي ضرورت پوندي آهي ۽

منهنجي زال کي هڪ اهڙي سهاري جي ضرورت پوڻ لڳي. نوڪرياڻي هن وٽ ڪجهه ڪلاڪ رهندي هئي ۽ هلي ويندي هئي. هن جو باقي وقت بستر تي گذرندو هيو. هن هڪ دفعي چيو "سانوڻ ايڏو جلدي ڇو ايندو آهي."

مون سوچيو جڏهن به سانحو ٿيو مينهن جي مند ۾ ٿيو. مينهن جي مند نه هوندي آهي. سانحن جي مند هوندي آهي. الميا نه هجن ته سوڪهڙو هجي ۽ ماڻهو بک مرن. مون ان جي اهڙي سوال تي جواب ڏنو. "ڇو جو مينهن جي مند ڪڏهن ختم ٿيڻي نه آهي."

ان سانوڻ ۾ مينهن سدائين جيان سرس وسيو. رستن تي بيٺل ٻوٽا وڏيڪ ساوا ٿي ويا ۽ انهن هيٺا گُل ڪيا. ٻوٽا توهان کي، توهان جي مجاز موجب گل ڏيندا آهن. توهان خوش آهيو ته هر طرف ڳاڙها گل نظر ايندا ۽ اداس آهيو ته هيڻن گلن کان سواءِ ڪجهه نه ڀوندو.

راڪو ٽيريس ۾ سمهيل هوندو هيو. هڪ ٽيريس مٿان ٻي ٽيريس نهيل آهي، جنهن ڪري هيٺين ٽيريس مينهن کان بچيل هوندي هئي. آسمان ۾ گجگوڙ سان گڏ وڄ چمڪندي هئي ته اهو اٿي ڀونڪڻ شروع ڪندو هيو. ڪتو ڪتي کي نه سهندو آهي. ڪتو ٻئي ڪتي سان ڀونڪ جو مقابلو ڪندو آهي. ڪوهن کان ايندڙ ڪتي جي ڀونڪ ٻئي ڪتي کي ڀونڪڻ تي مجبور ڪندي آهي ته صرف تون ڪتو نه آهين. دنيا ۾ تو کانسواءِ ٻيا به ڪتا آهن ۽ اهي تو جيان ڀونڪي سگهن ٿا.

خاموشي ۽ اداسي، پوري ۽ ڪاري رنگ جا ڪبوتر آهن ۽ ڪبوتر ڳٽڪندا آهن. راڪي جي رکوالي مون کان زور پئي ٿيندي وئي. مون کي لڳندو هيو منهنجو ڪِهو پاسو سڪي ويو آهي. ڪڏهن ڪا شخصيت توهان تي ائين حاوي هوندي آهي جو توهان جي شخصيت ختم ٿي ويندي آهي ۽ توهان ڪنهن ٻئي شخصيت ۾ تبديل ٿي ويندا آهيو. منهنجي زال جو اڌ رنگو منهنجي شخصيت جو حصو بڻجي چڪو هيو. اها پٽن کي ياد ڪري روئي پوندي هئي ته ان جي هڪ اک روئندي هئي ۽ لڳندو هو ٻئي اک پرچائيندي هجي.

انسان جي ذڪر ڪان سٺو آهي ته ماڻهو ڪتي جو ذڪر ڪري. مان ان سان ڪنهن ٻئي موضوع تي نه ڳالهائيندو هيس ڇو جو ڪتن جي موضوع ڪان سواءِ ٻيا سڀ موضوع دردناڪ هيا.

"جڏهن ماڻهو پاڻ کي پالي نه سگهندو آهي ته پوءِ ڪتي کي به پالي نه سگهندو آهي" مون چيو.

هن اداس اکين سان مون ڏانهن ڏٺو ۽ چيو "ڪتا انسانن جي نشاني هوندا آهن ۽ اسين ڪتي کي ڏسي انسانن کي ياد ڪندا آهيون." ڪنهن کي ياد ڪرڻ سان ماڻهو پاڻ به ماضيءَ جو حصو ٿي وڃي ٿو. جيئي اهو ٿو جيڪو حال ۾ جيئي ٿو. هوءَ ماضيءَ کي ياد ڪندي ماضيءَ جو حصو ٿي وئي. هوءَ گمنامين کي ياد ڪندي ڪوما ۾ هلي وئي. ڪوما زندگي ۽ موت جي وچ تي لڳل خيمو آهي. حياتي ۽ موت جي وچ تي ريگستان ۾ ڪهڙو اڻ نصيب ٿئي ٿو. ڪا خبر نه آهي. اڻ يا ته توهان کي زندگيءَ جي سرحد تي ڇڏيندو يا موت جي سرحد پار ڪري اڻ ڏٺل راهه ڏي ڪاهي پوندو قسمت جي اڻ کي دماغ نه هوندو آهي. مٿان ڪير ويٺل آهي اها ڪيس خبر نه هوندي آهي. هن لاءِ واڳ جو اشارو ڪافي هوندو آهي ۽ اها واڳ گهٽو ڪري موت جي هٿ ۾ هوندي آهي.

هوءَ گذاري وئي ڇو جو اسين گذاري ويندا آهيون. گذرندا آهيون ۽ گذاري ويندا آهيون. پويان هر شيءِ ساڳي هوندي آهي پر اها اسان لاءِ نه هوندي آهي. اسان ان لاءِ هوندا آهيون ۽ اها اسان سان گڏ دفن ٿيندي آهي. ڪائنات کي اسان جون اکيون آهن. هڪڙيون اکيون ٻوتجن ٿيون. ٻيون اکيون کلجن ٿيون.

هوءَ هلي وئي ۽ مان اڪيلو رهجي ويس. مرڻ وقت هوءَ مون کي ڪتي جي حوالي ڪري وئي. ڪتو ان رات دل کولي ڀونڪيو هيو جنهن رات منهنجي زال گذاري وئي. فرشتا ڪتي کي نظر آيا ۽ ڪتي انهن جي گهر ۾ گهڙڻ تي سخت اعتراض ڪيو. فرشتا ۽ چور ڪتي اڳيان ڪا معنا نه ٿا رکن. ٻئي چوريءَ جي نيت سان ايندا آهن. چور مال چوري ڪندا آهن ۽ فرشتا مال وارا.

منهنجي ماءُ ٻڌائيندي هئي. جڏهن هن جي بيمار مامي کي ڳوٺ کان شڪارپور علاج لاءِ ٽانگي ۾ ڪڻائي پئي ويا ته گهوڙي گهه ڪيو هيو. هن هلڻ کان انڪار ڪيو هيو. ٽانگي واري ان کي ٽنگن ۾ چهبڪ هنيا پر هو هٽڪي ٽپا ڪائي بيهي رهيو. امڙ ٻڌايو هيو ته گهوڙو ملائڪ آهي ۽ ان کي ملائڪ نظر ايندا آهن. جڏهن مامي کي ٽانگي ۾ چاڙهيو هيائون ته گهوڙي ملائڪن کي ڳوٺ ۾ داخل ٿيندي ڏٺو هيو ۽ پوءِ اهي ٽانگي ۾ ويٺل مامي جو روح قبض ڪري ويا.

گهوڙي ۽ ڪتي ۾ فرق آهي. گهوڙو ملائڪن جو دوست ۽ ڪتو ملائڪن جو دشمن آهي. گهوڙو ملائڪ ڏسي انهن جو آڌر ڀاءُ ڪندو آهي ۽ ڪتو ملائڪ ڏسي انهن تي ڀونڪندو آهي. جنگ جي ڏينهن ۾ گهوڙو حلال ۽ ڪتو حرام هوندو آهي. ڪتو پليت آهي. مان جڏهن به ڪتي کي ڇهيو ته سدائين هٿ ڌوتا. ڪتو ڏسندو هو ته مالڪ مون کي ڇهي هٿ ڌوئي ٿو پر پوءِ به ان وٽ پنهنجي پليت هجڻ جو احساس نه هوندو هو. هن ڪڏهن به منهنجي ان عمل تي ناراضگيءَ جو اظهار نه ڪيو.

منهنجي زال گذاري وئي. هرڪو گذاري وڃي ٿو. جڏهن ڪو پيارو گذاري وڃي ٿو ته ڏک جهنگلي جانور جيان حملو ڪري ٿو. جڏهن ڪو واقفڪار گذاري وڃي ٿو ته ڏک ڪن وٽ ڪنهن مک جيان هجڻ جو احساس ڏياري ٿو ۽ جيڪو واقف نه آهي، ان جو موت توهان لاءِ ڪا معنيٰ نه ٿو رکي. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهن سان پيار نه ڪيو نه ته انهن جو موت توهان کي ماري وجهندو. ماڻهن سان واقفيت نه وڌايو ان ڪري ته انهن جو موت توهان کي متاثر ڪندو. لاتعلقيءَ اڳيان موت جي ڪا اهميت نه آهي. اڪيلائي گهڻن عذابن کان بچائي ٿي. يادون اڪيلائيءَ جون دشمن آهن. سوچون اهڙا ڏاڍا آهن جن ۾ قاتل ڪڏهن آزاد ٿي نه ٿو سگهي. لاتعلقيءَ لاءِ انسان جو چريو هجڻ ضروري آهي. ان لاءِ جانور ٽيڙو ٿيندو ڇو جو جانور دنيا جا اهي چريا ساهوارا آهن جن تي ڏک جو اثر انسانن جي مقابلي ۾ نه هجڻ برابر آهي.

هڪ خالي گهر ۾ چريو انسان ئي رهي سگهي ٿو. ان لاءِ مون کي جانور ٿيڻو پيو ۽ سڀ کان سٺو جانور هڪ ڪتو آهي. ڪتي پنهنجو نفس مون کي ڏنو ۽ مان نفس ماري ڇڏيو ان ڪري ڪتي ۽ مون وٽ نفس نه رهيو. مون جڏهن به انسانن کي ياد ڪيو ته ڪتي لاءِ منهنجي عزت وڌندي وئي. اڪيلي گهر ۾ ڪتو منهنجو ساٿي هيو. مون ان کي پاڻ وٽ ويهاري دل جا حال ٻڌايا پر ڪتو عظيم هو. ان وٽ ڪهڙا درد هئا ڪڏهن نه ٻڌايو. اها انسانن جي خصلت آهي ته اهي ڏک ٻڌائي هلڪا ٿيندا آهن. ڪتي وٽ ڏک جو تصور نه آهي. هن کي خبر نه آهي ته ڏک ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو. مون پنهنجي من جي مونجهه گهٽائڻ لاءِ ڪتي سان ڳالهايو.

"انسان جو مقدر اڪيلائي آهي." مون چيو ۽ ڪتو سامهون چپ ڪيو سهڪڻ لڳو. مون ان جي اکين ۾ ڏٺو اهي ڪنهن به تاثر کان خالي هيون. هن کي منهنجي ڳالهين سان ڪا دلچسپي نه هئي.

"انسان, انسان کي ڇڏي وڃي ٿو ڪيس پنهنجا مفاد عزيز آهن. ڪو مري بيوفائي ڪري ٿو ۽ ڪو جيئري جدائي ڪري ٿو. ڪتا تون عظيم آهين. ڏک سک ۾ گڏ رهين ٿو. تو وٽ رشتا نه آهن. تون ڪنهن محبوبا جو متلاشي نه آهين. توکي خبر نه آهي ته عشق ڪهڙي آفت جو نالو آهي. تون پنهنجن نسلن کان لاتعلق آهين. تنهنجو پنبنجو ڪو ڪٽنب نه آهي. تون انسانن جي ڪٽنب جو حصو ٿي اڪيلائين جو عروج ماڻين ٿو. ڇو جو تون ڪڏهن مڪمل انسان ٿي نه سگهندين ۽ نه ماڻهو ڪڏهن مڪمل ڪتا ٿي سگهندا. تون منفرد آهين ۽ منفرد اڪيلو هوندو آهي. ان ڪري جو انفراديت جو مفهوم اڪيلائي آهي.

مان جيئن ڳالهائيندو ويس منهنجو ڪتي سان پيار وڌندو ويو. پيار ڪهڙو به هجي اهو قاتل آهي. پيار انسان سان هجي يا ڪتي سان. ٻنهي صورتن ۾ موتمار آهي. پيار انسان کي تباهه ۽ برباد ڪري ٿو. پيار زندگي ويران ڪري ٿو پر پوءِ به پيار نه ڪري انسان ڪيڏو ڏکي ٿئي ٿو. پيار بنا انسان پاڻ کي ڏوهي ۽ نامڪمل محسوس ڪري ٿو. پيار عجيب بيماري

آهي، شفاياب ٿي به تندرستي حاصل ڪري نه ٿي سگهجي ۽ مبتلا رهي به صحتمند نه ٿو رهي سگهجي.

مان ان وڏي گهر جي ڪمرن، ورانڊن، ڊاڪٽين ۽ ٽيرس ۾ پيو چڪر هڻندو هيس. ويران گهر جي هر ڪنڊ وٽان ماضيءَ جي پونڪ منهنجي ڪنن سان ٽڪرائجي هڪ انساني صورت ۾ تبديل ٿي ويندي هئي. منهنجي موڪلائي ويل پٽ جو چهرو گهر جي فرش جي هر ٽائل ۾ نظر ايندو هيو. رنڌڻي ۾ ٿانون ۽ چوڙين ڪڙڪڻ جو آواز ايندو هو. منهنجي زال مرڻ ڪان پوءِ ماني بچائيندي هئي. ڪينيڊا ويل پٽ جي ٻارن جا آواز ڪمري جي ڪنڊن ۾ پيل هوندا هئا ۽ اوباسيون وات کولي منهنجي ٻيان گهمنديون هيون.

مون ڪتي کي تازو پڪل ڪباب کارايو ۽ پاڻ به کاڌو. اڪيلائيءَ جهڙو استاد مون نه ڏٺو. توهان بورچي، ڌوبي، پنگي ۽ پنهنجا نوڪر ڇڏجي وجو ٿا. سوچيندو آهيان جيڪر انسان مڪمل ڪتو هجي ها ته ان جون ضرورتون ايڏيون نه هجن ها. نه پائي ها نه پچائي ها. مالڪ جي در تي مالڪ کي ڏسي مري وڃي ها. انسان صدين کان مالڪ لاءِ مري رهيو آهي. نه ان کي ڪڏهن مالڪ نظر آيو ۽ نه مالڪ جو پاڇو. اهو مالڪ لاءِ مري ٿو ۽ ماري ٿو. انسان مڪمل ڪتو هجي ها ته ان جو مذهب انسانيت هجي ها. انسانيت ڪڏهن به انسانن جو مذهب نه رهيو آهي، اهو ڪتن جو مذهب آهي. ڪتن جي مذهب ۾ انسان مالڪ ۽ انسانيت مذهب آهي.

انسانن جون ڳالهيون ياد ڪري منهنجي من ۾ ڪتي لاءِ نفرت ختم ٿي چڪي آهي. ڪتو ڳالهائي نه ٿو ٻڌي ٿو. هو يادن کي گهر جي چانٺ ٽپندو ڏسي پونڪي ٿو. يادن کان وڏو چور ڪير آهي. جيڪي سڪون چوري ڪن ٿيون. ڪتي جي هر پونڪ تي مان ماضيءَ جي هلندڙ راهن تان واپس موٽ کاوان ٿو. ڪتو رستو روڪي ٿو ۽ مون کي مون تائين محدود ڪري ٿو.

(١١)

جيئن وڻ ٽڻ ۾ ٻوٽن لاءِ پاڻي ضروري آهي، ائين اڪين لاءِ ڳوڙها ضروري آهن. سوڪهڙي جي موسم ساوڪ ۾ اڪين کي وڏو نقصان پهچائي ٿي. اڪين تي سوڪهڙو تڏهن نازل ٿيندو آهي، جڏهن ڏک ۾ خوشيون موڪلائي وينديون آهن. اڪيون رڳو ڏک ڪري پرجي نه اينديون پر خوشيءَ ۾ پاڻيءَ سان آليون ٿي وينديون آهن.

ان دفعي سانوڻ نہ آيو ۽ مون سمجهيو اهي موڪلائي ويا. اس اهڙي تيز هئي جو ان جي ڏار جسم ڪٽي پئي. گرمي پنهنجي عروج تي هجي ۽ پگهر نہ اچي تہ خشڪ موسم جي انتها هوندي آهي. بلڪل ائين جيئن درد جي شدت هجي ۽ ڳوڙها نہ اچن تہ اها اکين جي ويراني جي انتها هوندي آهي.

خالي گهر مان قدمن جا آواز پڙندو هيس پوءِ منهنجيون يادون پنڌ ڪنديون هيون.

راڪي ڪجهہ وڏيڪ تيز پونڪڻ شروع ڪيو هو ۽ ان جي پونڪ مون کي صفا نہ وڻڻ لڳي. خاموشي اهڙو بارود هوندو آهي جنهن کي زندگيءَ جي وسيل رک مان اپرندڙ يادن جي چڻنگ ڌماڪي سان اڏاري ڇڏيندي آهي. انسان وٽ حياتي جي تجوڙي آهي. جنهن ۾ وقت ڪرنسي نوٽن جيان پيل آهي. اسين وقت وڪڻي يادون خريد ڪندا آهيون. پوءِ وقت ختم ٿي وڃي ٿو ۽ حياتيءَ جي تجوڙي يادن سان ڀرجي وڃي ٿي.

مان عڪس سان پيار ڪيان ٿو ۽ پاڇن کي چميون ڏيان ٿو. جيڪر تصور ۽ حقيقت جي وچ ۾ دري هجي ها. مان تصور مان ٽپو ڏئي حقيقت ۾ هليو وڃان ها. حقيقت کي بقا نہ آهي ۽ تصور فاني نہ آهي. حقيقت موڪلائي وڃي ٿي ۽ تصور بي وفا نہ آهي. اهو ڪيڏو نہ وڏو الميو آهي تہ ماڻهو حقيقت کي ڇهي سگهي ٿو پر تصور کي هٿ لائي نہ ٿو سگهي. جيڪر تصور بہ حقيقت ٿي پوي تہ مان تصور کي اورانگهي وري ماضيءَ جو حصو ٿي سگهان. پنهنجن وڇڙي ويل پيارن کي ڀاڪر پائي سگهان ۽ چميون ڏئي سگهان.

مان محسوس ڪندو آهيان اچ بہ جاءِ نامڪمل آهي ۽ ٻاهرين در هينان وٿيءَ مان منهنجا پٽ ۽ زال اچن ٿا. اهي مٿين نامڪمل منزل تي رهن ٿا. مان ڪنبر نما عمارت جي اوندهہ ۾ انهن جون ٻرندڙ اکيون ڏسان ٿو. اهي مون سان ڳالهيون ڪن ٿا.

"پنهنجي صحت جو خيال رکو." منهنجي پٽ جو آواز آيو. جيڪو بيماريءَ وگهي گذاري ويو.

"ها سبزيون کائيندو آهيان." مون جواب ڏيندي چيو. "گوشت کٽڻ لاءِ آهي." مان ان جا سڏڪن جهڙا ٺهڪ ٻڌان ٿو ۽ اڌ روئان ٿو اڌ کلان ٿو.

"ها بابا تون به پوڙهو ٿي وئين." هن چيو "لڳندو ائين هيو جيئن تون ڪڏهن پوڙهو نه ٿيندين."

مون گذريل وقت تي نظر ڦيري ته پاڻ کي سدا جوان نظر آيس. منهنجي منهن ۾ پوڙهائپ جا گهج نه هيا. وار نه ڇڻيا. جسم ساڳيو سڌو ۽ سنهڙو هيو. اسان جي جوانيءَ کي وقت جي نظر لڳندي آهي ۽ پوڙها ٿي ويندا آهيون.

"پر پٽ تون پوڙهائپ نه ڏٺي." مون کيس جواب ڏنو. "شايد تون جوانيءَ جي دعا گهري هئي ۽ ڪڏهن پوڙهو نه ٿئين."

هن جا ٺهڪ منهنجن سڏڪن ۾ تبديل ٿي ويا.

"بابا مان تو وٽ روز ايندس." هن چيو "پر منهنجو انتظار نه ڪجانءِ ڇو جو انتظار وقت جو دشمن آهي. وقت اوسيئڙي ۾ اٽڪي اڳتي نه ٿو وڌي ۽ ائين ڪائنات وقت بنا ئي اهميت وڃائي ويهي ٿي."

مون کيس حيرت مان ڏٺو ۽ چيو "تون هاڻي سياڻو ٿي ويو آهين. تنهنجون ڳالهيون ٻئي جهان کي ڇهن ٿيون."

هن پيار ۽ حسرت مان ڪتي کي ڏٺو. ڪتو ڊوڙندو هن ويجهو آيو ۽ هو ڪتي ۾ تبديل ٿي ريو.

چون ٿا ڪنهن ڪتي هڪ سياڻي جو لکيل ڪتاب غلطيءَ سان کاڌو ۽ پوءِ ڳوڙها ڳاڙيندو اڪيلو سمنڊ جي ڪناري تي ويهي سوچڻ لڳو. جيڪڏهن پاڻيءَ جي هڪ قطري ۾ سمنڊ سمايل آهي ته پوءِ منهنجن ستن ڳوڙهن ۾ ست سمنڊ سمايل هوندا.

مون پنهنجا ڪتاب الماڙين ۾ بند ڪري رکيا آهن. جيئن ڪو ڪتو کائي نه سگهي. ڇو جو ڪتاب جو اثر انسان کان وڌيڪ ڪتي تي ٿي سگهي ٿو. لکين ڪتاب پڙهي انسان. انسان نه ٿي سگهيو ۽ ڪو به ڪتاب نه پڙهي ڪتو ڪتو آهي. مون تصور ۾ جيڪي به ڳالهيون ڪيون اهي ڪتي سان ڪيون. پل تصور ۾ ڪير به هجي پر حقيقت ۾ سامهون ڪتو

هوندو آهي. ڇو ته هر شيءِ ۾ ساهه آهي، ڪا به شيءِ بي جان نه آهي. هڪ پٿر سان ڳالهايو، ان کي ڪن آهن. بي جان شيون ڳالهائينديون آهن پر اسين ٻوڙا آهيون. جيئن ڪتاب جي ٻولي اکيون سمجهنديون آهن. ائين چنڊ ۽ تارا ڪليل لفظ آهن. عرش ڳالهائيندو آهي ۽ فرش کي ڏهه زبانون آهن. اسان جا ڪن نالي ماتر آهن. مون هڪ ڀيري راڪي کي سڏ ڪري پنهنجي پير ۾ ويهاريو ۽ چيو "روز روز ڀونڪڻ جو ڪهڙو فائدو؟ تنهنجي ڀونڪ تي هنيانءِ سيني مان نڪري نڙيءَ ۾ ڦاسي پوي ٿو."

هو رڳو مون اڳيان چپ ڪيو سهڪڻ لڳو. هن جي خاموشيءَ ڪجهه لفظ چيا جيڪي منهنجي ڪن وٽان گذريا.

"معاف ڪجانءِ مالڪ توکي تڪليف پهچي ٿي، پر ڪتا نه ڀونڪن ها ته دنيا ٻوڙي هجي ها."

اڪيلائي "هجڻ" جو احساس ڏياري ٿي. اها ٻڌائي ٿي ته تنهنجو وجود موجود آهي. تون آهين ۽ اڪيلائي تنهنجي سڃاڻ آهي. پر اڪيلائي مايوس ڪري ٿي. چيڙاڪ ۽ بخيل ڪري ٿي. منهنجي دل حسد ۽ ڪوٽ سان پرجي آئي آهي. مان اهو ڏسي حيران آهيان ته انسان، انسان رهي جيئرو ڪيئن آهي؟ انسان، انسان سان ٺهڪ ڏئي ٿو. عشق ڪري ٿو ۽ پيار جي انتها تي پهچي بي وفائيءَ جو ڏک نه سهندي آپگهات ڪري ٿو.

اڪيلائي انسان جي ميراث آهي. جنهن ۾ سڀ ڪوتاهيون صحيح پر نجات آهن. هو آهي ۽ هن جو وجود هن جو آهي. سڀ جدا ٿي سگهن ٿا پر هن کي هن کان ڪو به جدا ڪري نه ٿو سگهي.

منهنجا يار يا منهنجا ڪتا، ڪير به وفادار نه آهي. مان پاڻ سان پاڻ وفادار ٿي سگهان ٿو پر پاڻ سان رهندڙ وفادار ٿي نه ٿا سگهن. اڪيلائي انسان جو مقدر آهي ۽ ان کي قبول ڪرڻو آهي.

مان راڪي جي ڀونڪ ڪڏهن برداشت نه ڪندس. ان ڀونڪ کي ڪيترائي چهرا آهن ۽ هر چهرو منهنجي اڪيلائيءَ جي توهين ڪري ٿو. مان اڪيلو رهندس ڪنهن به ڪتي جي ضرورت نه آهي. اهو سوچي مون راڪي کي گهر مان ڪيڏي ڇڏيو.

مون کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي آهي ته وسڪاري جي مند ۾ ڏڪن جا ڏينهن گڏ ڇو ايندا آهن. مون محسوس ڪيو در ڪان ٻاهر مينهن ۾ منهنجا ٻار روئندا هجن ۾ مون کي پڪ هئي ته اهي يادون آهن جيڪي اتي ويٺل آهن. يادن مان جان ڇڏائڻ جو طريقو اهو آهي ته توهان هر پراڻي شيءِ کي ٻاهه ڏئي ساڙي ڇڏيو. انهن ڪپڙن کي، بوٽن کي، ڦٽين ۾ فوٽن کي گڏ ڪري تيلي ڏئي ڇڏيو. اهي آئينا پڃي ڇڏيو جن اڳيان توهان ويهو ته عڪس ڪنهن ٻئي جو نظر اچي. اهي چانهه جا ڪوپ ۽ ٿانو بدلائي ڇڏيو. جن تي چپن ۾ آڱرين جا نشان آهن. ٿي سگهي ته گهر ئي بدلائي ڇڏيو ۽ پنهنجي دل کي بدلائڻ لاءِ ڪنهن وئيشا سان هم بستري ڪيو.

مون کي ياد آهي نامڪمل جاءِ جي ڀت جي سوراخ ۾ منهنجي پٽ جا ڪٽيل وار پيا هوندا هئا. اهي وار مون محفوظ ڪيا هئا ڇو جو نه پئي چاهيو ته سندس وار پيرن ۾ لتاڙجن. مرڻ کان پندرنهن ڏينهن اڳ مون کي محسوس ٿيو هو سندس مٿي جا وار وڌا ٿي ويا آهن ۽ حجم جو بندوبست ڪرڻ کان اڳ پڇيو هو.

"ڇوين ته تنهنجا وار ننڍا ڪرايان؟"

هن هڪ بي وس انسان جيان مٿي تي هٿ ڦيري چيو هيو "بس ٺيڪ آهن."

"پر مون کي سٺا نه ٿا لڳن." مون چيو هيو.

"ته پوءِ جيڪا توهان جي مرضي." هن بي دليءِ سان چيو هيو ۽ مون کي ڄڻ دل سان دعا ڏني هئي. "شل توهان جا وار اڇين ئي وڌندا رهن." وار وڌڻ زندگيءِ جي نشاني آهي. توهان جا وار ۽ ننهن وڌا ٿيندا رهن ته اها گواهي آهي، توهان جيئرا آهيو. مون حجم جو بندوبست ڪيو ۽ سندس وار لهرايا.

اڄ جڏهن ان ڀت کي پلستر اچي چڪو آهي ته اهي وار ڀت ۾ دفن ٿيل آهن. مون کي ڀت جو اهو حصو ڏسي ڏک ۽ خوف محسوس ٿيندو آهي. جڏهن ننڍڙو هيس ته ڪاٺ جي ان پراڻيءَ ڪرسيءَ کان ڊڄندو هيس جيڪا اسٽور ۾ رکيل هوندي هئي. ان ڪرسيءَ جي ٽنگ تي ڪنهن ماڪ ۽

پنهنجو مانارو ٺاهيو هو. مون مناري کي لٽ هنئين هئي ۽ ماڪيءَ جي مکين حملو ڪري منهن سڄائي ڇڏيو هيو. ان واقعي کان پوءِ ايڏو خوف ۾ ورتل هوندو هيس جو مناري جي ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ڪرسيءَ کان ڊڄندو هيس.

مون کي پلستر ٽيل پٽ جو اهو حصو ياد هو جنهن جاءِ تي منهنجي پٽ جا وار دفن ٿيل هئا. مان اتان تيزي سان لنگهي ويندو هيس. ڪيترا دفعا سوچيو ته پٽ کوٽي اهي وار ڪڍي ڪنهن ٻئي هنڌ دفنائي اچان پر مون ۾ اها همت نه هئي.

مان ڪتي کي ٻاهر ڪڍي هڪ ڏينهن به سک جي رات سمهي نه سگهيس. مينهن مسلسل وسندو رهيو ۽ ڪتو در ٻاهران ويهي روئندو رهيو.

مزي جي ڳالهه اها آهي ته ماضيءَ ۾ ڪا به خوشيءَ جي ڳالهه سمايل نه هوندي آهي. ماضي توهان کي در ٻاهران ڪتي جيان سدائين ڳوڙها ڳاڙيندي نظر ايندو. خوشي امت آهي ۽ درد خضر. امت جي عمر ننڍي ۽ خضر جي حياتي وڏي آهي. خوشي نيڪي جيان وسري ويندي آهي ۽ درد پنهنجي زخم ڪري سدائين يادن ۾ رهجي ويندو آهي.

در ٻاهران روئندڙ ڪتي جو درد منهنجي دل تي اثر انداز ٿئي ٿو. اسين پاڻ ۾ مرندا ۽ ٻين ۾ جيئندا آهيون. دل جي ڌڙڪڻ جو سبب موت جو خوف نه هوندو آهي. اسين پاڻ کي ياد نه ڪندا آهيون پر ٻين جي صدقي پنهنجين يادن ۾ جيئرا رهندا آهيون. موت توهان جي وسارڻ جو انتظار ڪندو آهي. جڏهن توهان کان يادون موڪلائي وڃن ته توهان دنيا مان موڪلائي ويندا آهيو. منهنجي زندگيءَ ۾ ڪتن جي عظمت جو سبب اهو ئي رهيو آهي ته توهان جن کي ياد ڪيو اهي نه رهندا آهن. انهن جون يادون وفادار ڪتي جيان توهان وٽ رهجي وينديون آهن.

گهر جي اڪيلائيءَ ۾ سوين ڪتا ڀونڪن ٿا. مينهن وسي ٿو ۽ عرش مان ڳوڙها ڪرن ٿا. مان ڪڏهن نه رنو آهيان. منهنجون يادون رنيون آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته اک مان وهندڙ هر ڳوڙهي ۾ يادن جو هڪ سمنڊ سمايل هوندو آهي. انسان دنيا ۾ زارو قطار روئي ٿو. لاتعداد ڳوڙها. لاتعداد سمنڊ



رسول ميمڻ جديد سنڌي ناول جي ٻي لهر جو سڀ کان وڏو ناول نگار آهي. اجا ٻه چوڻ کپي ته اُها لهر شروع ئي ڪانشس ٿئي ٿي. سريئلزم ۽ جادوئي حقيقت نگاري سندس ناول نگاريءَ جا اهم فني عنصر آهن. جڏهن ته فڪري طرح سندس تخليقون، مجموعي طرح، سائنسي فڪر ۽ مابعد الطبعيات وچ ۾ سفر ڪن ٿيون. ڪُتا ناول پڙهي آئون دنگ هوس ته ڪو سنڌي ناول نگار اهڙو ناول ٻه لکي سگهي ٿو ڇا! ڪُتا ناول سنڌي ناول نگاريءَ جي باليدگيءَ جو سڀ کان اهم ۽ بي مثال اهڃاڻ آهي. **علي آڪاش**

شاعري ڪهاڻيون ناول ۽ فلسفي تي اپياسي مضمون لکندڙ ڊاڪٽر رسول ميمڻ جيترو گهڻو لکيو اوترو ئي انهن لکڻين جو معيار اتم اوچو ۽ اعلي آهي. **طارق قريشي**

رسول ميمڻ سنڌي افسانوي ادب جو هڪ ليجنڊ هو. ڪتا ناول ۾ هن هڪ فيلسوف جيان ڳوڙها ويچار ونڊيا آهن. **منير چانڊيو**

رسول ميمڻ اڄوڪي دور جو ڏاهو لکاري آهي، جنهن جي تحرير جيتري آسان نظر ايندي آهي اوتري ئي ڳوڙهي هوندي آهي، جنهن جو مثال سندس هي ناول ڪتا پڻ آهي. **عباس ڪوريجو**

رسول ميمڻ جون لکڻيون عالمي ادب جو قدُڪاٺ رکن ٿيون. ناول ڪُتا جو ٻين ٻولين ۾ ٻه ضرور ترجمو ٿيڻ گهرجي. **بشير جتوئي**

عالمي ادب جون ڪجهه اينيمل اسٽوريز پڙهڻ کان پوءِ جڏهن ڪتا ناول پڙهيو ته مان يقين سان چئي سگهان ٿو ته سائين رسول ميمڻ سنڌي ناول کي عالمي معيار تائين ڪٺي ويو آهي. ان کي ڳوٺ جي گهٽين مان ڪڍي عالمي ادب جي (Main Stream) ۾ ويهاريو آهي

مير تقي عباس ٽالپر

منهنجو ذاتي خيال آهي ته جي هي ناول 'ڪتا' عالمي ادب جو حصو هجي ها ته شايد نوبل پرائيزڊ ناول هجي ها! **رفيق ڪوسو**

هن ناول جي خاص ڳالهه ڪتن جي نفسيات بابت دلچسپ معلومات ۽ زندگي جي ڳوڙهي اپياس کي تخليقي سٽن ۾ اظهارڻ آهي. مان سمجهان ٿو ته سنڌ جي ڪلچر ڊپارٽمينٽ کي هي ڪتاب انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري بين الاقوامي مقابلن ۾ موڪلڻ گهرجي ته جيئن دنيا کي خبر پئجي سگهي ته سنڌ ۾ ٻه عالمي معيار جو ادب تخليق ٿي رهيو آهي. **زيد پيرزادو**

جيڪڏهن رسول ميمڻ هي ناول نه لکي ها ته سندس اندر ۾ موجود اهي علامتي ڪُتا ڪيس ڪا ٻه رات ننڊ ڪرڻ ڪونه ڏين ها. اُنهن علامتي ڪُتن ڪيس ڏکي عرصي کان جاڳائي رکيو هو. هُو جاڳندو هو ۽ انهن علامتي ڪُتن کي تخيل سان جواب ڏيندو هو. انهن علامتي ڪُتن ۾ سماج جا ڪوڙ سارا عنصر شامل آهن. جن کي ناولنگار منفرد اسلوب سان بيان ڪيو آهي. **يوسف جميل لغاري**

نالو : صاحب خان ميراڻي

ولد : بهادر علي

ادبي نالو : سورھ ميراڻي

جنم : 08.04.1975

جنم هنڌ : ڪوٽ ڪٻڙو، تعلق

رتوديرو، ضلعو لاڙڪاڻو.

حال ائڊريس : غريب آباد محل

نئون ديرو، تعلقو رتوديرو.

تعليم : M.A سنڌي

ڪرت : اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر آف سنڌ پوليس

ان ڇپيل ڪتاب

ترقي، جا رڪاوٽ (ٻارن لاءِ ناول) ١٩٩٥ ع

ساڻر سهس ڪجن (شاعري) 2021 ع

ٻره منجهارا ٻوند (شاعري) 2022 ع

صاحب ديوان سنڌي شاعر (تحقيق) ان مڪمل

موبائل نمبر : 3919786 – 0344

3404488 – 0300

اي ميل : sahibkhanmirani0@gmail.com

سورهہ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوڀار

صاحب خان سورهہ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488